
آزادي ۽ انقلاب

۾ پارٽي اداڻ جي اهميت

عبدالواحد آريسر



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

آزادي ۽ انقلاب ۾ پارٽي ادارن جي اهميت

عبدالواحد آريسر

ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد

2023ع

ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد

ڪتاب جو نالو:	آزادي ۽ انقلاب ۾ پارٽي ادارن جي اهميت
مصنف:	عبدالواحد آريسر
ڇاپو:	پهريون:
تعداد:	1000
سال:	2023ع
ڪمپوزنگ:	عرفان ميمڻ
ڊيزائين ۽ لي آئوٽ:	سرمد اياز
ٽائيٽل:	عرفان ميمڻ
ڇپائيندڙ:	ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد
قيمت:	قيمت:-/450

Elsa Publication Hyderabad

Azadi ae Inqlab Me Parti Idaran ji Ahmyat

By: Abdull wahid Arisar

Composing: Irfan Ali Memon

Sating/lay out: Sarmad Ayaz

Title: Irfan Memon

Published By: Elsa Publication, Hyderabad

اڻپنا

عاجز منگي،
اقبال انڙ،
ننگر چنا،
عثمان پنهور
۽
ارباب پيل جي نالي.

واحد ڪانڊڙو

ايلسا پبليڪيشن پاران عبدالواحد آريسر جا ڇپيل ڪتاب

- اميد جو قتل
- اندر روح رهيام
- منهنجي اکڻ مساڳ جو وڻ [چونڊ نثري ٽڪرا]
- باک جو آواز [تقريرون] [مرتب، منصور مزاري]
- ورق ورق تاريخ [مرتب منصور مزاري]
- سنڌ عالمي تناظر ۾
- تاريخ جو فيصلو
- تاريخ جي سڌ جو جواب [خط] [مرتب، واحد ڪانڌڙو]

عبدالواحد آريسر جي شخصيت ۽ فن تي لکيل ڪتاب

- ٿر جو ماڻهو [مرتب، واحد ڪانڌڙو]
- سنڌ جو آريسر [طويل هائيڪو نظم] واحد ڪار
- مون اڻ ٽيڙا انسان ڏٺا [نصير مرزا]

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

□ اچوتـ تاريخ جا موتي ميڙيون: واحد ڪانڊڙو 06

□ مهاڳ : علي نواز آريسر 07

ليڪچر

1. آزادي ۽ انقلاب ۾ پارٽي ادارن جي اهميت 17
2. سنڌ (بينڪيت) ڪالوني ڪيئن آهي؟ 36

تقريرون

1. ڪهاڙي واري ڳاڙهي جهنڊي هيٺ متحد ٿيو 51
2. شهيد دودو سومرو 62
3. ازل جو استاد، عشق جو مڪتب ۽ منهنجو پڙهڻ 67
4. جيئڻ ڪاڻ جيڊيون، مون وڏا وس ڪيا 74
5. تاريخ جي شاهدي 81

مضمون

1. فيصلن ۽ عمل جي اهميت 85
2. تنظيم جون ڪمزوريون ۽ خاميون 96
3. سنڌ جي موجوده صورتحال ۽ اسان جون جوابداريون 102
4. نٽي ۾ ڏاڙيل 104
5. ماکي قدرت جو بيش بها عطيو 109

اچو تہ تاريخ جا موتي ميڑيون!

پراڻيون اخبارون ۽ رسالا (مخزن) چنڊي ڦوڪي ڪوليندا سين، تہ ورق ورق مان اکر اکر جي صورت ۾ تاريخ جا موتي ملندا ويندا ۽ سمورن موتين کي گڏ ڪندا سين تہ ڪتابي صورت ۾ موتين جي مالها تيار ٿي ويندي، ليڪن هي سمورو مرحلو محنت طلب آهي، وقت ڏيڻو ٿو پوي، مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪجي تہ نتيجو سامهون ٿو اچي وڃي.

عبدالواحد آريسر جي مواد جو وڏو ذخيرو وقت گذرڻ سان تاريخ جي صفحن تي هوريان هوريان ڪُلي سامهون اچي رهيو آهي، ان ذخيري ۾ موضوعاتي تقريرون، موضوعوار انٽرويو، تحقيقي مضمون، خط، رپوٽون ۽ ڪارڊ وارا ميسيج گڏ ڪري، چپجي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن تائين پهچي رهيا آهن ۽ آريسر صاحب جي به اها ئي خواهش هئي تہ "منهنجو تڙيل پکڙيل مواد گڏ ٿي چپجڻ گهرجي."

هي ڪتاب "آزادي ۽ انقلاب ۾ پارٽي ادارن جي اهميت" به ڪورس جهڙي حيثيت رکندڙ آهي.

آريسر صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي، هيءُ ڪتاب جو نندڙو تحفو اُميد تہ توهان پڙهندڙن کي پسند ايندو.

واحد ڪانڊڙو

19 اپريل 2023ع

مهاڳ

ڪي خواب اهڙا هوندا آهن، جن جي ساڀيان لاءِ ماڻهو پنهنجيون عمريون ڏئي ڇڏيندا آهن، ڇو ته اُهي خواب جاڳندڙ اکيون ڏسي سگهندیون آهن ۽ اُنهن خوابن ۾ ڪيتريون ئي حُسناڪيون هونديون آهن، فطرت جون رنگينيون هونديون آهن، ننڍڙن ٻارڙن جون معصوم مُرڪون هونديون آهن، گُلن ۽ ٻُوٽن جا خوبصورت نظارا هوندا آهن، ۽ اهڙا خواب صرف اُهي اکيون ڏسي سگهندیون آهن، جن اکين ۾ پنهنجي وطن سان پيار هوندو آهي، پنهنجي ڌرتيءَ جي متي ماڻن ماڻهن سان محبت هوندي آهي، ۽ اُهي خواب هڪ اهڙي ڌرتيءَ جا هوندا آهن، جيڪا پنهنجي مِڙني حُسناڪين جي باوجود غلاميءَ جي ڏُٻڙ ۾ ڪوڙيل هوندي آهي، تڏهن اُنهيءَ ڌرتيءَ سان بي پناهه پيار ڪندڙ ماڻهو انهيءَ خواب جي ساڀيان لاءِ پنهنجي اکين کي اوجاڳا ڏئي ۽ پنهنجي خواب جي تڪميل لاءِ ڪوشان رهندا آهن. سندّ ڌرتي ۽ ماضيءَ ۾ اهڙين ئي حُسناڪين سان ڀرپور ڌرتي رهي آهي، جنهن جا شهر روز صبح جو عطر ۽ عبير سان ڌوتا ويندا هئا، جن جي خوشبوءِ سان سڄو ماحول ٻهڪي اُٺندو هو، جنهن جون ٻهراڙيون امن جو پيغام ڏينديون هيون، جتي هٿيار جو تصور به نه هو، جتي اخلاقي قدرن کي اهميت هُئي، تڏهن ته سراج ۽ چيو هو ته:

جِن نيٽن ۾ سندّ وسي،
تِن نيٽن ۾ ننڊ ڪٿي.

آريسر صاحب ۽ پنهنجي وشال اکين ۾ اهڙو ئي خواب ڏٺو هو، جنهن جي ساڀيان لاءِ هُن پنهنجي سڄي عمر ڏئي ڇڏي هُئي. هُو مسلسل جدوجهد ۾ رهيو هُن جي پيرن جو پنڌ سندس عمر کان وڌو هو. شاهه سائين هڪ پيري تمر کي چيو هو ته، "تمر! جُتي ته ڪٽ"، جڏهن

تمر جُتيءَ ۾ هٿ وڌو تہ هُن جي ٻانهن مان تڑڪات نڪري پيا هئا. تہ تمر ڙر ڪري چيو هو سائين هي تہ ڏاڍي ڳري آهي. تہ لطيف وراڻيو هو: "تمر! ان جُتيءَ ۾ صدين جو ٽڪ بہ تہ آهي."

آريسر صاحب جي جُتيءَ ۾ بہ صدين جو ٽڪ سمايل هو. پوءِ بہ هُو ٽڪو ڪونہ هو. هُن هٿيار ڦٽا ڪونہ ڪيا هئا. هُو اڳتي وڌندو ئي رهيو هو. ڇاڪاڻ جو هُن جي اکين جي ماڻڪين ۾ "آزاد سنڌ" جو خوبصورت خواب پلجي رهيو هو. هن ڪتاب تي لکڻ کان پهرين آئون ڇاهيان ٿو تہ، آريسر صاحب جي جيون ۾ جهاتي پائجي.

ڪارونجهر جهڙي هن اڏول انسان 1949ع ۾ وائوڙي [انڑآباد] ۾ جنم ورتو ۽ صابي جي پرائمري اسڪول مان پنج درجا سنڌيءَ جا پاس ڪري، هُو پينڊي شريف جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ وينو اُتان ئي ڪيس سنڌ جو عشق لڳو ۽ اُتي ئي سندس شناسائي سن جي سائينءَ جي ڪتابن سان ٿي، اُتي ئي سيد تي نڪتل مُلن جي فتوا سندس سامهون آئي تہ هن اُن وقت بغاوت ڪئي ۽ انهي فتوا تي صحي نہ ڪرڻ لاءِ مدرسي جي معلم کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. اُتان ئي پٽڪڻ سندس حصي ۾ آيو. اهڙيءَ طرح هُو مختلف گهاٽن تان پاڻي پيئندي، جڏهن سيد اعظم سان روبرو مليو ۽ جڏهن سيد سان ساڻس گفتگو ٿي تہ جڙ ٻئي عاشق ۽ محبوب هڪٻئي کان سواءِ اڻپورا ۽ اڌورا محسوس ٿيا هئا. اهڙيءَ طرح اُهو عبدالواحد آريسر هڪ مُلي مان 'قومپرست' ٻڌجي ويو. جنهن جي حصي ۾ آئي جيل جي دال ماني ۽ هُو انهي جيل جي دال تي زندگيءَ جو تمام وڏو عرصو خوش رهيو ۽ پوءِ هُن ڪڏهن مُڙي بہ مدرسي جي اُڦراتن ۽ فَقَر جي لولن کي نہ ڏٺو. آريسر صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون پيرو استيج تي سچل ڪاليج حيدرآباد ۾ اختر بلوچ جي مان ۾ ڏنل آجياڻي وقت آيو ۽ هن پهريون پيرو پرپور تقرير ڪئي، جنهن سنڌ جي سياسي ميدان ۾ نوجوانن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ الڳ جاءِ جوڙي ورتي.

عبدالواحد آريسر، جنم تہ هڪ غريب ہڪرار جادي آريسر جي گهر ۾ ورتو هو. پر سندس دانائيءَ ڪيترين ئي ڳيورَ جوانين کي ديوانو بڻائي ڇڏيو هو. اِهو سندس عشق ئي هو جنهن سان هُو سخت کان سخت اذيتن ۽ آزمائشن مان لنگهي پار پيو هو. نہ تہ ڪيترائي پهلوان مڙس انهن اذيتن جي ڊپ کان پڄي ويا. اهو عشق ئي هو جنهن جي ڪري هُو پنهنجي ايمان کي بہ سلامت رکيو آيو تہ ڏهري جان کي بہ. نہ تہ اسان جي سامهون ڪيترائي اهڙا ماڻهو موجود آهن، جن وِچينءَ تي روزو پيڄي ڇڏيو هو.

آريسر صاحب، پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ نهايت غريب انسان هو. پر هن ڪٽي بہ غريبيءَ کي ڪيش نہ ڪرايو. توڙي جو ڪيس ڪيترين ڏرين پاران ڪيترين ئي لالچون ڏنيون ويون، پر مارئيءَ جي مُلڪ جي متيءَ جي خمير ۽ ضمير مان جُڙيل هن شخص جو صرف هڪڙو ئي جواب هوندو هو:

ايءُ نہ مارُن رِيت، جي سيڙ متائن سون تي.

سون تي سيڙ متائڻ وارو ماڻهو مارئيءَ جي مُلڪ جو خمير ڪيئن ٿي ٿِي سگهيو هن نہ رُڳو مارئيءَ جي لوئيءَ جي لڄ رکي، پر هن تہ دودي جي تلوار کي بہ مانُ ڏنو هو. آريسر صاحب ۾ مون ڪيترين ئي خوبين ڏٺيون. مون هُن کي هر رُوپ ۾ ڏٺو. خوشيءَ ۾ بہ ڏٺو تہ غم واري ڪيفيت ۾ بہ محسوس ڪيو. پر هُو عجيب ماڻهو هو. هن ۾ خوشي برداشت ڪرڻ جو بہ مادو هو تہ غم کي پِي وڃڻ جي سگهہ بہ هُئي. هُو پروسو توڙيندڙ جو پرمر رکڻ بہ ڄاڻندو هو تہ. ويساهہ گهاتيون ڪندڙ لاءِ بہ وٽس ڪو ڏوراپو نہ هو ۽ جي ڪيس ڪو دوست چوندو بہ هو تہ فلاڻو غدار آهي، هُو پاڻ کي ڇڏي ويو آهي تہ هُو محبوب جيان مُرڪندي صرف ايترو چوندو هو تہ هُن پاڻ کي نہ، پر سنڌ کي ڇڏيو آهي ۽ سنڌ جا پنڌ هر ڪنهن جي وس ۾ ڪٽي آهن.

عبدالواحد آريسر، 1964ع ۾ جڏهن اڃا ابتدائي تعليم حاصل ڪري رهيو هو تڏهن سائين جي.ايم سيد جي نالي کان واقف ٿيو. اُن بعد جڏهن هُن سائينءَ جو ڪتاب 'موجوده سياسي مسئلا' پڙهيو هو تہ هُن جي ذهن ۾ سيد سان ملڻ جي خواهش جاڳي ۽ هُو مُلن وارا خيال پاسيرا رکي، سنڌ جا پُور پچائڻ لڳو. بعد ۾ 4 مارچ 1967ع تي جڏهن شاگردن تي گوليون وسايون ويون تہ انهيءَ سانحي سندس ذهن تي ڪافي اثر وڌو. انهيءَ دوران سائين جي.ايم سيد جو ڪتاب 'جيئن ڏٺو آهي مون' [1968ع] ۾ پڙهڻ لاءِ مليو. جنهن هن کي سيد سان ايترو تہ ويجهو ڪيو جو هُو هر پل سيد جي خيالن ۾ گذارڻ لڳو. اهڙيءَ طرح عشق ۽ وصال جو اهو سلسلو جاري هو تہ هن 'حُريت' اخبار ۾ قومپرستيءَ جي حق ۾ هڪ مضمون لکيو. انهيءَ مضمون سان گڏ سندس مسجد جي حُجري واري ايڊريس پڻ لکيل هُئي. اُهو مضمون پڙهي قومي ڪارڪن مهر علي مرزا ۽ مدد علي سنڌي وٽس اچي پهتا. جن سان گالهيون مُهاڻيون ٿيون ۽ پاڻ انهن کي سيد لاءِ هڪ خط لکي ڏنائين. جيڪو بعد ۾ سائينءَ جي ڪتاب 'اڄ پڙ ڇڪيم چاڪ' ۾ ڇپيو. 1970ع واري چونڊن ۾ جڏهن شيخ مجيب الرحمان سنڌ جي دوري تي نڪتو هو اُن وقت آريسر صاحب جي سائين جي.ايم سيد ۽ شيخ مجيب سان پهرين مُلاقات ٿي هُئي. جيڪا ڪيس ساهہ جي آخري پلن تائين ياد رهي. اُن بعد 1972ع ۾ جڏهن هوليءَ وارا فساد شروع ٿيا ۽ سائين جي.ايم سيد کي گرفتار ڪيو ويو. تڏهن اُن وقت جي گورنر اخبارن ۾ بيان جاري ڪيو هو تہ: "اسان سنڌ جي سائينءَ کي گرفتار ڪيو تہ پُنيان ڪُتي بہ ڪاڻ پونکي." آريسر صاحب اُن وقت مسجد ۾ پيش امام هو ۽ گورنر جي انهيءَ اخباري بيان جو جواب 'پيغام' رسالي جي اجراءَ سان ڏنائين. 'پيغام' رسالي جي اجراءَ سرڪار جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. اُن دوران [1973ع] حفيظ پيرزادي کي چمات

لڳڻ وارو واقعو پيش آيو تہ آريسر صاحب، چمات هٽندڙ نوجوان

اسماعيل وساڻ جو ٿوٿو 'پيغام' ۾ 'جوڏي جو وچن' جي ڪٽپشن سان

شايع ڪيو جنهن سرڪار کي اڀا وڌيڪ مڇرائي وڌو ڪيس مختلف طريقن سان ڊيڄاريو ۽ ڏمڪايو به ويو پر مٽس کو به اثر نہ ٿيو اهڙيءَ طرح جڏهن 'پيغام' جي شماري نمبر ڏهين تي ممتاز پُٽي جي تصوير شايع ڪيائين، جنهن ۾ ممتاز پُٽو پناهگيرن کان معافي وٺي رهيو هو تہ سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا ۽ رسالي تي پابندي هنئي وئي. اُن وقت هن مسجد جي حُجري ۾ سُونهاريءَ کي صافي ڏئي، روپوشي اختيار ڪئي. انهيءَ روپوشيءَ واري عرصي ۾ سائين جي.ايم سيد سان ملاقاتون به ڪيائين تہ سنڌ جي قومي جلسن جو حصو به بڻجندو رهيو 'حسين مشوري' جي نالي سان جلسن ۾ تقريرون به ڪندو رهيو پر روپوشي گهڻو عرصو قائم نہ رهي سگهي، نيٺ ڪيس پُٽي صاحب جي جمهوري دور ۾ اپريل 1975ع دوران گرفتار ڪيو ويو ۽ اُها سندس پهرين وڏي ۽ ڏگهي گرفتاري هُئي ۽ سندس انهيءَ گرفتاريءَ جي پُڄاڻي، پُٽي صاحب جي حڪومت جي خاتمي سان ٿي ۽ جيل مان آزاد ٿي آيو. جيل ۾ رهندي به آريسر صاحب پنهنجيون سرگرميون جاري رکيون، سندس لکڻ پڙهڻ جو سلسلو به جاري رهيو ۽ هن وڏا ڪان وڏا ڪتاب جيل اندر ئي لکيا، جن ڪتابن سنڌ جي شعور کي جهنجهوڙي جاڳائي وڌو.

جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هُو اڳي کان اڳرو سياست جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو هن سياست کي سنڌ يونيورسٽي، جامشوري جي پوليٽيڪل سائنس ڊپارٽمنٽ مان ڪڍي عوام تائين پهچايو گڏو گڏ سياسي ادب به تخليق ڪندو رهيو پر ڪيس ٽوري ئي آزادي مس نصيب ٿي تہ ٻيهر گرفتار ڪيو ويو. انهيءَ گرفتاريءَ ۾ سندس ڏوهہ صرف اِهو هو تہ: هن بنگلاديش جي عظيم شهيد شيخ

مجيب الرحمان جي ورسيءَ جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جلسو ڪيو هو. [اُن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر جديد سنڌي شاعريءَ جو باني شيخ ايياز هو ۽ اقتدار جي مسند تي جنرل ضيا ويٺل هو] سندس هيءَ گرفتاري اڳيئءَ کان گهٽي ياري هُئي. ڪيس ۾ سال سزا، 10 ڦٽڪا ۽ 60 هزار رُپيا ڏنڊ جي سزا ملي هُئي. ڪيس 11 فيبروري 1981ع تي ڦٽڪا لڳا هُئا. جيڪي ايترا تہ زوردار هنيا ويا، جو ستين ڦٽڪي تي ڦٽڪو ٽُٽي پيو هو ۽ پيو ڦٽڪو آندو ويو هو جنهن سان باقي منظور ٿيل ڦٽڪا ڪيس هنيا ويا. هُو انهن ڦٽڪن جي اذيت کي سهڻ لاءِ ذهني طور تي پهريان کان ئي تيار هو جو ڦٽڪن لڳڻ کان هڪ ڏينهن پهرين هڪ طويل نظم 'جيل جون بُلند ديوارون' جي عنوان سان لکيو هٽائين. اُن وقت پاڻ 'جيئي سنڌ محاذ' جو يڪراءَ چيئرمئن هو. آريسر صاحب جيل جي عرصي ۾ بہ اڏول رهيو. ڪيس ڪيترين ئي لالچون ڏنيون ويون، پر هي مٽيي تي موهجي سنڌ جي عشق تان دستبردار ٿيڻ وارن مان نہ هو. جيئي سنڌ محاذ جي پليٽ فارم تان هن سياست ۾ ڪيترائي نوان لاڙا متعارف ڪرايا، قومي ڪچهرين جو بنياد وڌائين، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ قائم ٿيل يونٽن ۾ 'اسٽڊي سرڪل' شروع ڪرايائين، قومي ڪارڪنن ۾ مڪمل شعور جي لاٽ ٻاريائين، نتيجي طور جيئي سنڌ محاذ جو ڪم هر ننڍي وڏي ڳوٺ تائين پهتو. نوجوانن جا انبوهہ قومي قافلي ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا. پاڻ قومي جلسن ۾ اهڙيون تہ دل آويز تقريرون ڪندو هو جو ماڻهو ساهہ روڪي بہ سندس تقريرون ٻُڌندا هئا ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين سندس تقريرن جو سحر نوجوانن جي ذهنن تي رهندو هو. توڙي جو انهيءَ دوران ڪيترائي دوست سندس مخالف بہ ٻڌيا، ڪيترن ئي محبوب چهرن ڪيس نانگ جي ڏنگن جيان ڏنگيو، پر هُو پوءِ بہ انهن ڏانهن ڇڪجي ويندو هو. هُو چوندو هو 'اوهين مون کي يلي رُسوا ڪندا رهو، پوءِ بہ اوهين مُنهنجا پنهنجا آهيو، پوءِ بہ

اوهين مون کي پيارا آهيو' [انهن دوستن مان ڪيترن ته سندس وَئي

پُڇاڻا اخبارن ۾ ڪالم لکي، پنهنجي پاڻ کي دُرست ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪيترن وري ساڻس اختلافن تي معافيون پڻ ورتيون آهن] مون کي حيرت اِن ڳالهه تي آهي ته اُنهن اخباري ڪِيڙن کي آخر ڪهڙي ضرورت پئي پنهنجي پاڻ کي دُرست ثابت ڪرڻ جي! [دليل جو سهارو اڪثر ڪوڙو ماڻهو ونندو آهي] هُن ته ڪڏهن به پنهنجي زبان سان ڪين غلط چيو ئي نه هو ته پوءِ ڪهڙي ضرورت هُئي انهن دوستن کي معافيون وڻڻ جي، جن کي هُن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ہن لفظن جو ڏوراپو به نه ڏنو هو.

آريسر صاحب جي سياسي حڪمت عمليءَ کان هي رياست سدائين خوفزده رهي ۽ سدائين کيس جيل موڪلڻ جا بهانا ڳوليندي رهي، پر هُو اهڙو ته سياستدان هو جنهن پنهنجي ڪارڪنن کي اهڙي هولي سيڪاري چڏي هُئي، جيڪا ماءُ جي ٿڃ جيان مُقدس هُئي، جنهن ۾ الزام جو ته ڪو اُهڃاڻ به نه هوندو هو. نيٺ ناڪام ٿي بنا سبب جي کيس 1992ع ۾ پنهنجي چونڊري مان گرفتار ڪيو ويو. سندس گرفتاريءَ جي خبر، سنڌ جي سائينءَ جي ڪنن تائين پهتي هُئي ته هُن پنهنجا ڏاڙها هٿ کڻي چيو هو ته: "يا خدا مُنهنجي آريسر جو عشق پَر تو اٽئي." اُن وقت کيس اکين تي پٽي ٻڌي وئي ته جيئن هُو مخبر کي سُجاڻي نه سگهي ۽ جنهن رستي ڏانهن کيس نِيو پيو وڃي، انهيءَ رستي جي گهٽ گهيڙ کان واقف نه ٿي سگهي، پر هُو احمق هُئا، جن کي شايد اهو پتو نه هو ته هُو اهڙو انسان هو جيڪو پڪين جون هوليون به سمجهي ويندو هو هُن جي ڇهين حِس هُن کي هر شيءِ کان واقف ڪيو هو اُهو ڪنهن جي آواز کي نه سُجاڻي، اهو ڪيئن ممڪن ٻڌجي ٿي سگهيو ۽ هُو اهڙو سيلاني ٿي سنڌ جي رستن تان گذريو هو جنهن سان سنڌ جا رستا محبوبه جيان سرگوشين ۾ به ڳالهائيندا هُئا.

انهي ماڻهوءَ جي اکين تي پٽي ٻڌي وڃي، يا ڪنن ۾ ڪپهه وڌي وڃي، تڏهن به هُو مڪمل شعور سان انهن ماڻهن ۽ انهن رستن کي سُجاڻڻ جي سگهه رکي پئي سگهيو. آريسر صاحب ۾ هڪڙي اِها به خوبي هُئي، جو هو سنڌي قوم سان بيپناهه پيار ڪندو هو ۽ جيڪو بيپناهه پيار ڪري، اُهو انهي قوم جي ڪنهن فرد جو نالو پنهنجي زبان تي ڪيئن ٿي آڻي سگهيو. پوءِ اُهو مخبر ئي ڇو نه هجي. هُن تہ انهيءَ ماڻهو جو به ذڪر ڪٽي نہ ڪيو جنهن ڪيس [تارچر سيل مان آزاد ٿيڻ وقت فوجين کي ڏسي] سُجاڻڻ کان انڪار ڪيو هو. اُهو ماڻهو جنهن سان گڏجي هُن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙيو هو اُهو ماڻهو جيڪو ايجا 'ڪارو ڪوٺ' پائڻ نہ سِکيو هو تڏهن هن آريسر کان سياست جي سکيا ورتي هئي ۽ اُن ماڻهوءَ جڏهن سرڪاري ڪمداري شروع ڪئي تہ آريسر کي هڪ ڪالم 'ساري رات اک نہ جهپڪي آ' لکڻ تي مجبور ڪيو هو. هُو وري به گدائي جي لفظن ۾ چوندو رهيو.

سفر زندگيءَ جو ڪُٺن هو گدائي،
بهرطور گُذريو گذاري ڇڏيوسين.

آريسر صاحب جي 1992ع واري گرفتاري پنج مهينا هلي، اُن وقت جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمئن سيد غلام شاهه هو جنهن اُن وقت اسلام آباد جي آزاد فضائن جا مزا پئي ورتا ۽ آريسر تارچر سيل ۾ زندگي ۽ موت جي به واڻي تي پئي لوڙيو. مٽس ايترو تہ تشدد ڪيو ويو هو جو سندس نظر ڪافي جهيڻي ٿي وئي هُئي، ڪيس ڪيترين ئي بيمارين وکوڙي ويون هُيون، هُو ايترو تہ ڪمزور ٿي ويو هو جو ڪيس پهرينءَ نظر ۾ سندس محبوب دوست اعجاز منگي به سُجاڻي نہ سگهيو هو. پر جڏهن اعجاز منگي انٽرويو ورتو هو تہ انهي انٽرويو سندس مخالفن کي لوڙهي ڇڏيو هو هُن جي انهي انٽرويو ۾ ڪٿي به ڪا بيوسي نظر نہ پئي آئي ۽ هن اهڙي تہ اعتماد سان اعجاز منگيءَ جي

سوالن جا جواب ڏنا هُئا، جو اُهو انترويو اڄ بہ قومي ڪارڪنن جي لاءِ حوصلي مند آهي.

آريسر صاحب پهريان جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمئن رهيو بعد ۾ پنهنجي خوشيءَ سان سيد غلام شاهہ ڪي اُها ذميواري سونپيائين، جنهن قومي تحريڪ سان جيڪي پال ڪيا، سي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿا سگهجن. اُن بعد جڏهن سائين جي.ايم سيد جو وچوڙو سنڌ جي حصي ۾ آيو تہ پوري سنڌ ڇوري ٿي پئي هُئي. پر آريسر ئي اُهو انسان هو جنهن تي سنڌ اعتماد ڪري پئي سگهي ۽ سائينءَ جي چاليهي تي 'جيئي سنڌ قومي محاذ' جو بنياد وڌو ويو تہ پاڻ ان جو باني چيئرمئن بڻيو.

آريسر صاحب جي ادبي زندگيءَ جو آغاز ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب 'سنڌي هوليءَ جو ٻُڌ بڻياد' تي ٿيل تنقيد جو جواب ڏيڻ سان ٿيو اُن بعد پاڻ ڪيترائي ادبي مضمون لکيائين، خاص طور تي سندس لاڙو ترقي پسند سوچ ڏانهن رهيو هُن جو خاص ڏيان 'ادب ڇو ضروري آهي' ۽ هڪ سچي ادیب جون ذميواريون.' رهيو. اهڙيءَ طرح پاڻ پهريون ڪتاب مولانا آزاد جو 'جواهر آزاد' جو ترجمو ڪيائين، پاڻ مولانا آزاد جي تحرير توڙي شخصيت کان گهڻو متاثر رهيو جڏهن پاڻ رسالو جاري ڪيائين تہ اُن جو نالو بہ مولانا آزاد جي رسالي 'پيغام' جو رکيائين. سندس طبعزاد پهريون ڪتاب 'پرهہ جو پيغام' ٻيو ڪتاب 'صدين جون صدائون' هو جن تي پُٺتي صاحب جي گورنمنٽ بندش وڌي هُئي. مجموعي طور پاڻ چاليهن کان مٿي ڪتاب لکيا، جيڪي مختلف موضوعن تي مشتمل آهن.

آريسر صاحب جو اڃا بہ ڪيترو ئي مواد تڙيل پکڙيل صورت ۾ آهي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي ڪونہ سگهيو آهي. اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ سندس سڄو مواد ڪتابن ۾ محفوظ

ڪجي. ان سلسلي ۾ ڪجھ ڪتاب محترم ناز سنائي پنھنجي اداري ياران ڇپايا آھن تہ ڪجھ ڪتاب محترم واحد ڪانڊڙي پنھنجي اداري ياران ڇپائي محفوظ ڪيا آھن. ھيءُ ڪتاب "آزادي ۽ انقلاب ۾ پارٽي ادارن جي اھميت" انھيءَ سلسلي جي ڪڑي آھي. جيڪو پياري واحد وڏي محنت سان سھيڙيو آھي. ھن ڪتاب ۾ ٻہ شاندار ليڪچر ۽ ڪجھ مضمون آھن. جيڪي سڀ تنظيم ڪاريءَ جي اُصولن بابت آھن ۽ ڪجھ تقريرون آھن. جيڪي سنڌ جي ٻن عظيم ڪردارن شھيد دودو سومرو ۽ شھيد مائي بختاور ۽ ڪجھ سنڌ جي اھم موضوعن تي آھن. جيڪي ھر لحاظ کان شاھڪار آھن.

آئون جس ٿو ڏيان پياري واحد ڪانڊڙي کي جيڪو آريسر صاحب کي ياد ڪندو رھي ٿو. منھنجي خيال ۾ ڪنھن ماڻھوءَ کي پيٽا ڏيڻ جو اھو ئي طريقو بھتر آھي تہ ان جي ڪنھن خاص ڏھاڙي تي ڪتاب ڇپرائي پيٽا پيش ڪجي ۽ واحد، آريسر صاحب جي اٽين ورسيءَ جي موقعي تي ھيءُ ڪتاب آڻي ھڪ شاندار ڪم ڪيو آھي. جيڪو سيني کي پسند ايندو.

علي نواز آريسر
حيدرآباد
0334_1851018

ليڪچر

آزادي ۽ انقلاب ۾ پارٽي ادارن جي اهميت

(جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ 20 جون 1989ع تي، جيئي سنڌ محاذ ڪونڊريءَ جي تعلقي ڪائونسل ۾ ڪارڪنن کي جامشوري ۾ ڏنل ليڪچر.)

مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، جو جامشوري جي هن ميدان ۾ اڄ توهان جيئي سنڌ محاذ جا هيترا سارا دوست اچي گڏ ٿيا آهيو ۽ ان سان گڏ سنڌي پورهيت سنگت ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ساٿي به هتي آيا آهن. اهو اوهان جي اٽڪ ڪوششن، جدوجهد ۽ مسلسل محنت جو نتيجو آهي. نه ته اڳي اسين ايندا هئاسين ته صرف شاگردن جي سامهون تقريرون ۽ ليڪچر ڪري هليا ويندا هئاسين، پر جيئي سنڌ محاذ جا ماڻهو اسان کي نظر نه ايندا هئا. بهرحال اوهان جي اها ڪوشش ۽ جدوجهد جيڪڏهن جاري رهي ته اسان هن ڪونڊري تعلقي ۽ ان سان گڏ پوريءَ سنڌ ۾ جيئي سنڌ محاذ جي ڪم کي فعال سياسي قوت طور اُپارينداسين ۽ اڳتي وڌائينداسين، ته جيئن جيئي سنڌ محاذ، سنڌ جي ايندڙ انقلاب جي قيادت ڪري سگهي.

عام طرح چيو ويندو آهي ته پارٽين، تنظيمن يا انهن جي ميمبرن جو ڪم صرف جدوجهد ڪرڻ ۽ قربان ٿي وڃڻ آهي، پوءِ آزادي پلي ڪوبيو اچي حاصل ڪري. پر انقلابي پارٽيون آزاديءَ جون مجاهد پارٽيون، جيڪي هوندیون آهن، انهن جي آڏو به نصب العين هوندا آهن به مقصد هوندا آهن، هڪ اهو ته اسان آزادي حاصل ڪريون ۽ ٻيو اهو ته ان آزاديءَ جي تعمير ڪريون، اسان جنهن قوم لاءِ

آزادي ونون ٿا، ونڊ چاهيون ٿا، ان آزاديءَ جو قل، اسين ان قوم ۾ ان جي ايندڙ نسلن کي ڏئي ڇڏيون.

فرد، پارٽي ۾ هوندا آهن، پوءِ تبديل ٿي ويندا آهن، ختم ٿي ويندا آهن، پر پارٽيون دائمي هونديون آهن. پارٽيون ادارا آهن. فرد اکيلو ڪٽي ڪيڏو به عظيم، ڪيڏو به لازوال هجي پر اهو فرد آهي، فرد طبعي عمر گذاري ختم ٿي سگهي ٿو پر پارٽيون، جيڪي ادارا هونديون آهن، سي دائمي ئي هونديون آهن ۽ اهي ملڪن ۽ قومن جي تعمير ڪنديون آهن، جتي فرد ۽ اداري جو ٽڪراءُ ۽ تضاد ٽئي ٿو ويڙهه شروع ٽئي ٿي، اتي ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته اهو فرد (جنهن جي پٺيان به ڪي ادارا هوندا آهن) اداري کي وقتي طرح تباهه ڪري ڇڏيندو آهي، پر اها ان فرد جي سوچ عارضي هوندي آهي، دائمي نه هوندي آهي. دائمي سوچ ۽ دائمي فتح وري بهادرن جي ٿيندي آهي. ان جو آءٌ توهان کي مثال ڏيان ٿو:

جنرل ضياءَ، هتي اچي هڪڙن ادارن کي تباهه ڪيو، هو تمام طاقتور هو ۽ سندس پٺيان آرميءَ جو هڪ مضبوط ادارو هو. هن ادارن تي حملو ڪيو ۽ انهن کي وقتي طرح تباهه ڪيو. پر توهان ڏٺو ته جنرل ضياءَ پنهنجي طبعي عمر گذاري يا ڪنهن حادثي اندر ختم ٿي ويو، پر ادارا اتي ئي آهن ۽ ضياءَ وري ايري نٽو سگهي. فرد وري نٽو ايري سگهي پر جن ادارن تي حملا ڪيا ويا، سي ادارا وري اُيري آيا.

ان طريقي سان تنظيم يا پارٽيءَ جي سامهون اهو نصب العين هڻڻ گهرجي ته اها هڪ ادارو آهي ۽ اسان ان جا ميمبر ان اداري کي ڪنهن جي خواهش، ڪنهن جي تمنا تي قربان نه ڪريون. اداري مان بدظن نه ٿيون، ان اداري کي جيترو مضبوط بنائيندا سين، اوترو بهتر آهي. اداري کي مضبوط بنائڻ سان گڏوگڏ اهو نصب العين هڻڻ

گهرجي تہ ان اداي کي نہ صرف انقلاب آڻڻو آهي، پر انهيءَ انقلاب جي حفاظت ڪرڻي آهي ۽ ان جو ڦل ماڻهن تائين ب پهچائڻو آهي.

آزادي، ڏاڍي پياري ۽ خوبصورت لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ ۽ تصور انڊلڻ جي رنگن کان وڌيڪ حسين ۽ خوبصورت آهي، پر اها ان وقت واقعي خوبصورت ٿئي ٿي، جڏهن اها آزادي ماڻهن جي فائدي لاءِ ڪتب اچي سگهي، پيرين اگهاڙن ماڻهن لاءِ استعمال ٿي سگهي، ان ٻار جي لاءِ استعمال ٿئي، جنهن ٻار جي مقدر ۾ شايد اسڪول وڃڻ لکيل ئي نہ آهي، اها آزادي انهي ٻهراڙيءَ جي هاريءَ لاءِ استعمال ٿي سگهي، جنهن پوريءَ عمر ۾ ڪڏهن دلي خواهش مطابق کاڌو نہ کاڌو هجي ۽ اها آزاديءَ ان مزدور لاءِ استعمال ٿئي، جنهن مزدور ڪارخانن ۾ ڪم ڪندي، رستن تي پٿر ڪُٽيندي، پنهنجي هڏين جو گودو ڳاري چڏيو هجي، پر هن کي ڪڏهن دلپسند ڪپڙو ب پائڻ لاءِ نہ ملیو هجي، تہ انقلابي پارٽين ۽ تنظيمن جو اهو فرض ۽ نصب العين هئڻ گهرجي تہ جيڪا آزادي اسان حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا، اها نہ صرف حاصل ڪريون پر انهيءَ آزاديءَ کي اسان ماڻهن تائين ب پهچايون، عوام جي فائدي لاءِ استعمال ڪريون ۽ عوام جي زندگيءَ ۾ حقيقي محبتون ۽ خوبصورتيون پيدا ڪري سگهون. ٻيءَ صورت ۾ اها آزادي بي لاب ٿي ويندي بهرحال پوءِ آزاديءَ جو صبح ڏاڍو پياروٿيندو آهي.

دنيا ۾ ب شيون هونديون آهن، جن خاطر مرڻ لاءِ ماڻهو دليل نہ پچندو آهي. هڪ مذهب: مذهب لاءِ ماڻهو بنا ڪنهن دليل پچڻ جي مرڻ قبول ڪندو آهي ۽ ميدان ۾ ڪُڏي پوندو آهي ۽ ٻيو آزادي، غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڏيڻ خاطر ماڻهو اهو دليل ڪونہ پچندو آهي تہ ان مان ڇا ملندو؟ بهرحال، آزاديءَ ۽ آزاديءَ جي فائدن لاءِ پارٽيون ۽ تنظيمون هونديون آهن ۽ ان ڪري اوهان جيئي سنڌ محاذ جا ڪارڪن آهيو سنڌي پورهيت سنگت جا آهيو جيئي

سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن جا آهيو يا لطيف سنگت جا آهيو پنهنجي پارٽيءَ کي پنهنجين تنظيمن کي، پنهنجن فرنٽن کي توهان اهڙي نموني سان منظم ۽ مربوط ڪريو جيئن اهي سنڌ جي انقلاب جي قيادت ۾ پاڻي پائيوار ٽين ۽ آئيندي جيڪو سنڌ جو انقلاب ڪامياب ٽئي، ان کي بهتر نموني سان عوام جي مفاد لاءِ استعمال ڪري سگهجي.

17 صديءَ کان اڳ دنيا اندر جيڪي به لڙايون ٽيندیون هيون، جيڪي به جهيڑا جهٽا ٽيندا هئا، جيڪي به خونريزيون ٽيندیون هيون، جيڪا به قومن جا هڪ ٻئي تي بالادستي قائم ٽيندي هئي، سا مذهب جي نالي ۾ ٽيندي هئي ۽ ڪڏهن بادشاهت جي نالي ۾، بادشاهه صرف پنهنجي شهرت ۽ ناموري حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڪُهائيندا ۽ ملڪ فتح ڪندا هئا، جيئن سڪندر اعظم يوناني ويو پئي ملڪن ڀڻيان ملڪ فتح ڪندو پر ان مان يونان کي ڪو به فائدو ڪونہ ٿي پهتو. اهڙيءَ طرح هندستان جي اڪبر بادشاهه، ايران جي دارا ۽ يورپ جي بادشاهن جو ڪم ئي اهو هوندو هو تہ اسين بادشاهه وڏا سڏجون، ماڻهو تباهه ٽين تہ پلي ٽين، هوڏانهن وري مذهب جي نالي ۾ لڙايون ان ڪري وڙهيون ويون تہ عيسائي مذهب وڏي، يهودين جو مذهب وڏي، مسلمانن جو مذهب وڏي، هندن جو مذهب وڏي ۽ حالانڪ مذهب جي بنياد تي قتل عام ڪرڻ جي باوجود مذهب کي ڪو به فائدو نہ پهچندو هو ۽ ماڻهن جي دلين ۾ مذهب لاءِ محبت جي بجاءِ نفرت پيدا ٽيندي هئي. توهان ڪنهن به ماڻهوءَ جي دل ۾ ذهن ۾ يا دماغ ۾ ڏنبي جي زور تي ڪنهن به شيءِ لاءِ محبت پيدا ڪري ئي نہ ٿا سگهو. ڪو به ماڻهو توهان سان ڏنڊي جي زور تي گڏجي نہ ٿو سگهي. ڏنڊي سان ماڻهو وقتي طرح دٻجي سگهي ٿو پر دائمي طرح نہ. ماڻهو توهان سان خوشيءَ سان، سچائيءَ سان محبت سان تہ اچي سگهي ٿو پر مٿس بندوق جو ڊپ

هوندو تہ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ايندو. تہ مذهب جي نالي ۾ ٽيل لڙاين. ماڻهن ۾ مذهبن جي خلاف نفرتون پيدا ڪيون. جيڪڏهن طاقت جي زور تي مذهب وڌن ها تہ پوءِ برصغير ۾ مسلمانن هزار ورهيہ حڪومت ڪئي هئي. مغل هزار ورهيہ هندستان جا حاڪم رهيا هئا. پر پوءِ بہ مسلمان ٿورائيءَ ۾ رهيا ۽ هندو گهٽائيءَ ۾.

ان ڪانپوءِ اڄ جي دؤر ۾ لڙايون نظرين جي بنياد تي ٿين ٿيون. هڪڙي پاسي عالمي سامراج آهي. جنهن جو مهندار آمريڪا آهي ۽ جنهن جا اتحادي اڪثر يورپي ملڪ آهن. ٻئي پاسي سوويت يونين ۽ ان جي اثر هيٺ سوشلسٽ ملڪن جو بلاڪ آهي ۽ ايشيا. آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا غلام ملڪ ان ڪانسواءِ آهن. جيڪي پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ ويڙهہ ۾ مصروف آهن. سامراجي ملڪن ۾ سرمائيداري نظام لاڳو آهي ۽ سندن دعوائون آهن تہ سرماائيداري نظام ۾ مرد عورت کي آزادي حاصل آهي پر سرمائيدار ملڪ جو سردار آمريڪا. جيڪو پاڻ کي جمهوريت جو علمبردار سڏائي ٿو انساني آزادين جو جهنڊو کڻندڙ ۽ انساني حقن جو محافظ چوائي ٿو ان ملڪ ۾ اڄ تائين ڪائي عورت ملڪ جي سربراهہ نہ ٿي سگهي آهي ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گذريل اليڪشن ۾ صرف ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي هڪ عورت کي نائب صدر جي عهدي لاءِ اميدوار بيهڻ جي اجازت ڏني هئي. نہ تہ ان ملڪ ۾ اڄ تائين ڪنهن بہ عورت کي ٽڪيٽ نہ ڏني وئي آهي تہ. "تون ملڪ جي صدارت بہ سنڀالي سگهين ٿي." ان ملڪ ۾ ڪارن لاءِ تہ قانون بہ جدا آهن. تازو مون هڪ ڪتاب آمريڪا جي باري ۾ پڙهيو. اتي پاڪستان جي هڪ آفيسر کي تعليم جي هڪ وڏي ماهر کي اقوام متحده طرفان موڪليو ويو هو. ان کي آمريڪي يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر نيرن تي پنهنجي گهر گهرايو ۽ ان کي هوٽل ۾ ٽائيم ڏنائين. اهو پاڪستاني آفيسر لکي ٿو تہ. آءٌ هوٽل اندر ويٹو هوس ۽

مون کي 7 وڳي جو ٽائيم ڏنل هو. تان جو سادا ست ٽي ويا پر کو به ماڻهو کونہ پهتو. مون سوچيو آمريڪي ته وقت جا ڏاڍا پابند ٿيندا آهن. پوءِ هي ڇو کونہ پهتو. نيٺ پوڻين اڻين وڳي هڪ ڏڳهي قد واري ماڻهوءَ هوٽل جي دريءَ مان ڪنڌ ڪيو مون کي سڏ ڪيو آءٌ ويس ته مون کي چيائين "سائين! آءٌ اوهان کي وٺڻ آيو آهيان ۽ مون کي فلاڻي پروفيسر صاحب موڪليو آهي." مون کيس چيو ته "ادا! اوهان ته مون سان ڏاڍي زيادتي ڪئي آهي. ستين جو ٽائيم ڏنل هو ۽ هاڻي اٺ ٽيڻ وارا آهن. اوهان ايڏي دير ڇو ڪئي؟"

ان ماڻهوءَ چيو ته: "سائين! سبب اهو آهي ته هن هوٽل ۾ کو به ڪارو ماڻهو داخل ٿيَ نہ ٿو سگهي. منهنجو رنگ جيئن ته ڪارو آهي ۽ آئون نيگرو (شيدي) آهيان. ان ڪري مون کي هوٽل اندر داخل ٽيڻ نہ ڏنو ويو ۽ آءٌ باهر بيٺو رهيس. نيٺ منٽون ميڙون ڪرڻ کان پوءِ هنن مون کي اها اجازت ڏني ته مان دريءَ مان ڪنهن نموني پنهنجي مهمان کي سڏي وٺان." ته آمريڪن کي اهو به گوارا ڪونهي ته سندن ڪنهن هوٽل ۾ کو پاڪستاني يا هندستاني ماڻهو ڪنهن ڪاري ماڻهوءَ سان ڳالهائي. ته اهو ملڪ. جيڪو سرمائيدارانہ نظام جو هن وقت علمبردار آهي. اتي انساني آزادين جي اها حالت آهي. پر پوءِ به اهي چون ٿا ته سندن ملڪ ۾ مرد ۽ عورتون آزاد آهن. اصل ۾ اتي غريب ڦرجڻ لاءِ آزاد آهي. اتي روزگار جا وسيلا ته وسيع آهن. روزگار جا وسيلا پيدا ڪري حڏڻ الڳ ڳالهہ آهي. هڪڙو ڪارخانو ٺاهي ڇڏڻ. هڪڙو زمين جو ٽڪڙو تيار ڪري ڇڏڻ. هڪڙي کاڻ ڳولي ڪيڻ الڳ ڳالهہ آهي. پر انهيءَ ڪارخاني ۾. ان کاڻ ۾ ان زمين جي ٽڪري تي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪري ڏيڻ. روزگار جو بندوبست ڪري ڏيڻ الڳ شيءِ آهي. ته سرمائيدارانہ نظام ۾ حڪومت جي اها ذميواري نہ آهي ته اها سيني کي روزگار مهيا ڪري ڏئي. پر اها روزگار

جا موقعا پيدا ڪندي آهي تہ ان مان جيڪو فائدو وٺڻ چاهي، سو وٺي ۽ ٻيو وينو هجي. توهان ائين سمجهو تہ هڪڙو ماڻهو منڊو آهي ۽ ٻيو چگو پلو آهي. ٻنهي جا احساس ساڳيا آهن، ٻنهي جي زندگي ساڳي آهي، ٻنهي جو روح ساڳيو آهي، ٻنهي کي دل ساڳي آهي، ٻنهي کي رت ساڳيو آهي، ٻنهي کي اکيون ساڳيون آهن. ماڻهو هُو بہ آهي ۽ ماڻهو هي بہ آهي. هاڻي حڪومت يا بالاتر اداري جو فرض آهي تہ جيڪي خوشيون ۽ روزگار جا وسيلا آهن، سي ٻنهي ماڻهن کي موجود ڪري ڏئي. ائين نہ ٿئي جو مانيءَ جو ڏاڪون پري هڪڙيءَ جاءِ تي رکجي ۽ ٻنهي کي چئجي تہ جيڪو پهرين پهچي، سو ئي کائي. ان نموني لازمي آ تہ منڊو ٻُک مرندو ۽ چگو پلو کائي ويندو. ساڳي صورتحال سرمائيدار ملڪن جي آهي. اتي اها آزادي آهي تہ اتي جيڪي روزگار جا وسيلا آهن، تن تي جيڪو چاهي سو قبضو ڪري. اتي آزادي اها آهي تہ سرمائيدار وڏيڪ سرمائيدار ٿي وڃي ۽ غريب وڏيڪ غريب ٿيندو وڃي. پر سوشلسٽ سماج ۾ سوشلسٽ ملڪن ۾ روس ۾ ائين نہ آهي. ان سماج ۾ ائين ڪرڻ جي آزادي ناهي. اتي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ حڪومت جو فرض آهي ۽ انهن موقعن ۾ هر شهريءَ کي شريڪ ڪرڻ بہ حڪومت جو فرض آهي. اتي ائين نہ آهي تہ ڪو بيروزگار هجي تہ ان کي نوڪري نہ ملي، ڪارخاني، ميل، فوج يا پوليس ۾ نوڪري نہ ملي. سوشلسٽ سماج ۾ حڪومت جو فرض آهي تہ روزدار جا موقعا بہ فراهم ڪري ۽ انهن روزگار جي موقعن ۾ هر شهريءَ کي بہ شريڪ ڪري. تعليم جو حق سيني کي ڏئي، صحت جون سهوليتون سيني کي ڏئي ۽ هر شعبي ۾ ماڻهن کي شريڪ ڪري. ائين نہ هجي تہ وڏن ماڻهن جي علاج لاءِ تہ اسپتالون ٺهيل هجن، راجپوتانہ اسپتال، مڊ ايسٽ اسپتال يا آغا خان اسپتال. اتي ڪو ٽرپارڪر جو وڏيرو بيمار ٿئي تہ انهن اسپتالن ۾ اچي علاج ڪرائي ۽ غريب ٽريي کي داخل ئي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ٽيڻ نہ ڏجي. تازوآئون هڪ بيمار دوست کان پڇڻ ويس، جيڪو آغا خان اسپتال مان ٽي آيو هو. ان ٻڌايو تہ هو پنج ڏينهن اسپتال ۾ داخل هو. پر ڪيس هڪ ٽِڪي ۾ آغا خان اسپتال وارن پاڻ ڪانہ ڏني. رڳو پئي معائنا ڪيائون ۽ ٽيستون ورتائون ۽ پنجين ڏينهن ڇٽيہ هزار رپيا وٺي ڇڏيائون. هن نيٺ ڪڪ ٽي ڪين چيو تہ، "مون کي ڊسچارج ڪريو تہ آءٌ وڃان!" تہ سوشلسٽ نظام ۾ يا سوشلزم ۾ ائين نہ آهي تہ هڪڙو غريب ٽري تہ هڪڙي ائسپرو جي گوريءَ لاءِ پريشان هجي ۽ اتان جو وڏيرو اچي آغا خان اسپتال ۾ علاج ڪرائي. سوشلسٽ سماج ۾ ائين ناهي ٽيندو. پر اهو سرمائيدار ملڪن يا سرمائيدار سماج جي ايجنٽ ملڪن ۾ ٽيندو آهي. اسان سڀ سرمائيدار سماج جي تقليد ڪندڙ آهيون. سرمائيدار سماج ۾ تہ ڦرجڻ جي بہ آزادي آهي تہ ڦرڻ جي بہ آزادي. پر سوشلسٽ سماجن ۾ ائين نہ آهي. تہ مون چيو پئي تہ اڄ لڙايون نظرين ۽ نظامن جي بنياد تي لڳن ٽيون. انهن ٻنهي (سرمائيدار ۽ سوشلسٽ) نظامن جي لڙائي هلي پئي. انهن ٻنهي نظامن ۾ ٽڪراءُ، تصادم ۽ تضاد آهي ۽ ظاهر آهي تہ ڦورو قومون چاهيندیون تہ گهٽي کان گهٽي دنيا کي اهي ڦرين ۽ پنهنجي ظالمانہ نظام کي برقرار رکن ۽ وڌائين. انهيءَ ڪري سامراجيت جو مطلب آهي تہ ٻين ملڪن تي قبضو ڪري. اتي جا وسيلا پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ ۽ قبضي ۾ آيل ملڪن جي ڪچي مال ۽ وسيلن کي پنهنجي ملڪ جي ڪارخانن ۾ استعمال ڪرڻ. سرمائيدارانہ نظام ائين ٿو ڪري. اهو ڦورو قومن جو نظام آهي. جڏهن تہ سوشلسٽ سماج، هڪ فرد کي، هڪ مزدور کي، هڪ انڊي کي، هڪ منڊي کي، مطلب تہ عام ماڻهن کي ڦرلٽ کان آزادي ڏياري ٿو. ان ڪري اهو قومن کي آزادي ڏيارڻ جو نظام آهي. ان ڪري غلام قومون بہ فطري طرح ۽ لازمي طرح انهيءَ نظام جو انهن ملڪن ۽ قومن جو ساٿ ڏين ٽيون ۽ انهن کان ساٿ جي توقع رکن

ٿيون، جيڪي نظام جيڪي ملڪ ۾ قومون، غلامن کي آزادي ڏيارينڊڙ آهن ۽ سرمائيدار ۽ سامراجي ملڪ قومن کي غلام بنائيندا آهن.

آءٌ اڄ سائين جي. ايم. سيد وٽ وينو هئس، سائينءَ چيو ته "آمريڪي پاڻ (جيئي سنڌ وارن) کان ڏاڍو ڊنل آهي." مون پڇيو: "سائين، ڪيئن؟" سائينءَ ٻڌايو ته، "مون وٽ انهن جو ڪو ماڻهو ملڻ آيو هو جنهن چيو ته اوهان (جيئي سنڌ وارا) لازمي طرح اسان جا دشمن هوندؤ!" حالانڪ سائينءَ چيو ته، "پاڻ ته اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي آهي." مون سائينءَ کي چيو: "اسان اهڙي ڳالهه ڪريون يا نه ڪريون، پر دنيا ۾ جتي به قومي آزاديءَ جون تحريڪون هلن ٿيون، انهن تحريڪن کي آمريڪا لازمي طرح پنهنجو دشمن سمجهي ٿو. چو ته، آمريڪا هن وقت جنهن پوزيشن ۾ آهي، اهو قومن جي آزاديءَ جو دشمن آهي، اهو نه ٿو چاهي ته ڪا قوم آزاد ٿئي. ان ڪري آمريڪا نه رڳو اسان جو دشمن آهي، پر هو فلسطين جو دشمن آهي، نميبيا جي نهن جو دشمن آهي، ڏکڻ آفريڪا (South Africa) جي ماڻهن جو دشمن آهي. جتي به آزاديءَ جي تحريڪ هلي ٿي، آمريڪا ان جو دشمن آهي، ۽ اهو سمجهي ٿو ته سامراجيت جو مطلب غلامي آهي ۽ سامراجيت جي مقابلي ۾ سوشلسٽ سماج جو مطلب قومن جي آزادي، ملڪن جي آزادي، ماڻهن جي آزادي، فردن جي آزادي، محنت جي آزادي، پورهئي جي آزادي آهي، ان ڪري آمريڪا لازمي طرح اسان جو دشمن آهي ۽ انهيءَ صورت ۾ سوويت يونين، سوشلسٽ ملڪ فطري طرح اسان جا دوست، اسان جا ساٿي ۽ اتحادي آهن."

... اڄ جديد دؤر آهي. جديد علم ۽ سائنس جو دؤر آهي. پراڻا نمونا ذري گهٽ ختم ٿي چڪا آهن. نئون دؤر آهي. نئين مشين ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دؤر آهي. ان ڪري اسان کي نئين دؤر جي تقاضائن ۽ ضرورتن موجب اڳتي وڌڻو پوندو. زماني جي رفتار سان وک وڌائڻي

پوندي، نہ تہ پوئتي رهجي ويندا سيون، غلام رهجي ويندا سون. اڄ زماني جي رفتار ايتري تہ تيز آهي جو اسان جون ڳوناٽيون عورتون ٽيليويزن تي ڪپڙن جون مغربي (ليڊي ڊائنا ڪٽ) طرزون ڏسن ٽيون تہ هڪدم پاڻ بہ اهڙا ڪپڑا تيار ڪريو پائين، تہ چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ زمانو اڳتي وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو چوي ٿو تہ جديد علم ۾ نظريا ڪنهن تي اثر انداز ڪين ٿا ٿي سگهن، تہ اهو بيوقوف آهي. اسان جا ڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي دانشور سمجهندڙ نظرين جي مخالفت ڪندا آهن، پر اهي ڪيترو وقت علم جا مخالف ٽيندا، نظرين جا مخالف ٽيندا؟ ڪو بہ نظريو دنيا ۾ نئون نہ آهي. دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ نئين نہ آهي. اها ابتدائي شڪل ۾ واڌارا ۽ تبديليون ٽيندي ٽيندي، هن وقت اهڙي شڪل ۾ اچي بيني آهي، جو اسان کي اها شيءِ نئين ۽ اوپري لڳندي آهي، اصلي شيءِ نظر ڪانہ ايندي آهي. ساڳيو حال نظرين جو آهي. نظريا، سرحدون ٽپي ويندا آهن. توهان شاعريءَ، فڪر، فن، علم، ادب ۽ سائنس کي سرحدن جو پابند ڪري ئي نہ ٿا سگهو. ان ڪري اسان کي علم دشمني ڇڏڻي پوندي. عالمي سطح تي اسان کي ماڻهن سان گڏجڻو پوندو ڪي دوست چونڊڻا پوندا، ڪي دشمن منتخب ڪرڻا پوندا ۽ اها بند شيشي جي گهر واري سياست اسان کي ڇڏڻي پوندي. اسين دنيا جي هن گولي تي رهون ٿا. پوري انسانيت سان اسان جا واسطا آهن، سموريءَ انسان ذات سان اسان جا پائپيءَ وارا رشتا آهن، انسانيت وارا نظرياتي رشتا آهن، ماڻهپي وارا رشتا آهن، بهادريءَ ۽ حُب الوطنيءَ جا واسطا آهن. بهاريءَ ۽ حُب الوطنيءَ تي ڪنهن هڪ قوم جو ٺيڪو نہ آهي. صرف ويتنامي بهادر ٽين ٿا، پر الجزائري نہ ائين نہ آهي. الجزائري بہ بهادر ٽين ٿا ۽ سنڌي ماڻو بہ بهادر ٽين ٿا. اهڙيءَ طرح سونهن جا رشتا آهن. سونهن، صرف سنڌ ۾ نہ آهي، هندستان ۾ بہ آهي، آمريڪا ۾ بہ آهي، آفريڪا ۾ بہ

آهي ۽ سوويت يونين ۾ به آهي. اهي سڀ اسان جا انسانيت سان رشتا آهن. انهن انسانيت جي رشتن جي ناتي اسين انهن ماڻهن سان به ڳنڍيل آهيون. فطري طرح ڳنڍيل آهيون. سياسي طور ڳنڍيل آهيون ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ ڳنڍيل آهيون. ان ڪري اسين ماڻهن کان، انسانيت کان ڪٽجي ويهي رهون ۽ صرف ائين سمجهون ته فلاڻو قول اسان لاءِ حرف آخر آهي، ان کان اڳتي وڌڻو ناهي، ائين ڪري اسان حقيقت ۾ آپگهات ٿا ڪريون. دنيا ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ڪنهن به قوم، ڪنهن به ملڪ اها روش اختيار نه ڪئي آهي. اها روش جنهن به اختيار ڪئي، سو متجي ويو آئون توهان کي هڪڙو مثال ڏيان: مائوزي تنگ کي مون وانگر انگريزي ڪانه ايندي هئي، هو صرف چيني ٻولي ڄاڻندو هو. پر ٽيندو چا هو ته جيڪي ممڪن انگريزي اخبارون ۽ رسالا هوندا هئا، جنگ تي، گوريلا جنگ تي ۽ عالمي سياست تي جيڪي ڪتاب ايندا هئا، تن سڀني جون سمريون (Summaries) ناهي، هر صبح جو ڪيس پيش ڪيون ويندیون هيون ته جيئن دنيا ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري پيو ان کان اڻ وقف رهي نه سگهي، ته دنيا ۾ اهو ٽيندو ئي ناهي ته اسان پنهنجا دروازا، نظرين، فڪر، سونهن، شاعريءَ ۽ انساني گڻن لاءِ بند ڪري ويهي رهون. اهو انتهائي غلط اهي. ان لاءِ انهن لاڙن کي ختم ڪريو، انهن لاڙن کي ننديو. پارٽي ادارن ۾ ننديو!

ان کان پوءِ آءٌ توهان کي هڪڙو ٻيو عرض ڪرڻ ٿو چاهيان ته اها سموري صورتحال آهي. اسين سموريءَ دنيا سان ڳنڍيل آهيون. اسين مظلوم قومن سان به ڳنڍيل آهيون. اسان انهن جا ساٿاري آهيون ۽ انهن سان گڏ آهيون. انقلاب جي استحڪام لاءِ جتي به جنگ وڙهجي ٿي، اسان جون همدرديون انهن سان آهن. سامراجي بالادستيءَ، سامراجي غلبي جي خلاف ڪو به ماڻهو ڪا به تحريڪ، ڪا به تنظيم، ڪنهن به جاءِ تي ڪهڙي به روپ ۾ جدوجهد ڪري ٿي، اسان

ان کي سلام ڪريون ٿا. انهيءَ ڪري جو هن دؤر ۾ اسان سامراجيت جي اُگهاڙي رُوپ جا ڏنگيل آهيون. ڪي ماڻهو ان کي محسوس ڪن يا نه ڪن، اها انهن جي مرضي. شايد انهن جي جسمن تي سامراجي وِڇن جا ڏنگ ڪونہ لڳا آهن. اهي ايجا پاڻ کي معيار زندگيءَ جي انهيءَ سطح تي رکيو ويٺا آهن، جيڪا سطح سامراجيت جي آهي. بهرحال، اسان سامراجي بالادستيءَ جي خلاف ان ڪري آهيون. جو اسان کي خبر آهي تہ وڏيرا شاهي ڇا ٿيندي آهي، اسان کي خبر آهي تہ جاگيرداري ڇا ٿيندي آهي، اسان کي خبر آهي تہ سرمائيدارانہ نظام پنهنجي اُگهاڙي رُوپ ۾ ڇا ٿيندو آهي، اسان کي خبر آهي تہ سرمائيدارانہ نظام ڪهڙي طريقي سان انسان جي جسم مان آخري رت جو قڙو نپوڙڻ لاءِ ڪوششون ڪري ٿو ۽ حربا هلائي ٿو؟ ۽ اسان کي خبر آهي تہ قومون جڏهن غلام ٿين ٿيون تہ ان غلاميءَ جو درد ۽ پيڙا ڇا هوندي آهي، انهن جي مردن، عورتن ۽ ٻارن تي ڇا وهندو ۽ واپرندو آهي.

جيڪڏهن غلاميءَ کي سڳ هجن ها تہ غوث علي شاهہ جي مٿي تي ٽري ڏِڳي جيڏا سِڳ هجن ها! غلامي اها ئي تہ آهي تہ هڪڙو ماڻهو وزير اعليٰ ٿئي تہ ان کي ڪن کان ڇڪي لاهيو ڇڏين. غلامي اها ئي تہ آهي تہ ٽر ۾ ڪا ڪولهڙ ڪجي ٿي تہ ماڻهو پرامن نموني احتجاج ڪن ٿا تہ انهن تي بندوقون هلن ٿيون، گوليون هلن ٿيون ۽ 17 ماڻهو مري وڃن ٿا. غلامي اها ئي آهي تہ هر رستي ۽ روڊ تي پوليس ۽ رينجرز وارا بيهي توهان جون گاڏيون چيڪ ڪن ٿا، ڪيسا چيڪ ڪن ٿا، توهان جي پرديدار عورتن کي لاهين ٿا. هاڻي خبر پئي آهي تہ ليڊيز پوليس رکي پئي وڃي تہ جيئن جيڪي عورتون سفر ڪن، انهن جي بہ تلاشي ورتي وڃي. اها حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ حيدرآباد شهر جي چوڏاري شهر ۾ داخل ٿيندڙ رستن تي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون ويون

آهن، ته جيئن کو به سنڌي ماڻهو بصر وڙهڻ وارو چاقو يا ڇُري به ڪٽي اندر داخل نه ٿي سگهي ۽ حيدرآباد شهر ۾ جيڪي به هٿيار پيا آهن، جيڪي ڪراچيءَ کان اچن ٿا، سي اتي ئي محفوظ هجن، داداگيرن وٽ هجن. انهيءَ کان وڌيڪ ٻي غلامي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ حيدرآباد مان ڪراچيءَ بس وڃي ٿي ته ڇئن جاين تي چيڪ ٿئي ٿي، ته متان اندرون سنڌ جا سنڌي کو هٿيار کڻي نه ايندا هجن، پر ڪراچيءَ مان بس نڪري ٿي ته ان کي چيڪ نه ٿو ڪيو وڃي.

آءٌ 9 جون 1989ع تي سنڌ قومي اتحاد جي رهبر ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ ويو هئس ته بس واٽ تي ٽن جاين تي چيڪ ٿي ۽ موٽ تي آءٌ ڊاڪٽر دودو مهيري ٻئي بس ۾ گڏ آياسين ته ان کي ڪنهن به جاءِ تي چيڪ نه ڪيو ويو. چاڪاڻ ته اها بس ڪراچي شهر مان ٻئي آئي ۽ ڪراچي حاڪمن جو شهر آهي! اندرون سنڌ مان ايندڙ سنڌي ماڻهن کان ڇُري ڦرڻ لاءِ به چوڌاري چيڪ پوسٽون قائم ڪيون ويون آهن، پر پناهگير ڪراچيءَ مان هٿيارن جا انبار کڻي اچن، بم ۽ بارود کڻي اچن پرواهه ناهي. حيدرآباد يا ٻئي ڪنهن هنڌ ته انهن کي چيڪ ڪرڻ وارو کو به ڪونهي. ته اها غلامي آهي ۽ غلاميءَ ۾ ماڻهن کي ائين ئي ذليل ڪيو ويندو آهي ته کين بسن، گاڏين ۽ ڪارن مان لاهي، قطارن ۾ بيهارينداآهن. قطارون لڳيون پيون آهن، ماڻهن جي عزت نفس کي مجروح ڪرڻ لاءِ! آئون عمرڪوٽ کان ڳوٺ ويس ٻئي، مون سان گڏ جيپ ۾ هڪ دوست به هو جيڪو مون وٽ دعوت تي اچي رهيو هو. عمرڪوٽ ۽ چور جي وچ تي رينجرز وارن جي چيڪ پوسٽ آهي، اتي ماڻهو قطار ۾ بيٺا هئا. اسان به گاڏي بيهاري، منهنجي دوست مون کي چيو ته: "مون کي اڄ خبر ٿي پوي ته سنڌ ۾ ڪونه آهيان، پر ڏکڻ آفريڪا ۾ آهيان." مون چيو: "چو؟" وراڻيائين ته: "ڏکڻ آفريڪا ۾ به ڪارن ماڻهن کي ائين قطارن ۾

بيهاري تلاشيون وٺندا آهن ۽ انهن جا سچاٽپ ڪارڊ چيڪ ڪندا آهن." تہ اها پوزيشن آهي، ماڻهن جي عزت ۽ وقار مجروح ڪرڻ لاءِ ظاهر ڀالهہ آهي تہ عمرڪوٽ ۽ ڇور جي وچ ۾ ڪهڙا ٽريا بندوقون ڪٽي هلندا هوندا، جن کي چيڪ ڪيو ٿو ويجي؟ انهن ويچارن مسڪينن کي ڪائڻ لاءِ رب بہ نہ ٿي ملي سي وري ڪهڙا هٿيار ڪٽي هلندا! بس، ماڻهن کي ذليل ڪرڻ ۽ بي وقار ڪرڻ لاءِ غلامي اهي ئي تحفا ڏيندي آهي.

ان ڪري، اسان کي احساس آهي تہ غلامي بدترين شيءِ آهي. غلاميءَ جي هر شڪل ۽ صورت کان اسان نفرت ڪريون ٿا. غلاميءَ جي هر شڪل ۽ صورت جي خلاف وڙهندڙ ڪٽي بہ ڪو آزاديءَ جو مجاهد آهي، تہ اسان ان کي سلام ڪريون ٿا پوءِ اهو افغانستان ۾ هجي، هندستان ۾ هجي، ڪوريا ۾ هجي، فلسطين ۾ هجي، ايريٽيريا ۾ هجي، نميبيا ۾ هجي، ڏکڻ آفريڪا ۾ هجي يا آمريڪا ۾ هجي. جيڪو غلاميءَ جي هر شڪل ۽ صورت جي خلاف وڙهي ٿو تہ اسان اهو سمجهون ٿا تہ اهو ڪهڙيءَ بہ سرزمين تي رهي ٿو ڪٽي بہ رهي ٿو اهو هن دؤر جو دودو آهي، دريا خان آهي! ان کانسواءِ، توهان کي عرض ڪندس تہ پنهنجون تنظيمون ناهيو. آءٌ خاص ڪري جيئي سنڌ محاذ جي دوستن کي گذارش ڪندس تہ توهان مهرباني ڪري جيئي سنڌ محاذ کي ماسترن ۽ نوڪري پيشہ ماڻهن کان اڳتي ڪيو عوام ۾ ڪٽي وڃو عام ماڻهن کي پارٽيءَ ۾ آڻيو. توهان تن قسمن جا ماڻهو پيدا ڪريو.

(1) بنا نوڪرين وارا ماڻهو محاذ ۾ آڻيو. سڄيءَ سنڌ ۾ سوا ڪروڙ سنڌي قوم رهي ٿي، جيڪي ماڻهو ميمبر ڪريو. تن جي تربيت ڪريو. ايئن ئي شامل نہ ڪريو تہ اڄ شامل ٿين ۽ سياٽي وري استعيفيٰ ڏيئي پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿي وڃن.

(2) کجھ ايجيٽيٽر (Agitator) قسم جا ماڻھو پيدا ڪريو جن کي ايجيٽيشن، هلچل، تحرڪ ۽ ويڑھاند سڀ ڳالھ اچي.

(3) اوھان اھڙا ماڻھو پيدا ڪريو جيڪي مستقل سياست ڪندڙ ھجن. عارضي سياست، ائڊھاڪ ازم ۽ عارضي پٽو تنظيمن لاءِ بہ خطرناڪ آھي تہ سياست لاءِ بہ خطرناڪ آھي. ھونئن بہ عارضي دوائون انساني زندگيءَ جي لاءِ خطرناڪ ھونديون آھن. ان ڪري اوھان اھڙا ماڻھو پيدا ڪريو جيڪي مستقل سياست ڪندڙ ھجن.

جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن جا جيڪي دوست وينا آھن، انھن کي عرض ڪندس تہ فيڊريشن وڏي قوت ۽ طاقت آھي، پر مون کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ فيڊريشن ڪافي وقت کان وڃي پنھنجي قوت ۽ طاقت، سياست لاءِ استعمال نہ پئي ڪري، اھا قوت، سياست لاءِ استعمال ٿيڻ بدران جھيڙن ۽ جھٽن لاءِ استعمال ٿي رھي آھي. ان ڪري اوھان کي ڪپي تہ فيڊريشن کي باقاعدي ھڪ سياسي قوت بنائي، سياسي ذھن پيدا ڪريو. فيڊريشن جو ڪو بہ ميمبر، صدر ۽ جنرل سيڪريٽري انھيءَ لاءِ نہ ٿئي، عھدو انھيءَ ڪري قبول نہ ڪري، تہ ان تي ڪيس آھن ۽ جيڪڏھن عھدو قبول ڪندو تہ ڪيس تحفظ (Shelter) ملي ويندو. ان لاءِ عھدن تي وڏي ويڑھ ۽ جدوجھد ٿيندي آھي. ان ڪري فيڊريشن کي نظرياتي طرح، فڪري طرح ۽ علمي طرح سياسي قوت بنايو. توھان وٽ ڪچو مال (Raw Material) تمام گھڻو آھي، ان کي مربوط ۽ منظم ڪريو. ان کي شڪل ڏيو ۽ ھڪڙو مضبوط ادارو بنايو. جيڪو ادارو، فردن سان ٽڪر کائي سگھي، فردن کان بالاتر ھجي، شخصن جي بالادستيءَ کان مٿيرو ھجي ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي قافلي جو ھڪڙو بھترين ادارو ثابت ٿئي ۽ جيئن سياسي تنظيمون ڪم ڪنديون آھن، تيئن ڪم ڪري، انتشار، ھيروازم، ائڊھاڪ ازم ۽ ائڊونچرزم جي ڏبڻ مان نڪري، سائنسي بنيادن تي منظم ۽ مربوط ٿئي.

سنڌي پورهيت سنگت جي دوستن کي ٻ آءٔ اهو عرض ڪندس تہ، توهان في الحال گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ ڪريو تہ سنڌ جي اندرين علائقن ۾ جيڪي ٻ ڪارخانا آهن، تن ۾ سنڌي مزدورن کي منظم ڪريو. مون کي حيرت ٿي تہ سنڌي پورهيت سنگت اڳي جن ملن ۾ موثر ڪردار ادا پئي ڪيو جهڙوڪ پنگريو ڪوسڪي ۽ فاران شگر ملز ۾ تہ اتي يونين اليڪشن ۾ ڪٿي نہ سگهي آهي، صرف سنڌ آبادگار شگر مل ۾ اليڪشن کٽي سگهي آهي. ان ڪري انهن ملن ۽ ٻين ڪارخانن ۾ ڪم ڪريو. ان کان سواءِ توهان پنهنجيءَ سياست مان ٽريد يونين ازم کي مڪمل طرح خارج نہ ڪريو کي مهم جو قسم جا ماٹهو چوندا تہ، "پنهنجو تہ نعرو آهي سنڌو ديش، اسان جو مزورن جي مسئلن سان ڪهڙو واسطو؟" اهو لاڙو هاڃيڪار آهي. اهو لاڙو جيستائين سنڌي پورهيت سنگت اندر موجود رهيو تيستائين اها صرف اسٽيل مل تائين محدود رهي هئي ۽ ان کان ٻاهر نڪري نہ سگهي. هينئر اوهان اسٽيل مل کان اڳتي وڌي ڪم ڪريو پيا. ان ڪري اوهان مزدورن جا مسئلا ڪٹو. اوهان ٽريد يونين جي سياست کي پنهنجيءَ سياست مان خارج نہ ڪريو ۽ ان کان سواءِ اوهان جو ڪم آهي تہ اوهان ماٹهو تيار ڪري جيئي سنڌ محاذ ۾ موڪليو. اڄ تہ صورتحال اها آهي، جو توهان ڪن ضلعن يا يونٽن ۾ محاذ کان عارضي طرح ماٹهو ٻہ ونو ٹا، پر اڳتي ائين ٹئي تہ اوهان خود محاذ کي ماٹهو ڏيو.

لطيف سنگت جون ٻہ سنڌ ۾ تمام گهٹيون شاخون آهن، پر آءٔ انهن تي هڪ تنقيد ڪندس تہ انهن اڄ تائين ڪو ٻہ پرپور مظاهرو نہ ڪيو آهي. وڌيڪ نہ رڳو جهنڊا ۽ بينر کٹي حيدرآباد، نوابشاهہ، سکر يا ميرپورخاص ۾ ڪو هڪڑو ئي پرپور تاريخي مظاهرو ڪرائين ها، تہ ائين ماٹهو ڏاڙا نہ هٹن ها.

بهرحال اهي چند گذارشون هيون، جيڪي اوه ان کي ڪيم. آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان، جو هن قسم جو علمي ميڙاکو ڪوٺايو اٿو. مهرباني.!

[ليڪچر کان پوءِ آريسر صاحب کان ادارن جي مضبوطيءَ قومي آزاديءَ جي صحيح لائين ۽ سنڌ جي انقلاب جي قسم بابت سوال ڪيا ويا، جن جا جواب، آريسر صاحب هيٺيان ڏنا.]

بنيادي طرح ادارن جي مضبوطيءَ لاءِ پهرين ڳالهه اها آهي ته ان ۾ جيڪي ماڻهو هجن، سي نظرياتي طرح تربيت يافته هجن ۽ انهن تي وڏي محنت ٿيل هجي. ٻيو اهو ته ورڪر آزاد به هجي ۽ پابند به هجي. آزاد ان معنيٰ ۾ هجي ته هو ڪو به خارجي دٻاءُ قبول نه ڪري. ڪنهن فرد جو، ماڻٽن ۽ دوستن جو دٻاءُ قبول نه ڪري. ان معاملي ۾ هو بلڪل آزاد هجي. پنهنجي ذهن ۽ راءِ موجب هلي ۽ جنهن شيءِ کي به بهتر سمجهي، ان موجب ڪم ڪري. پابند هن معنيٰ ۾ هجڻ گهرجي ته ادارو سندس نظر ۾ سڀني شين کان مقدس ۽ محترم هئڻ گهرجي ۽ هو ان جي حڪم، ان جي فيصلي ۽ ان جي لائين جو پابند هجي. اهو ان وقت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن هڪڙو ماڻهو نظرياتي طرح تيار ٿي، اڳتي ادارن ۾ پهچي. ان کان سواءِ هڪ ٻي ڳالهه ته ادارا ان وقت مضبوط ٿيندا آهن، جڏهن هيٺيان کان وٺي مٿي تائين جمهوريت هجي. جمهوري مرڪزيت، مٿي کان هيٺ تائين ۽ هيٺان کان مٿي تائين جاري ۽ ساري هجي. توهان ڏٺو هوندو ته پارٽين ۾ انتشار ان وقت پيدا ٿيندو آهي، جڏهن اتي آمريت پيدا ٿيندي آهي ۽ هڪ قسم جي بالادستي پيدا ٿيندي آهي. پوءِ ورڪرن ۾ فرسٽريشن پيدا ٿيندي آهي، ڪيترن قسمن جون غلط گمانيون ۽ بدگمانيون پيدا ٿيندڙيون آهن. نتيجي طور پارٽيءَ ۾ انتشار پيدا ٿيندو آهي. ان ڪري اهو لازمي آهي

ته جمهوريت جو جيڪو سادو تصور آهي، ان موجب پارٽيءَ جا عهديدار ۽ ميمبر، هر سال، ٻئي سال يا جيڪو مدو مقرر هجي، پارٽيءَ جي اليڪشن بنا دٻاءُ جي ڪرائيندا اچن. نمائندا چونڊيندا اچن ۽ پوءِ نمائندن جو اهو ڪم آهي ته ذهني تربيت جو ڪهڙو پروگرام رکن ٿا. ليڪچر سسٽم جاري رکن ٿا، استڊي سرڪل هلائين ٿا يا ٻيو ڪو طريقو ڪم آڻين ٿا. بهرحال اها جمهوريت ادارن لاءِ به ضروري آهي.

اسان جو سماج، صدين جو غلام سماج آهي. ان ۾ جاگيردارانه اثرات آهن، پير پرستانه اثرات آهن، مذهبي اثرات آهن، قبائلي اثرات آهن ۽ زرعي سماج جا اثر موجود آهن. بدقسمتي اها آهي ته زرعي سماج هميشه منتشر هوندو آهي. صنعتي سماج منظم هوندو آهي. پناهگير ان ڪري متحد آهن، جو اهي صنعتي سماج ۾ رهن ٿا ۽ شهرن ۾ رهن ٿا. اسان ٻهراڙيءَ جا ماڻهو آهيون. اسان جا هاري عيد تي مشڪل سان گڏ ٿيندا آهن، اهي سڀ ڳالهيون اسان ۾ موجود آهن. اهي جيترن سالن جون پيدا ڪيل آهن، انهن کي ڪيڏ لاءِ اوترن سالن جي ضرورت نه آهي، چو ته سائنس يا ٻيا جديد ذريعا تيز رفتاريءَ سان اثر ڪن ٿا، اميد ته اسان جلد پنهنجين ڪمزورين تي غالب ٻڌجي ويندا سون.

قومي آزاديءَ جي صحيح لائين ڪهڙي آهي، اها ظاهر ڳالهه آهي ته اسان جا سوشلسٽ سماج يا ترقي پسند لائين ڏانهن جيڪي رويا يا لاڙا هوندا، انهن تي منحصر آهي.

ان کانسواءِ توهان ان ڳالهه کي به نظر انداز نه ڪريو ته هيءَ اسان جي جيڪا جدوجهد آهي، سا قومي آزاديءَ جي جدوجهد، نج طبقاتي جدوجهد نه هوندي آهي، پر ان ۾ قومي آزاديءَ وارو عنصر مقداري لحاظ کان وڌيڪ هوندو آهي. ائين نه ته ڪيفيتي لحاظ کان وڌيڪ پر مقداري لحاظ کان وڌيڪ هوندو آهي. ان ڪري قومي آزاديءَ

جي جدوجهد ۾ سڀ کنهن قسم جا ماڻهو اچي سگهن ٿا. اسان جا قومي جدوجهد لاءِ اهو جيڪو چيو ويندو آهي ته ان تي فيوڊل (Feudal) ڪلاس حاوي آهي، سا ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي.

مائوزيتنگ چيو هو ته "چين جو انقلاب، بنيادي طرح هاري انقلاب آهي." منهنجو تجزيو اهو آهي ته سنڌ جو انقلاب بنيادي طرح ڳوناڻو انقلاب ٿيندو ۽ ان ۾ ڏنار به حصو ونڊندو. هاري به حصو ونڊندو. اها ئي اصلي قوت آهي. اسان وٽ پورهيي جو پورهيت جو جيڪو نمونو آهي، اها ان کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي پورهيت هتي قيادت واري پوزيشن ۾ نه آهي. ان کي هاري ۽ ڳوناڻي قوت سان گڏجي انقلاب آڻڻو پوندو. اها ڳالهه مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي سماج جو جائزو" ۾ تفصيل سان بيان ڪئي آهي.

○

[پڙاڏو آگسٽ 1989ع، شمارو-7]

ليڪچر

سنڌ بينڪيت (ڪالوني) ڪيئن آهي...؟

سنڌ ۾ جڏهن کان قومي تحريڪ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه سنڌي ماڻهن ۾ وڌيڪ پکڙجڻ ۽ ڦهلجڻ لڳي آهي، تہ ان وقت کان پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ ڦورو ٽولن جي ايجنٽن ۽ دلالن ہن قسمن جا حربا استعمال پئي ڪيا آهن. سڀ کان پهريان اُنهن انهيءَ قومي تحريڪ جي نظرئي اسلام، نظريہ پاڪستان، مسلمان قوم ۽ مُسلم پائيچاري جي نالي ۾ مخالفت ڪئي پر سنڌي ماڻهو جڏهن انهيءَ فريب مان، انهيءَ دوکي مان، انهيءَ ڏٽي مان نڪري پار پيا ۽ پنهنجن قومي حقن کي صحيح طريقي سان سڃاڻڻ شروع ڪيو ۽ حڪمران ٽولي ڏٺو تہ اسان جا اهي مذهبي نعرا، مذهبي اصطلاحون، مذهب جي آڙ ۾ ڦرلٽ جا طريقا ناڪام ٿيندا ويڃن، تہ اُن وقت هنن هڪ ٻيو طريقو اختيار ڪيو. انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ کان اڳ ۾ آئون هتي هڪڙي ڳالهه ظاهر ڪري ڇڏيان، اُها اِها تہ: قومي تحريڪ دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ هلندڙ هجي، اُها بنيادي طرح ترقي پسند هوندي آهي ۽ سامراج دشمن هوندي آهي ۽ هن معنيٰ ۾ تہ قومي تحريڪ لازمي طرح اُن وقت اُپرندي آهي، جڏهن ڪو ملڪ غلام هجي ۽ غلاميءَ جو پيدا ڪندڙ ان کي مستحڪم رکندڙ ان کي مضبوط بنائيندڙ سامراجي سرشتو هوندو آهي، نہ کي سوشلسٽ سرشتو.. جڏهن غلامي پيدا ڪندڙ ان کي مضبوط بنائيندڙ سامراجي سرشتو آهي، سامراجي ملڪ آهن، سامراجي ذهنيت آهي. ان وقت اها ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ڪا بہ قومي تحريڪ کڙي بہ وقت هلي ٿي تہ اها لازمي طرح سامراج دشمن هوندي، ڇو تہ سامراجي سرشتي جي

ڪري اها غلام آهي. ان معنيٰ ۾ ته هو لازمي طرح "سوشلسٽ بلاڪ" جي حمايتي ۽ ترقي پسند هوندي.

قومي تحريڪ جو اهو رُخ ماڻهن جي سامهون، عوام جي سامهون ۽ ڦورو ٽولن جي سامهون ظاهر ٿئي ٿو ته قومي تحريڪ سامراج دشمن آهي ۽ مذهبي هٽ ڪنڊن کان بالاتر آهي، ته اُن وقت وري هو "پناهه گاهه" تلاش ڪندا آهن، ترقي پسند اصطلاحن ۾...! سامراج دشمن اصطلاحن کي هُو پنهنجي دلالن جي ذريعي قومي تحريڪ جي خلاف استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مثال طور: اسان جڏهن چيو ته سنڌ پنجاب جي غلام آهي، ڪالوني آهي ۽ پنجاب سامراج آهي ۽ پنجابي سامراجي آهن، ته ان وقت هڪدم پاڪستان جا نام نهاد ۽ ڪوڙا سوشلسٽ جيڪي حقيقت ۾ پنجابي سامراجي کي "پاڪستان جي نالي ۾ قائم رکڻ چاهن ٿا، تن ترقي پسند اصطلاحن جي ذريعي اسان جي وات روڪڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ۽ قومي تحريڪ کي ناڪام بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. مثلاً: هو چوڻ لڳا ته پنجاب سامراج ناهي ۽ سنڌ ڪالوني ناهي...! ڇو پنجاب سامراج ناهي؟ جديد مارڪسزم جي اصطلاح ۾ سامراج اهڙي سرمائيدار حڪمران ٽولي کي چيو ويندو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي ملڪ جي سياسي اقتدار تي قبضو ڪري، اُتي جي پوري سياسي ڍانچي کي پنهنجي نظام جي تابع ڪرڻ سان گڏ، محڪوم ملڪ مان ڪچو مال ٻُهاري، ميڙي، پنهنجي ملڪ ۾ ڪٽي وڃي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ تيار ٿيندڙ مصنوعات کي وڏي اڳهه ۽ قيمت تي وڪڻڻ لاءِ محڪوم ملڪ کي "منڊي" طور استعمال ڪري ۽ اُتي وسيع پئماني تي ناڻي جي سيڙپ ڪري ۽ انساني محنت جي طاقت جو وسيع پيماني تي استحصال ڪجي.

هاڻي هتي اسان کي انهيءَ سان گڏ ٻين ڳالهين کي به ڏسڻو آهي. نام نهاد سوشلسٽ حضرات جو چوڻ آهي ته:

(1) جيڪو ملڪ غلام هوندو آهي، انهيءَ غلام ملڪ جو ماڻهو پنهنجو معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ آقا ملڪ ۾ ويندو آهي.

(2) حاڪم ملڪ هميشہ ڪارخانا پنهنجي ملڪ ۾ لڳائيندو آهي، نہ ڪي غلام ملڪ ۾...!

(3) غلام ملڪ جي ماڻهن کي نظام حڪومت يا، سرشتي ۾ نمائندگي نہ هوندي آهي.

(4) سامراج لاءِ ضروري آهي تہ سامراج پاڻ صنعتي ۽ سرمائيدارانہ طرح ترقي يافتہ هجي، ڇو تہ سامراج پيداوار آهي- سرمائيدار دؤر جو.

اهو ملڪ سرمائيداري طرح ترقي يافتہ، خوشحال ۽ اڳتي وڌيل هجي، ان جي پيٽ ۾ غلام ملڪ صنعتي طرح تمام پنتي پيل هجي ۽ صفا جاگيردارانہ دؤر يا نيم قبائلي نظام ۾ جڪڙيل هجي، تہ هتي اسان ڏسون ٿا تہ پنجاب پاڻ صنعتي طور تي ايترو اڳتي وڌيل نہ آهي جيترو هندستان تي قبضي ڪرڻ وقت برطانيا هو. ۽ پوءِ ڳالهہ تہ سامراج ڪارخانا پنهنجي ملڪ ۾ قائم ڪندو آهي نہ ڪي غلام ملڪ ۾، تہ اهاڳالهہ بہ هتي لاڳو نہ آهي، ڇو تہ پنجاب ڪارخانا پنهنجي ملڪ ۾ ڪونہ لڳايا آهن، پر غلام ملڪ جنهن کي توهان "سنڌ" ٿا چئو ان ۾ لڳا آهن نڪي پنجاب ۾...! تنهن ڪري ڳالهہ تہ چيو ويندو آهي تہ غلام ملڪ جا ماڻهو زندگيءَ جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ آقا ملڪ ۾ ويندا آهن نہ ڪي آقا ملڪ جا ماڻهو معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ غلام ملڪ ۾ ويندا آهن.

پر هتي اُن جي ابتڙ آهي. ڇو تہ سنڌي ماڻهو پنهنجي معيار زندگيءَ کي بلند ڪرڻ لاءِ پنجاب يعني آقا ملڪ ۾ ڪونہ ٿو وڃي. پر آقا ملڪ جو يعني پنجاب جو ماڻهو غلام سنڌ ۾ معيار زندگيءَ کي بلند ڪرڻ لاءِ اچي ٿو.

نظامِ حڪومت ۾ سنڌي ماڻهوءَ کي نمائندگي ڏني وڃي ٿي.
سنڌي ماڻهو نمائندگي ڪن ٿا. ان مان ثابت ٿيو ته سنڌ غلام يا ڪالوني ناهي...! پر هيءَ باهميءَ رضامنديءَ وارو ميلاپ يا ڳانڍاپو آهي. جنهن ۾ قرلٽ ٽيندي رهي ٿي. جنهن ۾ سنڌي به شامل ياگي پائيوار آهن ته پنجابي به آهن. ان جي لاءِ اسان کي ڏسڻو پوندو ته سامراج جي تعريف ڪئي ويئي سا پنجاب سان لاڳو نٿي ٿئي ۽ سنڌ انهيءَ وصف تحت ڪالوني ثابت نه ٿي ٿئي. مثال طور: دنيا جو ڪو به انقلابي ملڪ گني بسائو موزمبيق ۽ انگولا تي "پرتگال" جي قبضي کي سامراجي قبضو چوندو. ان کان به (ترقي پسند) انڪار نه ڪندو ته پرتگال سامراجي ملڪ هو. جنهن انگولا، گني بسائو ۽ موزمبيق تي چئن سَوَن سالن تائين قبضو ڪيو ته ڇا پرتگال سامراج نه هو؟ يقيناً هو. پر ڏسنداسين ته پرگتال صنعتي طرح، سرمائيداري طرح، ايترو ترقي يافته نه هو پر اُتي جو سرمايو اتي جي صنعت، اتي جو پئسو محتاج هو. آمريڪي، برطانوي، فرانسيسي ۽ اسپيني سرمائيدار جو ۽ جڏهن به انهن ملڪن پنهنجي سرمائيڪاري ڇڏي ڏني ته نتيجي طور پرتگال جي سامراجي حيثيت آهستي آهستي آهستي ختم ٿيندي وئي. اهڙيءَ طرح سان ساڳئي طريقي سان پنجاب پرتگال وانگر صنعتي طرح وڏيل نه آهي، پر ان جا آڻا مثال: باهريان سرمائيدار جهڙوڪ آمريڪا ۽ برطانيه، تن جي سرمائي جي آڌار تي هي ايئن غلام بنائيندڙ طاقتور آهي، جيئن پرتگال هو. ان ڪري سرمائيداري دؤر واري سامراجي وصف هر جڳهه تي لاڳو نه آهي. پرتگال کي سيئي ترقي پسند، سوشلسٽ، محب وطن ماڻهو ويندي انگلولا جي "آگيستيليتو" جي تنظيم جيڪا ڪميونزم ڏانهن مائل هئي. تنهن جو چوڻ هو ته پرتگال سامراج آهي. ٻين به چيو، روسين به چيو، ڪيوبا وارن به چيو. ساڳيءَ ريت پنجاب کي اسان سامراج چئون ٿا.

ٻي ڳالهه ته هتي ڏٺو وڃي ته پنجاب جا ماڻهو پنهنجو معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ اچن ٿا. ان مان معلوم ٿيو ته پنجاب سامراج نه آهي...!

ان ڪري اها ڳالهه غلط آهي ته آقا ملڪ جا ماڻهو غلام ملڪن ۾ پنهنجو معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ نه ويندا آهن، پر هندستان جو ماڻهو برطانيا ويو هو جيئن اڄ به برطانيه ۾ "ايشيا" جا ماڻهو وينا آهن. پر دنيا ۾ ڪٿي ائين ٿيو آهي ته آقا ملڪ جا ماڻهو غلام ملڪن ۾ زندگيءَ جو معيار بلند ڪرڻ ويا آهن، اتي پنهنجون ڪالونيون قائم ڪيون آهن، ڏار ڏار بستيون قائم ڪيون آهن، اتي زمينن تي، ڪارخانن تي وڏي پيماني تي قبضا ڪيا آهن. توهان کي اڄ ڏکڻ آفريڪا ۾ جيڪي به گورا نظر اچن ٿا، سي سڀ يورپي آهن. اهي ماڻهو سون جي کاڻين، هيرن جواهرن، قدرتي وسيلن تي قبضو ڪرڻ لاءِ معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ يورپ مان آفريڪا ويا. اُتي هو قبضو ڪري ويا، جيڪي اڄ تائين نه ٿا نڪرن. جيئن "زمبابوي" جو مسئلو ته اُتي اڇا ماڻهو صدين کان وينا هئا ۽ زمبابوي جي ماڻهن جڏهن قومي آزاديءَ تي راتاهو هٽي، ناڪام بنايو ۽ پنهنجي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ ڪيو. انهن جي خلاف وري زمبابوي جي ماڻهن ويڙهه شروع ڪئي، ته اڇا ماڻهو جيڪي به هئا، سي سڀ برطانيه جا هئا ۽ اهي پنهنجي زندگيءَ جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ زمبابوي ۾ آيا هئا. انهن ڦرلٽ جو مال ايترو ته هٿ ڪيو ۽ سندن زندگيءَ جو معيار ايترو ته بُلند ٿي ويو جو هو زمبابوي مان ڪڏهن به نڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ جهڙوڪ هنن پنهنجا رشتا ناتا برطانيه کان ٽوڙي ۽ وساري ڇڏيا هئا. ٻيو الجزائر جو مثال آهي. الجزائر ۾ لکن هزارن جي تعداد ۾ فرانسيسي اچي وينا هئا ۽ الجزائر جون اتي جيڪي بهترين زمينون هيون، انهن تي هنن قبضا ڪيا هئا. نتيجي طور جڏهن "جنرل ڊيگال" الجزائر کي

آزاد ڪيو تہ. فرانسيسي ماڻهو الجزائر مان نڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. هنن چيو تہ اسان هتي زمينن کي محنت ڪري سرسبز ۽ آباد ڪيو آهي ۽ اسان ان کي ڇڏڻ لاءِ تيار ناهيون. نيٺ مجبور ٿي جنرل ڊيگال کي انهن ماڻهن تي بمباري ڪرائڻي پئي ۽ الجزائر ۾ رهندڙ فرانسيسين جي مٿئين طبقي فوج تيار ڪئي، جيڪا فرانسيسي سرڪاري فوج ۽ الجزائر جي آزادي جي مجاهدن سان هڪ ئي وقت وڙهڻ لاءِ تيار ٿي. ڪهڙي به طريقي سان هو نڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ جنرل ڊيگال باقائدي حڪم ڏنو تہ فرانسيسي مٿئين طبقي جا ماڻهو جيڪي الجزائر مان نڪرڻ لاءِ تيار ناهن، انهن تي بمباري ڪئي وڃي. چو تہ جنرل ڊيگال عالمي سطح تي الجزائر جي آزاديءَ جو اعلان ڪري دنيا ۾ جيڪا پنهنجي ساک بحال ڪئي هئي، تنهن کي ڏڪ ٿي لڳو ۽ آخر شديد قسم جي بمباريءَ کان پوءِ فرانسيسي الجزائر مان نڪرڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ اهي ساڳيا ماڻهو آقا ملڪ فرانس جا هئا. جيڪي پنهنجي زندگيءَ جو معيار بُلند ڪرڻ لاءِ ۽ روزگار حاصل ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ الجزائر ۾ آيا هئا. ساڳيءَ طرح پنجابي به سندّ ۾ ايئن اچي رهيا آهن، جيئن الجزائر ۾ فرانسيسي اچي رهيا هئا. يا ڏکڻ آفريڪا ۾ انگريز اچي رهيا هئا، يا جيئن روڊيشيا ۾ گورا انگريز اچي رهيا هئا. ان سان برطانيہ جي، فرانس جي ۽ پنجاب جي سامراجي حيثيت تبديل نہ ٿي ٿئي.

3. ٽين ڳالهہ سامراج پنهنجي ملڪ ۾ ڪارخانا قائم ڪندو آهي نہ ڪي غلام ملڪ ۾ قائم ڪندو آهي...

اهو دليل به ايترو وزنائتو نہ آهي، جو تہ جن ماڻهن سامراجي نظام جو گهڻ طرفو وسيع همہ گير مطالعو ڪيو آهي، انهن کي خبر آهي تہ سامراجي نظام ۾ ڪو به اهڙو ملڪ نہ آهي، جنهن کي پنهنجو بندرگاهہ نہ هجي، سيني کي ساموندي ڪنارا هئا. آئون سمجهان ٿو تہ

سامراجي سرشتي جو هيءُ آخري قلعو آهي، جنهن بدنصيب خطي کي پنهنجو بندرگاهه ڪونهي ۽ سامونڊي ڪنارو نه هجڻ ڪري پنجاب ان ڳالهه تي مجبور آهي، ته پنهنجا ڪارخانا سامونڊي ڪناري ۽ بندرگاهه واري علاقي ۾ جيڪا سنڌ آهي، جتي "خام مال" وڏي تعداد ۾ ملي سگهي ٿو ۽ ٻاهران مشين گهرائڻ لاءِ سامونڊي ڪنارو ويجهو هئڻ ضروري آهي. جتان خرچ گهٽ اچي سگهي ٿو ۽ هتي ٻيو به مسئلو آهي ته سنڌ جي آبادي جي توازن کي درهم برهم ڪرڻ لاءِ مزدور سنڌ ۾ گهرائي، جيڪو مزدور اتي سندس ملڪ ۾ بيچينيءَ جو سبب بنجي ٿو. سامراج ڪارخانا پنهنجي ملڪ ۾ ان ڪري قائم ڪندو آهي، جيئن بيروزگاري نه ٿئي ۽ اها بيروزگاري انقلاب جو سبب نه بنجي. ساڳيءَ طرح پنجاب ڪارخانا سنڌ ۾ قائم ڪري يا بلوچستان ۾! پر انهي ۾ مزدور اهو لڳائي ٿو جيڪو پنجاب جو مزدور آهي، ته جيئن پنجاب جو مزدور آهستي آهستي منتقل ٿئي ۽ سندس ملڪ ۾ بغاوت يا انقلاب جو سبب نه بنجي. اها پنجاب جي مجبوري آهي ته هو سنڌ ۾ ڪارخانا لڳائي ٿو نه ڪي سندس سنڌ جي ماڻهن سان پلائيءَ وارو جذبو آهي. جو ته پنجاب کي سامونڊي ڪنارو ۽ بندرگاهه ناهي ۽ خام مال ناهي ۽ تنهنڪري مزدرن جي بيچينيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ غلام ملڪ ۾ موڪلي ٿو.

4. چوٿين ڳالهه اها آهي ته سامراجي ملڪ ۾ غلام ملڪ جي ماڻهوءَ کي سياسي نظام ۾ شريڪ نه ڪيو ويندو آهي، يا غلام ملڪ جي ماڻهن کي اسيمبليءَ ۾ نمائندگي نه ڏني ويندي آهي.

اهو چوڻ به بلڪل غلط آهي. اهو سوال انهن جو احمق پائيءَ تي ٻڌل آهي. ان ڪري جن ماڻهن ننڍي کنڊ جي تاريخ پڙهي آهي، انهن کي خبر آهي ته هتي هندستان ۾ انگريز ڇا ڪيو. انگريز هندستان ۾ آيو ۽ هندستان انگريزن جي بينڪيت يا

ڪالوني هئي "انڊيا ايڪٽ" تحت برصغير جي صوبن ۾ صوبائي اسيمبليون قائم هيون. اتي وزارتون هيون. اتي ميمبر هئا ۽ 1935ع کان پوءِ سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ڪڏهن سر غلام حسين وزيراعليٰ ٿيندو هو ته ڪڏهن شهيد الله بخش سومرو وزيراعليٰ هوندو. اهڙيءَ طرح سان هتي باقاعدي اسيمبليون هوندیون هيون ۽ انهن جون وزارتون هوندیون هيون. وزيراعليٰ هوندا هئا، ۽ اصلي طاقت انهن گورنرن وٽ هوندي هئي، جيڪي انگريز ماڻهن تي ٿاڦيندو هو ۽ انهي گورنر جي حالت اها هوندي هئي، جو سنڌ ۾ توهان اندازو لڳايو ته، هڪڙي طرف 40 ميمبر هوندا هئا ته ٻئي طرف سر غلام حسين جي پارٽيءَ ۾ 5 ميمبر هوندا هئا، ته 5 ميمبرن واري پارٽيءَ کي دعوت ڏني ويندي هئي صوبائي ڪومت لاءِ نالي ماتر چونڊون ٿيندیون هيون. انهن جا وزيراعليٰ چونڊيا هئا. اهڙي طريقي سان پنجاب کي هينئر اهو اختيار حاصل آهي جيئن ممتاز پُٽي کي هٽائي جتوئيءَ کي رکيو ويو. يا سنڌ اسيمبلي جيڪر کو بل پاس ٿي ڪري ته مرڪز اهو رد ٿو ڪري ٻوليءَ وارو. ساڳي حالت انگريزن جي دؤر ۾ هوندي هئي صوبائي اسيمبلين جي. ان ڪري صوبائي اسيمبلين جي قائم ڪرڻ سان انگريز جي حيثيت ساڳي سامراجي آهي. اهڙيءَ طرح سان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اسيمبلي قائم ٿيڻ سان پنجاب جي اها ساڳي حيثيت آهي. جيڪا برطانيہ جي هئي هندستان ۾!

هاڻي انهيءَ مان ٻيا ضمني سوال اُپرن ٿا ته ننڍي کنڊ ۾ انگريز اسيمبليون قائم ڪيون، ۽ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو جو هندستاني ماڻهوءَ کي انگريزن برطانيہ جي پارليامينٽ ۾ نمائندگي ڏني هجي ۽ ڪڏهن بہ اهو اهندستاني ماڻهو برطانيہ پارليامينٽ ۾ ويو هجي، ڇو ته برطانيہ آقا ملڪ هو ۽ هندوستان غلام ملڪ هو.

هتي ان جي ابتڙ سوال آهي تہ سنڌ جو ماڻهو مغربي پاڪستان جي اسيمبليءَ جو ميمبر ڪٿي ٿو. سنڌ جي ماڻهن لاءِ سيٽون مقرر ڪيون ويون. جنهنڪري پنجاب سامراج ناهي؟ نہ اها برطانيہ جي مجبوري هئي جو هندستان ان کان هزارين ميل پري هو. ان ڪري هندستاني ماڻهوءَ کي برطانيہ جي پارليامينٽ ۾ شامل نہ ڪيو ويو تہ اهو توهان ميجينڊؤ تہ آئرلينڊ، برطانيہ جي ڪالوني هئي اڄ نہ پر "مارڪس" جي دؤر ۾. مارڪس آئرلينڊ جي عوام جي آزاديءَ جي حمايت ڪئي هئي ۽ اهو آئرلينڊ اڄ بہ برطانيہ جو غلام آهي. اڄ بہ آئرلينڊ جا ماڻهو برطانيہ جي پارليامينٽ ۾ ويهن ٿا. تنهنڪري اهو ضروري ڪونهي تہ آقا ملڪ جي اسيمبلين ۾ غلام ملڪ جا ماڻهو نہ ويهن. جهڙيءَ طرح سان برطانيہ پنهنجي پارليامينٽ ۾ آئرلينڊ جي ماڻهن کي نمائندگي ڏئي ٿي، تہ برطانوي سامراج جي حيثيت بدلجي وڃي ٿي. اهڙي ريت پنجاب، سنڌي ماڻهن کي پاڪستان جي اسيمبليءَ ۾ نمائندگي ڏيڻ سان سامراجي حيثيت بدلجي نہ ٿي. پنجاب مڪمل طرح سامراجي آهي ۽ اهو ماڻهن کي ڪچلڻ، فريب ڏيڻ جو هڪ طريقو آهي. سامراج جا ڪئين قسم آهن. صرف مارڪس واري سامراج جي وصف جيڪا سرمائيداري دؤر جي پيداوار آهي. اها ڪافي نہ آهي پر سامراج جو هڪ ٻيو بہ قسم آهي. "تہ ڪو ماڻهن جو ٽولو ڪن غاصب ۽ ڦورن جو ٽولو پنهنجي ملڪ مان نڪري پنهنجي هٿيارن جي طاقت تي پنهنجي وحشيانہ فطرت ۽ جنگجويانہ طبيعت جي زور تي ڪنهن ٻئي ملڪ تي قبضو ڪري ۽ اُتي جمي ويهي رهي ۽ پاڻ سان آندل چند غلامن، ڪدڙن، ڦورن، ٻانهن ۽ سپاهين جي زور تي حڪومت ڪري ۽ انهيءَ ملڪ جي مڙيئي دولت، پنهنجي انهن ڪدڙن، غلامن، ٻانهن ۽ وزيرن ۾ ورهائي تہ اهڙي ٽولي کي اوهان ڇاچوندؤ؟ اهو ٽولو بہ سامراجي آهي. جيئن مغل هندستان ۾ هڻا ۽ مغلن جي

حڪومت کي سامراجي حڪومت چوڻ گهرجي. "ايملڪار ڪئبرال" خود چيو آهي ته: سامراج جا ٽي قسم آهن. انهن مان هڪڙو اهو به ڄاڻايو اٿس ته:

"پنهنجي ملڪ مان نڪري ٻئي ملڪ تي قبضو ڪجي، جيئن مغل هندستان ۾." ٻيو طريقو اهو آهي ته. "ڪنهن ملڪ تي قبضو ڪري اُتي جي دولت، اُتي جي طاقت، اُتي جو پئسو سڀ پنهنجي ملڪ ڏانهن منتقل ڪري، جيئن انگريزن هندستان ۾ ڪيو."

ٽيون سامراج جو اهو به قسم آهي ته. "آئيني ۽ قانوني طريقن سان، سياسي اقتدار تي قبضو ڪري ۽ بظاهر مقامي ماڻهن کي حصيدار يا پاڳيوار ڪري ۽ انهن جي ذريعي حڪومت هلائي وڃي، جيئن پنجابي ڪري رهيا آهن. اهڙي قسم جو طريقو به سامراجي طريقو آهي."

ان ڪري اهو چوڻ ته پنجاب سامراج ناهي... ايئن چو ٿو چيو وڃي ته پنجاب سامراج ناهي؟ اهو ان ڪري چيو ٿو وڃي ته جيئن سنڌ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ نه وڌي ويجهي. قومي آزاديءَ جي تحريڪ سامراج جي خلاف هوندي آهي، پائرن جي خلاف نه هوندي آهي، دوستن جي خلاف نه هوندي آهي، انهي ڪري اهو ثابت ٿو ڪيو وڃي ته. "پنجابي پائر آهن، دوست آهن، ساڻي آهن، هم قوم آهن. اهو ان ڪري سڀ ڪجهه ڪيو ٿو وڃي، جو پنجاب جي قرلت، بالادستي، اردو زبان، اردو ڪلچر ۽ ٻيا حربا هلائي، سنڌ کي قابض ڪيو وڃي. ان ڪري جڏهن پراڻا هٿيار مڏا ثابت ٿيا، اسلام وارا، مذهب وارا ته ان وقت انهن ڦورن ۽ رهزنن، قاتلن، بدمعاشن، چا ڪيو آهي، جو بهترين نظام، بهترين سرشتي، بهترين انقلابي هٿيارن کي، بدترين نظام قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي، ۽ اسين انهن هٿيارن کان واقف آهيون. انهن چالبازين کان واقف آهيون. هر سوشلسٽ ماڻهو جيڪو

سچو سوشلسٽ آهي، اهو هن سرشتي مان، هن نظام مان، جند ڇڏائڻ لاءِ ان خلاف اعلان ڪري، ڇو ته هيءَ نظام غلط آهي. ڪي ماڻهو چون ٿا. مثال طور: "مسٽر بزنجو" چوي ٿو ته، پاڪستان گهڙ قومي رياست آهي. معنيٰ گهڙ قومي رياست ان کي چيو ويندو آهي، جيڪا تاريخ جي ڊگهي عرصي کان هلندي اچي. آئون بزنجي صاحب کان پڇڻ چاهيان ٿو ته، جيڪڏهن پاڪستان گهڙ قومي رياست هو ته پوءِ ڪهڙي بنياد تي تو بلوچستان جي اسيمبليءَ ۾ پاڪستان نهڙ کان انڪار ڪيو هو تو بلوچستان اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪئي هئي ته، بلوچستان کي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ شامل نه ڪيو وڃي. جڏهن ڪنهن به ملڪ جي ڏار ٽيڙ يا شموليت جو سوال هوندو آهي ته اُن وقت هي ڪا ڏار قوم هوندي آهي، جنهن سان الحاق ٿيندو آهي. ڏار رياستون هونديون آهن جيئن شام ۽ مصر...! اُهي جڏهن پاڻ ۾ الحاق يا اتحاد ڪن ۽ ان جو نالو "متحده عرب رياست" رکن، ان وقت اهو سوال پيدا ٿي سگهي ٿو ته شام هيو ملڪ آهي ۽ مصر هيو ملڪ آهي.

مصري قوم جدا قوم هئي ۽ شامي قوم جدا قوم هئي. مصري تهذيب جدا تهذيب هئي ۽ شامي تهذيب جدا تهذيب هئي. انهن جي ملائڻ جو يا نه ملائڻ جو سوال پيدا ته ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن پاڪستان وارو خطو گهڙ قومي رياست وارو خطو هو ته پوءِ هڪڙي قوميت جو وڏيڪ قوم ۾ ضم ڪرڻ کان ڇو انڪار ڪيو. ڇو تو بلوچستان جي "قلات اسيمبلي" ۾ اها تقرير ڪئي هئي جنهن جو آواز اڄ به بلوچستان جي فضائن ۾ آهي. هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته 30 سال اڳ تو هڪڙي ڳالهه ڪئي ۽ 30 سال پوءِ وري ان تان قيرو کائجي ته نه هيءَ گهڙ قومي رياست ٿي وئي، ان ڪري شامل ٿيندا سين. معنيٰ اهو پنهنجي قوم جي حقن تان هٿ کڻڻو آهي. اهو به بدترين نظام کي بهترين اصطلاحن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ۽ اسين

گهٽ ۾ گهٽ انهن سازشن ۾ ڦيرين گهيرين ۾ اچڻ وارا ڪو نه آهيون. اسان ڳالهه اها ڪنداسين، جيڪا اسان صحيح سمجهون ٿا ۽ جيڪا اسين سمجهون ٿا ته سوشلسٽ نظريي، مارڪسي، لينني واٽ ۽ نقطئ نظر ۽ فڪر مطابق هوندي.

لينن، خود انقلاب اچڻ کان پوءِ چيو ته اسان سوشلسٽ نظام جي بقا ۽بچاءَ جو بهانو بنائي، اسان قومن کي پاڻ وٽ مجبور ڪري نه رکنداسين۽ واقعي عملي بنيادن تي لينن ڪري ڏيکاريو. يوڪرين جو مسئلو خاص اهميت جوڳو آهي، لينن هنن کي ڏار ڪري ڇڏيو پوءِ اڳتي هلي هُو پنهنجي مرضيءَ سان سوويت يونين ۾ شامل ٿيا ۽ جيڪڏهن ڏار ٿيا، تڏهن به کين روڪڻ وارو ڪونه هو ۽ جيڪڏهن شامل ٿيا تڏهن به کين ڪير به روڪڻ وارو ڪونه هو. ساڳيءَ طرح اسان پاڪستاني سوشلسٽ کي چئون ٿا ته، جيڪڏهن واقعي توهان مارڪسي ۽ لينني واٽ تي هلو ٿا ته، منشورن ۽ تحريرن ۽ توهان پنهنجي تقريرن ۾ بار بار "سيئي مظلوم يائر سيئي ڦورو سنڌ جو وڏيرو به ڦورو ته پنجاب جو وڏيرو به ڦورو سنڌ جو زميندار به بدمعاش ته پنجاب جو زميندار به بدمعاش، سنڌ جو صنعتڪار به بدمعاش ته پنجاب جو صنعتڪار به بدمعاش، تنهنڪري آزاديءَ جي ڳالهه ڪرڻ بيڪار آهي. جيڪڏهن توهان اها ڳالهه ڪريو ٿا ته ان وقت اسان جي ذهنن ۾ اهي شڪ شبها پيدا ٿين ٿا ته اوهين واقعي لينن‌سٽ آهيو! ته ان وقت اسان سمجهون ٿا ته اوهان "لينن‌سٽ" نه پر "اقبالسٽ" آهيو چو ته لينن اهڙي قسم جي ڳالهه نه ڪئي هئي.

اوهان ڏسو ته جنهن وقت انگولا جو غلام پرتگال کان آزاديءَ جي جدوجهد ڪري رهيو هو. ان وقت دنيا جي ڪنهن به سوشلسٽ، انگولا جي سوشلسٽ، ڇا اهو چيو هو ته، اوهان آزاديءَ جي جدوجهد چو ٿا ڪريو. انگولا جو سردار به بدمعاش ته پرتگال جو زميندر به بدمعاش،

ان ڪري اچو تہ گڏجي ڏورن کي ختم ڪريون! ان وقت انگولا جي سوشلسٽن ۾ ڪيوبا جي سوشلسٽن اها ڳالھ ڪانہ ڪئي هئي. الجزائر ۾ آزاديءَ جي جدوجهد هلي رهي هئي تہ الجزائر جو شيخ، الجزائر جو سردار، قبائلي اڳواڻ ۾ سردار جيڪو اتي ڦرلٽ ۾ شريڪ هو. فرانس وارا بہ شريڪ هئا تہ ڇا ان وقت ايئن ڪنهن چيو هو تہ ہنهي ملڪن جا زميندار بدمعاش آهن. تنهنڪري اچو تہ انهن کي گڏجي ختم ڪريون! نڪي الجزائر جي آزادي ونون! ان موقعي تي اها ڳالھ ڪنهن بہ نہ ڪئي ڇو تہ اتان جو سوشلسٽ ۾ عوام قومي آزاديءَ کان واقف هئا. توهان پري ڇو ٿا وڃو. اوهان سمجهو ٿا تہ اهي ملڪ پري هئا، پر بنگال تہ ويجهو ملڪ آهي. پاڪستان جون سرحدون انهيءَ سان گڏيل ۾ مليل آهن. جنهن وقت بنگال جي آزاديءَ جي جدوجهد شروع هئي ۾ بنگال پاڪستان جو حصو هو ان وقت بنگال جي "نيشنل عوامي پارٽي" پروفيسر مظفر حسين جي قيادت ۾ بنگلاديش جي آزاديءَ جي حمايت ڪئي هئي. شيخ مجيب الرحمان سان گڏ روسي توڙي چيني ڪميونسٽ. مثال: مولانا ڀاشاني يا ماسڪو نواز پروفيسر مظفر حسين جا حامي. بنگلاديش جي آزاديءَ جا پرجوش مجاهد بنجي ويا. ان وقت انهن اهو سوال ڪونہ اٿاريو تہ اوپر پاڪستان جو سرمائيدار بہ بدمعاش آهي ۾ اولهہ پاڪستان جو سرمائيدار بہ بدمعاش آهي. تنهنڪري اچو تہ گڏجي انهن سرمائيدارن کان نجات حاصل ڪريون. جيڪڏهن هُو سچا سوشلسٽ نہ هجن ها تہ ان آزاديءَ جي تحريڪ جي مذمت ڪن ها ۾ اتي عوام سان گڏجڻ جي بدران "مومن فوج" جو ساٿ ڏين ها. مومن فوج جيڪو ڪم بندوق جي ذريعي ڪيو پئي، اهو ڪم وري هي قلم جي ذريعي ڪن ها. پر نہ بنگلاديش جي آزاديءَ ۾ انهن پرپور حصو ورتو ۾ انهن پاڪستان جي آرميءَ جي پنهنجي ملڪ ۾ يا عالمي سطح تي پرپور

موني سان مڊمت ۾ مزاحمت ڪئي تہ اوهان هتي ائين چو نہ ٿا ڪريو. وهان اها ڳالهہ ڪريو ٿا تہ ٻئي سرمايئدار آهن پر اسان چئون ٿا تہ ٻئي ، پر سڄو عالمي سرمائيداريءَ جو سرشتو بدمعاشيءَ تي ٻڌل آهي. مريڪي، برطانوي، هسپانوي ۽ اسپيني سرمائيدار پاڪستاني ۽ ندستاني سرمائيدار بدمعاش آهن. ان ڪري اوهان چوندؤ تہ ندستان ۽ پاڪستان کي گڏي ڇڏجي. پاڪستان ۽ آمريڪا کي ڏي ڇڏجي، برطانيہ ۽ آمريڪا کي گڏي ڇڏجي ۽ سيئي سرمائيدار آهن، پوءِ انهن کي ختم ڪجي. نہ جيستائين سڄي دنيا ۾ سوشلسٽ نظام نٿو اچي، تيستائين آزاد سرحد ضروري آهي ۽ ان لاءِ آزاديءَ جدوجهد ضروري آهي ۽ جيڪڏهن اوهان واقعي سچا ليننسٽ آهيو تہ، اوهان کي پنهنجي منشور ۾ هڪڙي ڳالهہ لکڻي پوندي تہ جيڪڏهن اسان ڪامياب ٿياسين ۽ يقينن ڪامياب ٿينداسين. چو تہ بقول اوهان جي تہ اوهين سچا ليننسٽ آهيو ۽ جيڪو لينني واٽ تي هلندڙ هوندو آهي تہ ان کي پورو يقين هوندو آهي تہ سرمائيداري ۽ سامراجي نظام ڏهندو پر عوامي جدوجهد سان! اهو عوام جي سياسي شعور ۽ لينني نظرئي سان ڏهندو ۽ اسان ضرور پنهنجو سياسي اقتدار حاصل ڪنداسين." ان وقت اوهان لکو تہ، جڏهن اسان اقتدار ۾ آياسين تہ اسپني قومن کي آزادي ڏيندا سين. بلوچ قوم، سنڌي قوم ۽ پٺاڻ قوم کي آزادي ڏيندا سين تہ اُهي وڃي پنهنجون آزاد حڪومتون قائم ڪن.

لينن، يوڪرين کي آزاد ڪرڻ وقت اهو شرط نہ وڌو هو تہ "يوڪرين ۾ سوشلسٽ نظام قائم ڪجو"! ساڳيءَ طرح غير مشروط طور تي قومي آزاديءَ جي حمايت ڪريو. لينن لکيو آهي تہ قومن جي آزاديءَ جي جدوجهد، قومي تحريڪ جي حمايت لاءِ اهو ڪافي آهي تہ اها سامراج دشمن آهي. ٻئي طرف اسان جو جمهوري ڪردار آهي

تہ اسان انهن جي غير مشروط طور حمايت ڪريون. اوهان هتي قومي تحريڪن، سڀني محب وطن ۽ وطن دوست ماڻهن تي الزام تراشي ڪئي آهي. اوهان هتي جيتري قومي تحريڪن جي مخالفت ڪريو ٿا، اوتري اسلامي نظام جي مخالفت نٿا ڪريو. ان ڪري اسان اهو سمجهڻ تي مجبور آهيون تہ "اوهان سچا سوشلسٽ ناهيو." ٻي صورت ۾ اوهان کي اهو اعلان ڪرڻو پوندو يا لکڻو پوندو ۽ اوهان کي اها پنهنجي روش تبديل ڪرڻي پوندي، جيڪا قومپرستن جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنائي آهي. نيڪ آهي اوهان جي خيال ۾ قومپرست غلط آهن تہ پوءِ انهيءَ قومي آزاديءَ جي جدوجهد کي اوهان هٿ ۾ ڪٽو.

اوهان اهو چا ٿا لکو ۽ چئو مثال: جام ساقي پنهنجي عدالتي بيان ۾ چوي ٿو تہ آئون ملڪي سرحدن جي تبديليءَ جو مخالف آهيان. معنيٰ جيڪڏهن سوشلسٽ نظام اچي تہ نيڪ آهي ورنہ فوجي راج نظام هجي تہ سرحدون ساڳيون رهن! زار شاهيءَ جي وقت ۾ بہ سرحدون ساڳيون رهن، چو تہ اسان سرحدن جي ردوبدل جا مخالف آهيون. زار شاهيءَ جي دؤر ۾ تاشقند ۽ بخارا جي ماڻهن کي اهو حق ناهي، تہ هو پنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪن! ان وقت "يوڪرين" کي بہ حق ناهي تہ هو جاگرافيءَ ۾ تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪري. اها سراسر موقعي پرستي آهي. اها پنجاب سامراجيت کي تحفظ واري پاليسي آهي ۽ اها اردو تهذيب غلبي کي باقي رکڻ جي سازش آهي. جنهن جي لاءِ اسان جا سڀ ماڻهو شعوري طور تي يا غير شعوري طور تي ڄاڻي ٻجهي استعمال ٿيندا رهن ٿا. اوهان کي اها روش تبديل ڪرڻي پوندي.

○

[اسي واري ڏهاڪي ۾ ڏنل هڪ ليڪچر.
آڊيو ڪئسيٽ تان اُتاريل]

تقرير

کھاڑيءَ واري ڳاڙهي جھنڊي هيٺ متحد ٿيو

(شهيد مائي بختاور جي 42هين ورسيءَ تي "بختاور نگر، ضلعي ٽرپارکر ۾ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ ڪيل صدارتي تقرير)

اڄ اسين هتي امڙ شهيد بختاور جي ورسي ملهائڻ، سنڌ جي عظيم هارياڻيءَ کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهيون.

اسان کافي سالن کان وٽي، جيئي سنڌ محاذ پاران مائي بختاور شهيد جي ورسي، باوجود رُکاوٽن جي ملهائيندا پيا اچون. ابتدا ۾ اسان ڳوٺ "هئيدو لاشاريءَ" ۾ ورسي ملهائيندا هئاسون ۽ پوءِ ٽي ميل پيرين پنڌ وڃي امر شهيد کي سلام پيش ڪندا هئاسون. آئون اڄ توهان کي چوان ٿو ته اڳتي لاءِ ورسي امڙ شهيد جي ڳوٺ ۾ ملهائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، ته جيئن اسين سڀ سندس مشن (Mission) ۽ مقصد جا پوئلڳ پيادل وڃي سندس قبر تي خراج تحسين پيش ڪري سگھون. آئون اڄ کان اعلان ٿيو ڪريان ته هن شهر ۽ استيشن جو نالو نفيس نگر نه پر "بختاور نگر" هوندو ۽ ڪارڪنن کي گھرجي ته اهڙا بورڊ لکائي لڳائي ڇڏين.

مائي بختاور اڄ کان 42 سال اڳ، جيڪا جدوجهد شروع ڪئي، سا اڄ به جاري آهي. اها جنگ صرف اَنَ جي ڪَرن جي بچاءَ ۽ "اڌ بٽائيءَ" جي حق حاصل ڪرڻ جي جنگ نه هئي، پر اها جنگ ڏارئين سامراج (پنجاب) جي سنڌ تي قبضي ۽ والار جي خلاف جنگ هئي.

اڄ سنڌ تي پنجاب سامراج ۽ ان جي دلالن جو قبضو آهي. سنڌ جا شهر سنڌين لاءِ اجنبي بنجي چڪا آهن ۽ بهراڙيون فوج جي

گهيري ۾ آهن. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت مڪمل طرح دهشتگردن ۽ داداگيرن جي آڏو گوڏا کوڙيو ويني آهي. پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ناهه هيٺ سنڌ دهشتگردن وٽ گروي رکي وئي آهي. حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم جي ناهه جو نقطو شايد اهو آهي ته جيڪي ماڻهو سنڌ اندر سنڌين کي قتل ڪندا وتن ۽ جن تي سوين سنڌين جي قتل جا مقدما داخل هجن، تن کي ڇڏيو ويجي. اسان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جا دشمن ڪونه آهيون، پر ڳالهه اصولن ۽ سنڌي ماڻهن جي تحفظ جي آهي. اسان ۽ اسان جي رهبر سائين جي. ايم سيد ته پيپلز پارٽيءَ وارن کي غير مشروط تعاون جي آڇ ڪئي هئي ته، "ڏارين ۽ داداگيرن جي آڏو نه جُهڪو. سنڌي ماڻهن جي عزت، جان ۽ مال جو تحفظ ڪريو ۽ ان ڏس ۾ جيڪڏهن اوهان کي پنجابين ۽ پناهگيرن کي به نقصان رسايو ته اسان توهان جو ساٿ ڏينداسون." پر حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته پهرين آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي قتل ڪندڙن کي نه رڳو آزاد ڪيو ويو آهي، پر انهن تان سڀ ڪيس به واپس ورتا ويا آهن. سجاول ۾ پوليس سنڌي ماڻهن تي گوليون وسايون، ماڻهن کي ننگو ڪري نچايو، پر گوليون هلائيندڙ کي آزاد ڇڏيو ويو آهي ۽ ان واقعي خلاف احتجاج ڪندڙ سنڌي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ايتري تائين جو سرڪاري پارٽيءَ جي اسيمبلي ميمبر کي به گرفتار ڪيو ويو. اهڙيءَ حالت ۾ سوچي سگهجي ٿو ته عام ماڻهن جو کهڙو حشر ٿيندو. پيپلز پارٽي فقط 14 مرڪزي اسيمبليءَ جي سيٽن جي ڪري دهشتگردن وٽ دٻاءَ هيٺ آهي ۽ سنڌي ماڻهن جن وڏي اڪثريت سان ان کي ڪامياب ڪري پارليامينٽ تائين پهچايو آهي، تن جي ڪا به حفاظت ڪري نه سگهي آهي. حڪومت جي صاحبن کي سمجهڻ گهرجي ته جيڪا قوم صبغت الله شاهه جي پٺ پير پاڳاري کي چوندن ۾ شڪست ڏئي سگهي ٿي، جيڪا قوم شهيد الهه بخش سومري جي

فرزند رحيم بخش سومري کي اليڪشن ۾ ڪيرائي سگهي ٿي. اها قوم سياٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڏيءَ کي به هارائي سگهي ٿي. ان ڪري حڪمرانن کي سنڌي قوم جي مزاج جو غلط اندازو لڳائڻ نه ڪجي. کين ڪجي ته سنڌي قوم جو تحفظ ڪن. ٻيءَ صورت ۾ ڪمڙن به نتيجن لاءِ تيار رهن.

ان کان سواءِ (شايد) ٻيو ناهه ۾ اهو آهي ته ڪراچي ۾ جيڪي به سنڌين جا ڳوٺ آهن، سي ڪي ڊي اي (Karachi Authority Development) کان ڌهرايا وڃن. توهان کي حيرت ٿيندي ته عزيز آباد (ڪراچي)، جتي الطاف حسين جو گهر آهي، اتي ته بجليون آهن ۽ اها اهڙي ٻئي چمڪي جهڙي وڏيري جي سُريت چمڪندي آهي ۽ عزيز آباد جي پرسان پنگوريا ڳوٺ آهن، جتي سائين جي. ايم سيد جي لاڳاپي وارا ماڻهو صدين کان وينا آهن، جن ويچارن وٽ بجليءَ جو ٽنيو به ڪونهي ته سنڌين جا اهڙا ڳوٺ ڪي ڊي اي جو هاٿي بلڊوزر ذريعي ڌاهي رهيو آهي ۽ اتي بهارين ۽ ٻين ڌارين کي آباد ڪيو پيو وڃي.

ٽيون ان ناهه ۾ اهو به شامل آهي ته ڪنهن به سنڌي ماڻهوءَ کي ڪي ڊي اي، ڪي اي ايس سي (ڪراچي الیکٹرک سپلاءِ ڪارپوريشن) ۽ ڪي ايم سي (ڪراچي ميٽروپوليشن ڪارپوريشن) ۾ نوڪري نه ڏني ويندي ۽ ڪي ڊي اي حڪومت جو ادارو آهي. اوهان کي خبر هوندي ته ڪنهن وقت ڪي ڊي اي مير منور ٽالپر (وزير بلديات) کي ڏنو ويو هو ۽ هاٿي بلديات کاتو ان کان ڦري مڪمل طرح ايم ڪيو ايم جي وزير جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن تازو هڪ بيان ذريعي سنڌين جي ڪراچيءَ ۾ موجود قديم ڳوٺن کي "قبضا" قرار ڏنو آهي. (يعني قبضا ڪنهن به وقت زوريءَ خالي ڪرائي سگهجن ٿا.)

۽ پيپلز پارٽي؟ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آهي ڪٿي؟ ٿورو اڳ جمن دربدر تقرير ۾ چيو ته: سرحد جي وڏي وزير آفتاب شيرپائو چيو آهي ته، "هو نواز شريف کي صوبي سرحد ۾ اچڻ ڪونہ ڏيندو." بلڪل ٺيڪ! جن وري قائم علي شاهہ کان مطالبو ڪيو آهي ته نواز شريف کي سنڌ ۾ بہ اچڻ نہ ڏنو وڃي. بابا! سنڌ ۾ قائم علي شاهہ جي حڪومت آهي ڪٿي؟ ملڪ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ڪٿي آهي؟ پنجاب ۾ نواز شريف وٺو آهي، بلوچستان ۾ اڪبر بگٽيءَ جي حڪومت آهي. بلوچستان ۾ پيپلز ورڪس پروگرام جون جيڪي گاڏيون ويون آهن، سي سڀ ضبط ڪري اڪبر بگٽيءَ ٽاٽن تي بيهاري ڇڏيون آهن. انهن گاڏين مان بہ گاڏيون مون خود ڪنڊڪوٽ ۾ ڏٺيون، جن تي پيارا بلوچ چڙهيو گهميا پئي. پنجاب ۾ نواز شريف، پيپلز ورڪس پروگرام هلڻ نہ ٿو ڏئي. سندس چوڻ آهي ته صوبي ۾ ڪو بہ ترقياتي پروگرام صوبي جي اجازت سان ئي عمل ۾ اچي سگهي ٿو. سرحد ۾ شيرپائو جي حڪومت جي خلاف چوڌاري باهہ ٻري پئي آهي. ڪڏهن ولي خان ڪاوڙيو وٺو آهي، ڪڏهن آءِ جي آءِ وارا مخالفت پيا ڪن، ته ڪڏهن ارباب جهانگير گوڙ ڪيو وٺو آهي. باقي رهي سنڌ، ته سنڌ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن ۾ ته ايم. ڪيو. ايم جي حڪومت آهي. روڊن ۽ رستن تي فوج، رينجرس ۽ پوليس جي حڪومت آهي. ڪهڙو بہ عزت وارو ماڻهو اچي، ڪيس نادري حڪم ٽيو وڃي "اُتر جائو"، ٻيو ته ڇڏيو پر ماين کي بہ بسن مان لاٽو وڃي ٿو. هاڻي وري ليڊيز پوليس قائم پيا ڪن، ته جيئن عورتن جا بہ ور جاچي سگهجن، عورتن جي بہ تلاشي ونڊي سگهجي. باقي رهيا ٻيلا، انهن تي وري پيارن ڏاڙيلن جي حڪومت آهي.

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ڪٿي آهي؟ مرڪز ۾ ڪڏهن جتوئي چوي ٿو ته مون سان 90 ميمبر گڏ آهن ته ڪڏهن چوي ٿو ته 97

ميمبر آهن ۾ محترمہ جي حالت اها آهي تہ اها آمريڪا جي سهاري تي پئي هلي. اها آمريڪا ۾ بيان ٿي ڏئي تہ. "پاڪستان ۾ هڪ بہ سياسي قيدي نہ آهي ۽ ڪالهہ منظور وساڻ، سنڌ جي وڏي وزير جي جيلن واري صلاحڪار چيو آهي تہ. "جيئي سنڌ جا 55 سياسي قيدي آهن، ايم ڪيو ايم جا 67، پيپلز پارٽيءَ جا 32 ۽ پنجابي پختون اتحاد جا سنڌ اندر 18 سياسي قيدي آهن." گهٽ ۾ گهٽ منظور وساڻ صاحب کي تہ وزير اعظم جي بيان جي لڄ رکڻ گهرجي ها، پر منظور وساڻ وارو بيان قطعي طرح آمريڪا ۾ پڙهيو ڪونہ ويندو پر جن ماڻهن آمريڪا ۾ ڏنل بينظير جو انٽرويو ٻڌو هوندو انهن کي تہ خبر پئي هوندي تہ خود هنن (پيپلز پارٽيءَ وارن) جي هڪڙي لائين ڪانهي. هي هڪڙي سوچ ڪونہ ٿا رکن. يا تہ بينظير صاحبہ کوڙ ٿي ڳالهائي يا منظور وساڻ ڪوڙو آهي. هڪڙو ٽريو ڪورٽ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو "بچاءَ وارو شاهد" بنجي ويو. وڪيل پڇيس "متان توکي گمان هجي تہ فلاڻي ماڻهوءَ کي فلاڻي ڏک هنيو هجي!" ٽريءَ وراڻيو: "لٺ سين ايڏو رت نڪتو سو مِين پرهو ڏنو باقي ٻيجي منا خبر ڪونهين. تون ٿو منا ٻاترائڻ ري ڪوشش ڪرين!" (يعني: لٺ سان ايڏو سارو رت نڪتو مون ڏنو باقي ٻي مون کي ڪا بہ خبر ڪانهي. تون مون کان هروپرو ڳالهہ ڪولائڻ ٿو گهرين.) سو بابا! انهن کي تہ خبر آهي، جن جا ٻچا جيلن ۾ بند پيا آهن! ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ ۽ بشير قريشيءَ جي پيئرن کي تہ خبر آهي: احسان لغاريءَ جي پيءُ کي تہ خبر آهي، ڪريم لغاريءَ جي پيءُ کي تہ خبر آهي، ڊاڪٽر حميد ميمڻ جي پيءُ کي تہ خبر آهي يا ٻيا جيڪي نوجوان جيلن ۾ بند آهن، تن جي مائرن، پينرن ۽ پيئرن کي تہ خبر آهي تہ: "اسان جا ٻچا، جيلن ۾ سڙن پيا" ۽ هيءُ (حڪومت جا صاحب) آمريڪي ٽيلويزن تي چوندا وتن تہ "ملڪ ۾ ڪو بہ سياسي قيدي ڪونهي."

پيپلزپارٽيءَ وارا دوستو! ساٿيو! وڏيرن جي پٽيان هلندڙو! وڏيرن کي گاريون ڏيندڙو! انهن جي بنگلن ۾ ويهندڙو! ٿورو سوچيو! ڪجهه وقت اڳ اسان جي ڪامريڊن جي وڏيرن کي گار جي رئي پئي پوندي هئي، سي اڄ وڏيرن جي پجيرو جيپن مان هيٺ لهن ئي ڪونه ٿا. اسان جي عمرڪوٽ جي هڪ اسيمبلي ميمبر وٽ هڪ ماڻهو نوڪريءَ لا ۽ درخواست کڻي ويو. بدقسمتيءَ سان اهو ويچارو جمن دربدر جو مائٽ هو. ايم پي اي صاحب ان چوڪري کي درخواست واپس ڪندي چيو ته، "درخواست وڃي جي. ايم سيد کي ڏيا" آڻون هن استيج تان ان ايم پي اي صاحب کي چوان ٿو ته: "اي منهنجا پيارا ايم پي ايا سياڻي توکي به جي. ايم سيد وٽ درخواست پيش ڪرٽي پوندي، سنڌ جي صورتحال سدائين ساڳي نه رهندي."

توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته جڏهن اسان وٽ سنڌ قومي اتحاد نهيو هو ان ئي زماني ۾ "بلوچستان قومي اتحاد" (BNA) به نهيو. ان جي حڪومت جو اندازو لڳايو ته ڪالهه ڪوئيٽا ۾ رهندڙ منهنجي هڪ دوست ٻڌايو ته بلوچستان ۾ چار نيوي (Navy) جا وڏا آفيسر پنجابي هئا. تن کي اڪبر بگٽيءَ نوٽيس ڏنو ته "فوري طور بلوچستان ڇڏي، پنجاب هليا وڃو!" اهي آفيسر وري آفيس ۾ سروس بوڪ ۽ ايل پي سي (ليونگ پي سرٽيفڪيٽ) نهرائڻ آيا. اڃا آفيس ۾ انهن جي رپورٽ نهي پئي ته اڪبر بگٽيءَ جي آفيس مان فون آئي ته: "انهن کي ڪو به ڪاغذ نه ڏنو وڃي، بلڪ سندن سروس ئي ڪائونٽ نه ڪئي وڃي. انهن کي ڪو به دستاويز نه ڏنو وڃي. اهي جهڙوڪر ڏاڙيل هئا، جن کي اسان واپس ڪريون ٿا." بلوچستان جو ڪاڏ خوراڪ وارو وزير ائين ئي آفيس ۾ تڏو وڃايو ويٺو آهي، جيئن هتي استيج تي ڪامريڊ غلام حيدر لغاري ڪانپ ڪڍيو ويٺو آهي. عام پروچ اچن ۽ جهڙو به ڪم چاهين ٿا. سو ان کان وٺيو وڃن ٿا ۽ بلوچستان جي وزيراعليٰ

سان گڏ پوليس نہ آهي. هن سان گڏ فوج نہ آهي. هن سان گڏ پنهنجا بادي گارڊ، بلوچ، بگٽي ۽ مري آهن. اهي سڀ گڏ ڀاتسن (گاڏين) ۾ چڙهيو وتن ٿا ۽ جتي هروچن جو ميڙاکو ڏسن ٿا، اتي لهي، انهن سان بلوچڪيءَ ۾ ڳالهائي، سندن دک درد ٻڌي ۽ مسئلا حل ڪري هليا وڃن ٿا. منهنجا سائين! قومي حڪومتون ائين ٿيندیون آهن. هنن (پيپلز پارٽيءَ وارن) وانگر ڪونہ ٿيندو آهي. جو قائم علي شاهہ سنڌ جو وڏو وزير بدين ۾ اچي ۽ ان سان ڪارڪن ملڻ چاهين، سي بہ پيپلزپارٽيءَ جا جيالا ۽ "امن جا ڳيرا"، تہ انهن کي پوليس لٺيون هٽي گرفتار ڪري! هتي حڪومت ناهي. هتي حڪومت سڄي داداگيرين ۽ دهشتگردن، ايم. ڪيو. ايم جي رحم ڪرم تي آهي. ايم. ڪيو. ايم جا ميمبر سنڌي ماڻهن جا قاتل آزاد ڪيا ويا آهن. آئون هتي اوهان کان پڇان ٿو تہ اي سنڌي ماڻهو! پيپلزپارٽي، سنڌي ماڻهن جي قتل عام جو انصاف نہ ٿي ڪري جيڪا پيپلز پارٽي، ذوالفقار علي ڀٽي جو خون پنجابين کي معاف ڪري سگهي ٿي، سا توهان سندين جو قتل عام بہ معاف ڪري سگهي ٿي. ۽ سنڌي ماڻهو! آئون اوهان کان پڇان ٿو تہ، "ڇا توهان سنڌي ماڻهن، ڀٽي جو خون پنجابين کي معاف ڪيو آهي؟" (ميڙيڪراءِ ٿي جواب ڏئي ٿو "نہ"!).

توهان سنڌي ماڻهن نہ ڀُٽي جو خون معاف ڪيو آهي، نہ سنڌي ماڻهن جو خون معاف ڪري سگهو ٿا. سنڌين جو پيار ۽ پلاند پراٽو ٿي نہ سگهندو آهي. اڄ قائم علي شاهہ پلي (مفت بازار جي افتتاح وقت) الطاف حسين سان گڏ هٿن ۾ هٿ ڏئي بيهي ۽ ياد رکو! اهو وقت اڃڻ وارو آهي، جڏهن سنڌي ماڻهن جي قاتلن کي سنڌي ماڻهو روڊن ۽ رستن تي سنگسار ڪندا، قتل ڪندا ۽ انهن کان پلاند ونڊندا. هنن داداگيرن ۽ دهشتگردن، پنهنجي ابي ڏاڏي جي جاگير سمجهي رکي آهي. چون ٿا تہ "زمينون کي ليز هوتي هي! زمينن جا ٺيڪا ٿيندا

آهن، مقاطعا ٿيندا آهن، جيڪي 99 سالن تائين هلندا آهن ۽ پوءِ ختم ٿي ويندا آهن." آئون انهن کي چوان ٿو ته جاهلو! او احمقو! او ڌرتيءَ جي محبت جي خوشبوءِ کان وانجهيلؤ! سرزمين وطن ڪُک کان وڇڙيلؤ! توهان کي وطن جي محبت جي خبر ئي نه آهي. توهان کي ڌرتيءَ جي مٽيءَ جي مُٺ جي خوشبوءِ جي خبر ئي نه آهي. توهان کي اها ئي خبر ناهي ته وسڪاري ۾ وڃون ڪيئن وراکا ڪنديون آهن! توهان کي اها ئي خبر ڪانهي ته ڪٽڪون ڪيئن سنڌي جوڌن جي شهپرن جهڙا سنگ لوڏيندیون آهن! توهان کي اها ئي خبر ڪونهي ته تل ترايون ڪيئن پربيون آهن؟ مادر وطن ٿيڪن تي نه ڏني ويندي آهي، مادر وطن مقاطعن تي نه ڏني ويندي آهي، مادر وطن رت جي عطين ذريعي، خون جي قرباني‌ءَ ذريعي قائم ڪئي ويندي آهي. ملڪ ٿيڪن سان نه ملندا آهن، ملڪ قربانين سان ملندا آهن. ملڪن تي ماڻهو فدا ٿيندا آهن، ماڻهن تي ملڪ قربان نه ڪبا آهن. توهان ته پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ پارت ماتا کي چڏي آيا آهيو پر سنڌ ۾ ماڻهن هڪ هڪ ڏينهن ۾ هزارين لاش جي پيتا ڏني هوندي، پر سنڌ نه چڏي هوندي سنڌ اسان جو وطن آهي، سنڌ اسان جو ملڪ آهي، سنڌ اسان جي سرزمين آهي، سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ اسان سنڌ سان محبت ڪريون ٿا، جيئن ننڍڙو ٻار پنهنجي ماءُ سان ڪندو آهي. توهان زمين جا ٿيڪيدار آهيو ۽ جيڪي ٿيڪي تي زمينون کڻندا آهن، سي ڪڏهن هڪڙي جاءِ تي ٿيڪي جي ڪوشش ڪندا آهن. ته ڪڏهن ٻيءَ جاءِ تي! انهن جي مقدر ۾ ماتر پوميءَ جي ڪوسي ڪک لکيل ئي نه هوندي آهي. اهي هميشه ڌرتيءَ کان وڇڙيا رهندا آهن، دربدر رهندا آهن.

ته انهن (داداگيرن، ايم. ڪيو. ايم وارن) جي سامهون پيپلز پارٽيءَ وارا سرينڊر ڪن ٿا، جُهڪن ٿا. هنن ايم. ڪيو. ايم سان

جيڪو معاهدو ڪيو آهي، ان ۾ شايد هڪڙو نقطو اهو به آهي ته جيڪڏهن الطاف حسين کي ڏڪار ٿئي يا ڇڪ اچي، ته علاج اسماعيل ايبجو وچي ڪري. اسماعيل ايبجو منهنجو يار ۽ دوست رهيو آهي. قاسم پٽر ۽ هي ٻئي گڏ پڙهيا آهن. پر هيءَ ڪا ڳالهه آهي ته هڪ داداگير ۽ دهشتگرد کي ڇڪ ٿي اچي ته اسماعيل ايبجو هڪيو هاضر بينو آهي ته، "معاف ڪجو! سائين، مون کي ٿوري دير ٿي ويئي رومال آٽڻ ۾!" انهن ماڻهن (دهشتگردن) جي آڏو هي (پيپلز پارٽيءَ وارا) وچي جُهڪيا آهن ۽ انهن سان سنڌي ماڻهن جي رت جو سودو ڪيو اٿن. ڪراچيءَ ۾ سنڌين جا ڳوٺ خالي ڪرايا پيا وڃن. احمقن کي ايترو ته سوچڻ گهرجي ته ڪراچيءَ جا اهي سنڌي ووٽر ئي آهن، جن جي آڏار تي توهان ڪراچيءَ ۾ چار سيٽون کنيون آهن. جيڪڏهن انهن کي به توهان پناهگيرن جي چوڻ تي دربدر ڪندؤ ته پوءِ توهان کي ووٽ ڪير ڏيندو؟ اهي (پناهگير) جيڪي هند جا نه ٿي سگهيا، جيڪي جواهر لال نهروءَ سان گڏ هلي نه سگهيا، جيڪي ابوالڪلام آزاد سان گڏ رهي نه سگهيا، جيڪي صبح بنارس ۽ شام آئوڌ کي ڇڏي آيا، جيڪي جدنا جا ڪنارا ڇڏي آيا، جيڪي دهليءَ جي جامع مسجد ڇڏي آيا، جيڪي عليگڙهه جون فضائون ڇڏي آيا، اهي اوهان جا ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ توهان سنڌي ماڻهن جو ساٿ ڏيو. جيڪي مرندي مري ويا، پر ڏرتي ماتا سان وفادار رهيا! اهي ڄام شوري جا شورا، ارغونن ۽ ترخانن کان وني وڙهندا آيا، مغلن سان وڙهيا، جنگيون جوٽيائون، نسلن جا نسل ختم ٿي ويا پر ڄام شوري جي لهندڙ سج کي ڪونه ڇڏيائون، انهن ٽڪرين کي ڪونه ڇڏيائون ۽ اڄ به موجود آهن! توهان انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيو.

سنڌيو! ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان سنڌين جا گهٽي ۾ گهٽا لاش خيرپور ميرس ۾ پهتا آهن، جتي جو قائم علي شاهه آهي ۽ ٻيا

گھٽي ۾ گھٽا لاش لاڙڪاٽي پهتا آهن. جتان جي وزير اعظم محترمہ آهي. هڪڙي پنجن سالن جي گوپانگ چوڪريءَ جو لاش لانڍيءَ (ڪراچيءَ) جي علائقي مان لاڙڪاٽي پهتو. ان چوڪريءَ جو نالو بينظير هو مائٽن لاڏ ڪوڏ سان سندس نالو بينظير رکيو هو ۽ پناهگيرن ۽ پنجابين گولين هٽي، قتل ڪري، ان نياڻيءَ جو لاش لاڙڪاٽي ڏياري موڪليو پر آئون توهان جي سامهون مائي بختاور جو قسم کٽي چوان ٿو تہ پُٽي خاندان جو ڪو بہ ماڻهو گوپانگ جي تڏي تي عذرخواهيءَ لاءِ نہ ويو آهي ۽ انهن ماڻهن پوءِ بہ ووٽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ڏنا.

هي (داداگير) 26، 27 جڻا سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيا آهن تہ پيپلزپارٽيءَ وارا ايم. ڪيو. ايم جي آڏو جُهڪي پيا آهن پر آئون چوان ٿو تہ، توهان (سنڌي) سنڌ قومي اتحاد جا صرف چار ماڻهو اسيمبلي ۾ چونڊي موڪليو ها تہ خدا جو قسم! ڊاڪٽر قادر مگسيءَ ۽ سندس ٻين ساٿين تي اڄ "ڊيٽ وارنٽ" نہ هجن ها، خدا جو قسم! حيات ٽنگڙيءَ جي ڳوٺ مان گرفتاريون نہ ٿين ها! اوهان رڳو چار ماڻهو سنڌ قومي اتحاد جا چونڊي موڪليو ها، رڳو هڪڙي عبدالحميد جتوئيءَ کي قومي اسيمبليءَ ۾ موڪليو ها تہ اڄ اسيمبلي گجي ها ۽ ڪالا باغ ڊيم نہ ٺهي ها! پر توهان سنڌين اجتماعي فيصلو ڪري ڇڏيو. توهان اجتماعي خودڪشيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. توهان قرض لاهي ڇڏيو. فرض لاهي، سنڌ گروي رکي ڇڏي پر پيپلز پارٽيءَ وارن کي سوچڻ گهرجي تہ سنڌي ماڻهن توهان کي ووٽ ضرور ڏنو آهي پر توهان کي سنڌ وڪڻڻ لاءِ نہ ڏني آهي. سڌيو! توهان انهن کي اهو اختيار ڏنو آهي تہ اُهي سنڌ وڪڻي ڇڏين؟ (عوام جواب ڏي ٿو: "نا") توهان انهن کي اهو اختيار ڏنو آهي تہ ڪراچيءَ جي داداگيرن سان سودا ڪري، سنڌي ماڻهن جا خون معاف ڪيا وڃن؟ (ميڙ مان آواز

اچي ٿو "نا") توهان انهن کي اهو اختيار ڏنو آهي ته هتي هن علائقي جا وڏيرا ۽ ميمبر صاحبان، پنهنجي ساهيڑين جي گهرن آڏو ته اسپتالون ٺهرائي ڏين ۽ بجليون لڳرائين پر گرگيزن ۽ گشڪورين جي ڳوٺ وٽان بجليءَ جا ٽنيا به کڻائي چڏين؟ (نا عوامريڪ آواز ٿي جواب ڏئي ٿو). ته اهي حالتون آهن ۽ انهن حالتن ۾ اوهان (سنڌين) کي اڳتي وڌڻو آهي. پاڪستان ٺهڻ وقت به توهان مان کي جيئرا هوندا، سياستون کيون هوندو کيترا جهنڊا ڏٺا هوندو کڏهن ساوا، کڏهن نيرا، کڏهن پيلا، کڏهن کجه ڳاڙها، کجه ساوا ۽ کارا، کڏهن ماتمي ۽ کڏهن چند تارن وارا جهنڊا اوهان ڏٺا هوندا، پر توهان جي نجات، جيکڏهن اڄ جي دؤر ۾ آهي ته صرف هن کماڙيءَ واري ڳاڙهي جهنڊي ۾ آهي. کماڙي، جنهن جو سنڌ رجمينٽ لاءِ نشان ناهي ڏنو ويو آهي. کماڙي جيکا هوشوءَ جي هٿ ۾ ڏيکاريل آهي، کماڙي، جيکا دولهه دريا خان کان وٺي رضا محمد بنگلاڻيءَ تائين اسان جي هٿن ۾ اسان جو "قومي نشان" رهي آهي، انهيءَ کهاڙيءَ واري جهنڊي هيٺ گڏ ٿيو. ان طريقي سان ئي اسين امڙ بختاور جي خون جو بدلو وٺي سگهون ٿا. ان طريقي سان ئي اسين امڙ بختاور جي مشن کي اڳتي وڌائي سگهون ٿا!

○

[پڙاڏو جولائي 1989ع، شمارو-6]

شهيد دودو سومرو

رت جو هر قڙو سچ جو مچ آ،
سنڌ ۾ ٻارڻ آڏو ٻاري ڇڏبو.

-

سومرا، ميندرا اي شهيد وطن،
سنڌ جي سينڌ کي تو سنواري ڇڏيو آ.

وقت تمام گهٽو گذري چڪو آ. پٽائي گهٽوا ڳ هڪ شعر چيو هو تہ:

ڪانڌ ۾ ڪٽي ٻانهڙي، رات نہ ڪٽي پانڌ،
آئون پنهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪائي رهايان.

ڪانڌ ۽ پنهنجي ٻانهن نہ ڪٽي، ۽ رات ۽ پانڌ نہ ڪٽي، جيئن آئون ماڻهن کان لڪائي پنهنجو ڪانڌ رانئي سگهان. سنڌ جي هن عظيم شخصيت ۽ هن تاريخي ڏرتيءَ تي دودي جهڙي عظيم محب وطن شهيد جي ذڪر لاءِ ڪاش هيءَ رات ڪٽي ئي نہ ها. هي تائيم ڪٽي ئي نہ ها ۽ اسين پنهنجي دوستن، بزرگن ۽ شاعرن جون پنهنجي تاريخ جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌندا رهون ها.

ٺٽو ضلعو سنڌ جي تاريخ ۾ منهنجي لئہ هميشہ پرڪشش رهيو آهي. ان ڪري تہ هي اهو شهر آهي، جنهن شهر ۾ رهي، اسان تقريبن پنج سؤ سالن تائين آزاد حڪومت ڪئي آهي ۽ "انهي شهر جي چپن تي آخري مرڪ برقرار رکڻ لاءِ دولهہ درياءُ خان ان جي دروازي تي وڙهندي شهيد ٿي ويو" ۽ هيءَ اهو شهر آهي، جنهن شهر جي ماڻهن دنيا جي تاريخ ۾ پنهنجون زبانون ڪٽائڻ قبوليون پر سنڌي ٻولي ڇڏي ڏارين ٻولي فارسي ڳالهائڻ نہ قبولي ۽ افسوس

اهو آهي تہ انهي دولهہ درياءَ خان جي شهادت واري جاءِ تي، پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي پارٽي جا ليڊر اچن ٿا ۽ اتي پنهنجي مادري زبان، دولهہ درياءَ خان جي زبان، آخوند صالح جي زبان ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

پير سائين پاڳاري واري پارٽي "مسلم ليگ" خيرپور ۾ ڪرڙي جي ميدان ۾ جلسو ٿي ڪري، اتي اردوءَ ۾ تقريرون ڪيون ٿيون ويجن. گولي شاهہ ۽ مرتضيٰ شاهہ جي سرزمين جنهن تي خليفي نبي بخش ڪيڏارو لکيو هو.

ڪرڙي ڪائي رت، پٽ نہ وجهي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جي، ويني پرکي پت،
جنين نيڻ نست، نينهن لائي تنهن سين.

ڪرڙي ڪائي ماهہ پنئي رت پيالين،
ويني سڏي شاهہ جو ڏيندو سر ڏياڇ جيان.

هڪ طرف هي شهر، ٻئي طرف شاهہ عنايت ۽ ٽئين طرف مون کي هو گلاب جي گلن جهڙو ماڻهو جنهن لاءِ تنوير عباسي جو شعر آهي:

ٻاهر گل گلاب جو من تن جو فولاد
سندڙيءَ جو اولاد، پرکي ڏسو ڪانئرو.

تہ ٽئين طرف ذڪريا شهيد سُتو پيو آهي، گلاب جي گل جهڙو ماڻهو اتي هن ميدان ۾ محب وطن سندي ماڻهن جون گڏجاڻيون، هي پٽڪن ۽ پوتين وارا، رات جا ايائي ٽيا آهن، ايجا تائين وينا آهن. ان لاءِ تہ پنهنجي تقدير، پنهنجي قسمت جي تبديلين جا اهجاڻ ٻڌي سگهن.

اسان کي مختلف لفظي هيرا ڦيرين ۾ گهيريو ويجي ٿو گمراهہ

ڪيو ٿو وڃي. اسان جي عشق مان، اسان جي محبت مان ناجائز فائدا ٿا ورتا وڃن.

توهان به ان محبت مان ناجائز فائدو ته نه ونو جو سنڌي ماڻهن کي پٽڪن سميت ٻڌي، پنجاب جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ٽڪا خان جي قدمن ۾ اڇلي ڇڏيو.

اسان جو دوست نٽي ۾ چوي ٿو ته، سنڌ تي ظلم ٿين ٿا، پر پنجاب تي به ظلم ٿين ٿا، تنهن ڪري پنجابين خلاف نه ڳالهايو. منهنجا سائين! جيڪڏهن ويٽنام تي ظلم ٿيو ٿي ته ساڳئي وقت آمريڪا وارن آمريڪا جي ڪارن شيدين تي به ظلم ڀئي ڪيا.

پوءِ ته اوهان کي ڪپندو هو ته ويٽنام جي ماڻهن کي چئو ها ته، آمريڪا خلاف جدوجهد نه ڪريو. آمريڪن کي گاريون نه ڏيو. آمريڪا کي ويٽنام مان تڙي نه ڪيو. چاڪاڻ ته آمريڪا ۾ به ماڻهن تي ظلم پيا ٿين.

پنجاب ۾ جيڪڏهن ڪنهن مائي يا ڪنهن پورهيت هاري تي ظلم ٿئي ٿو ته اهو چوڌري دولتانه باٿوانه ڪري ٿو. ان جو مطلب ڪونهي ته سنڌ تي ٿيندڙ ظلم تي ماڻ ڪري ويهي رهجي. سنڌ جي ٻنين تي قبضا، ڪيتن تي قبضا، ڪارخانن تي قبضا ڪرڻ وارو حقو هڻ ۾ ڪنيو پيو هلي.

سنڌ بچايو ڪنهن کان ايائي لک بهارين کان! پر هر مهيني ست هزار نوان ايندڙن کان نه بچايو. ايائي لک بهارين جي ڪري سنڌي اقليت ۾ ٿيا ته منهن ڏئي ويندا سين باقي هر پنج لک جيڪي هر سال ٿا اچن، انهن کي ڪيئن منهن ڏبو. انهن جي خلاف ڇو نٿا ڳالهايو؟

اسان چئون ٿا بابا اسان توهان کان ووٽ ونڻ نه ٿا چاهيون، ڪنهن جو اسين ووٽ نه ڦريندا سين. اسين پاڪستان جي اقتدار ۾

حصو گهرڻ نٿا چاهيون. اهو توهان کي نيبهه هجي. توهان انهي ويڑهه ۾ شروع هجو. اسان جون نيڪ تمنائون ڪنڊرسان گڏ آهن.

اسين سنڌ اسيمبلي اندر به توهان کان حصو ڪونه ٿا گهرون.

آئون ۽ قاسم پٽر منياسين غوث بخش بزنجي سان. هن چيو مون وٽ هڪ نظريو آهي ڪائونسل آف استيٽ جو. ان نظرئي مطابق هر صوبي جو هڪ وزير جيڪو مرڪز ۾ چونڊجي ويجي ۽ چئن صوبن جا وزير اعليٰ ۽ وزيراعظم ملي استيٽ آف ڪائونسل ٺاهيندا. ان ۾ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا وزير ڇهه ٿيندا. وزيراعظم به ڪٽي پنجاب مان هجي اسين وري به ڇهه ٿيندا سين. اڪثريت ۾ هونداسين. مون اتي دل ۾ سوچيو بزنجا صاحب اها ڳالهه ته صحيح آهي، پر ايندڙ جيڪي چونڊون ٿيندیون، تن ۾ بلوچستان جو وزير اعليٰ عطاءَ الله مينگل ٿيندو يا چوڌري چراغ الدين.

ان جي ڪهڙي ضمانت آهي ته سنڌ مان وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي ٿيندو يا شاهنواز گهمن. ڪو چوڌري ٿيندو يا اعجاز خواجه ٿيندو يا حفيظ قريشي، خاص ڪري انهيءَ وقت جڏهن اسان تيزي سان اقليت ۾ تبديل پيا ٿيون؟

مون بزنجي صاحب کي چيو ته انهيءَ جو ڪو حل آهي توهان وٽ. چيائين هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ آمدرفت روڪي نٿي سگهجي. انهيءَ جو مون وٽ ڪوبه حل ناهي.

آئون پاڪستان جي حڪمرانن کان، پيپلزپارٽيءَ کان، مسلم ليگ کان، سيني سنڌين کي چوان ٿو ته توهان ڪيس هلائڻ لاءِ، قاهي ڏيڻ لاءِ الهه آباد ڪورٽ جا حوالا ڏيو ٿا. ڪڏهن ماڻهو کي ملڪيت موتائڻ لاءِ بمبئي ڪورٽ جا حوالا نوٽ ڪريو ٿا. هينئر هندستان جي پارليامينٽ اهو فيصلو ڏئي چڏيو ته آسام مان غير آسامي نڪري

وڃن. توهان اهو حوالو ڏئي سنڌ مان غير سنڌين کي ڪيو اها غداري ناهي. توهان پنهنجي مطلب لاءِ ته هندستان جي ڪورٽ جا حوالا نوٽ ڪريو ٿا، پر اسان جي مطلب لاءِ هندستان جي پارليامينٽ جو حوالو نٿا ڏيو.

توهان کي اخلاقي جرئت جو ثبوت ڏيڻ گهرجي. راجيو گانڌي، آسامين جي حق ۾ فيصلو ڏئي چڏيو. اليڪشن هارائي ويو. مسئلو ناهي. توهان سنڌ جي حق ۾ فيصلو ڏيو. پنجاب ۾ توهان هارايو. مسئلو ڪونهي. اسان جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. هزارين ماڻهو اڃن ٿا پيا، انهن کان پڇيو ٿو وڃي ته سنڌ جي آبادي تيزي سان اقليت ۾ تبديل ٿئي، انهيءَ باري ۾ توهان چا ٿا چئو. جواب ٿو ملي اهو مسئلو ڏاڍو ڳنڀير آ، اسين صوبن کي ويڙهائڻ نٿا چاهيون. ٻائي اسين مسلمان ٻاءُ به سهي، پر گهٽ ۾ گهٽ منهنجي هٿ ۾ جيڪو پاڻيءَ جو گلاس يا کير جو وٽو اهو منهنجي ٻچي منهنجي ٻاءُ لاءِ آهي، حفيظ قريشي جي ٻچي لاءِ آهي.

اسان جڏهن ڳالهه ڪريون ته بابا هنن کي نڪرڻ گهرجي، سنڌي ماڻهن جي حق ۾ اهو فيصلو هئڻ گهرجي ته هو هن ملڪ ۾ ڪهڙي حيثيت ۾ رهڻ ٿا چاهين. آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ رهڻ ٿا چاهين. آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ ڪنفيڈريشن رهڻ چاهين ٿا يا وفاق ۾ رهڻ چاهين ٿا. اهو فيصلو حفيظ قريشي جي هٿ ۾ هجي، ٽڪا خان ۽ ڪر جي هٿ ۾ نه هجي. جڏهن اسان کي چيو وڃي ٿو ته توهان خودڪشيءَ جي ڳالهه ڪريو ٿا. ادا واقعي اسان جي پوري تاريخ شڪست کاڌل شهيد ٽيلن هيرن سان پري پئي آهي، پر مون کي يقين آهي ته دريا خان جي شهادت کان پوءِ سنڌ گهٽو وقت غلام رهي نه سگهي آهي.

(درٻي ۾ دودي سومري شهيد جي ورسي کي خطاب)

تقرير

ازل جو استاد، عشق جو مڪتب ۾ منهنجو پڙهڻ

اسين جوڳيڙا مست دم الاهي الا،
ڪٽيءَ سدائين ڪو ئي غم الاهي الا.

جي. ايم. سيد جيڪو سراپا روشني هو سراپا علم هو مجسم فڪر ۽ شعور جو سورج هو ۽ ازل کان ابد تائين وهندڙ سچ جو درياءُ هو جنهن کي وقت جي جابر قوتن پنهنجي روشني، علم، شعور ۽ فڪر کي پکيڙڻ کان روڪي، هڪڙي ننڍڙي چوديواري ۾ سدائين بند رکڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي قوتون ۽ انهن جا علمبردار اهڙا هيا، جن کي بظاهر ته اکيون هيون پر تاريخ جي روشني انهن اکين کي ايترو ته انڌو ڪري ڇڏيو جو اُهي پنهنجي نڪ کان اڳتي ڏسي نه سگهندا هئا. ان ڪري سڃائي جو علمبردار اهو شخص، سدائين چوندو هو ته توهان مون کي قيد ڪري سگهو ٿا، جئورن وانگر منهنجي رڳن مان رت چُوسي سگهو ٿا، منهنجي جسم کي ڳيا ڳيا ڪري سگهو ٿا پر دنيا ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪوئي قيد خانو ايجاد ئي نه ٿيو آهي، جيڪو علم کي قيد ڪري سگهي. اهڙو ڪو شيشو وجود ۾ ئي نه اچي سگهيو آهي، جيڪو روشني کي پکڙجڻ کان جهلي سگهي ۽ اهو ڪوئي بندي خانو تيار ئي نه ٿي سگهيو آهي، جنهن ۾ فڪر ۽ شعور کي زنجيرن ۽ ڏنڊا ٻيڙين ذريعي قابو ڪري سگهجي. وقت ايندو جو منهنجي علم جي روشني سان هن ڌرتي جا اهي اونداها گوشا، تاريخي گهٽيون ۽ اماس صحرا منور ٿيندا ۽ منهنجي رت جو قڙو قڙو سنڌ جي ماڻهن کي عزت، خودداري ۽ غيرت سان زندهه رهڻ لاءِ انهن جي رڳن ۾ آگ جا اُلا بنجي پڙڪندو ۽ منهنجي فڪر ۽ شعور جو جهنڊو واهڙ واهڙ وستي وستي اُپ تائين جهولندو ۽ آئون وري ٻئي جنم ۾ محبت جي ساوڻ جو

ڪڪر بڻجي سنڌ جي ماڻهن جي پيار ۽ محبت لاءِ سڪيل ۽ سُڪل ٿوڻ دلين تي پريم، محبت، انساني عظمت ۽ زندگي سان پرپور جذبن جي صورت ۾ وسندس. ان وقت سنڌ اهڙن هراسيل حوس پرست، ابن الوقت، لالچي ۽ خود غرض ماڻهن جو ويران ۽ پڙپاڻگ پاڻ نہ هوندي پر ٽر جي گهوٽ کي اوڀاڙ ملير جهڙي خوبصورت ۽ دلکش سرزمين هوندي ۽ منجهس رهندڙ مارو لوڪ، خلائن کي تسخير ڪندڙ ۽ موهن جي دڙي جي مورتي وانگر رقص ڪندڙ هوندا.

تون جو مون کان پوءِ اچين،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين،
منهنجا گيت ٻڌين، مون کي ياد ڪرين،
سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪهنبو ٿي ويندي تيسين،
۽ ان تي ڦلڙيون ڦلڙيون منهنجي ذات ڏسين،
شال اهو سمجهين،
ذات وڏي شيءِ ناهي، پر سچ وڏي شيءِ آهي،
۽ جو سچ مچائي سو مچ وڏي شيءِ آهي.

مون وٽ جيتوڻيڪ ذات جا مصنوعي طريقا نہ آهن، پر مون وٽ سچ آهي ۽ ان سچ جي سُتي ماءُ جي ٽچ ۾ مون کي ملي آهي. مون شعور جي سرحد تي قدم رکندي ئي ٻن شين سان پيار ڪيو هڪ سچ ٻيو سونهن.

سچ، باطل قوتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ ۽ سونهن سموري سنڌ ۾ ڪتوري جي خوشبوءِ وانگر پکيڙڻ لاءِ.

مون ان وقت ئي وچن ڪيو تہ شايد ڏاهر جي فوج ۾ وڙهندڙ علاقي خاندان سان گڏ اهو اڪيلو سپاهي آهيان، جنهن سنڌ جي جهنڊي کي 'جهمر' جي پاٽي ۾ ٻڌڻ نہ ڏنو. مون دريا خان سان دوستي ٻہ رکي، مون مخدوم بلاول جي رستي تي هلڻ جو قسم ٻہ کنيو. ان قسم

وقت مون سوچيو تہ جيڪڏهن مخدوم بلاول سان ملاقات ٿئي تہ ڪائنس پڇان تہ اي منهنجا مرشدا! تو پنهنجين هڏين جي ٽڪاڻ جي موسيقي جي لذت، سوز ۽ وجد جي تعليم ڪنهن کان ورتي، مون کي بہ اهو استاد ٻڌاءِ. هن تخيل جي دنيا ۾ جنت جي جهروڪي مان ليئو پائيندي چيو تہ اهو استاد 'استاد ازل' آهي، جنهن سموري ڪائنات سان گڏ سنڌ ڏرتي کي پيدا ڪيو.

حرف جانبازي سيکاريو مون کي استاد ازل
عشق جي مڪتب اندر منهنجو پڑهڻ کو ياد ڪر.

(زمان شاهہ)

سنڌ ڏرتي جنهن جي عشق مون کي استاد ازل کان اها تعليم ڏياري سا ايڏي تہ دلڪش آهي، جو هر نظارو مُند جو هر اثر ۽ هوا جو هر جُهوٽو پنهنجو پاڻ تي فدا ڪرڻ لاءِ ائين سڏيندو آهي. جيئن شاهہ محمد نابينا جي بين جو هر سُر پنهنجي محبوب کي سڏيندڙ هو. بهار جي مند ۾ جڏهن ٻہر ۾ ڏل تڙندا آهن، تڏهن هر گل محبوب جي نڪ ۾ پيل سون جي ڦلي وانگر لڳندو آهي. جڏهن ڪونيٽن ۾ مچر لڳندو آهي تہ محسوس ٿيندو اٿم تہ محبوب پنهنجي چوٽيءَ ۾ موتئي جا گجرا وجهي ڇڏيا آهن ۽ جڏهن منهنجي ڏرتي تي ڪوئي معصوم مرڪندو آهي تہ آئون سمجهندو آهيان تہ خدا جي صفت صرف هڪ ئي آهي ۽ اها آهي شفقتا ان ڪري آئون سمجهان ٿو تہ منهنجو روح ناقابل شڪست آهي. چو تہ اهو مڪمل سچ آهي، سونهن آهي، شفقت آهي، محبت آهي.

اڄ ڏينهن تائين دنيا جي فاتحن هر شئي فتح ڪري ورتي آهي، پر سچ، سونهن، مُحبت ۽ شفقت کي فتح ناهن ڪري سگهيا. چو تہ اهي شيون خدائي ذات جو پرتوو آهن ۽ خدا جي ذات ناقابل شڪست آهي ۽ هن ڏرتيءَ تي اهي شيون مون اٽميون ڏنيون آهن. ان

ڪري ان لاءِ پنهنجي هڏين جي ٽڪاڻن جي موسيقيءَ ۾ جيڪا لذت مخدوم بلاول محسوس ڪئي هئي، سا ئي آئون محسوس ڪريان ٿو ۽ اهو راز مون پروڙي ورتو آهي. ان ڪري پنهنجي وجود کي سنڌ جي وجود سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو اٿم.

سيني پنهنجي پرين جا نانءُ ورتا،
پر اي ڪجي سنڌ.
اسان تنهنجو نانءُ ونيِ ويناسين.

آئون سجهان ٿو ته هڪ اڻ پڙهيل، پٽڪيل ٿري نوجوان جي حيثيت ۾ سائين جي. ايم. سيد جي صحبت ۾ رهي، مون جيتري قدر ڪيس سمجهيو هو ان جو اظهار آئون مٿي ڪري آيو آهيان. سن جي پهاڙي علائقي ۾ قيد رهندڙ پيار جي پيغمبر جي 'علم يقين' جي مڌ جا مست اسان سڀ اڄ اُن جي نالي تي قائم ٿيندڙ هن ننڍڙي روشنيءَ (عمر ڪوٽ ۾ جي. ايم. سيد جي نالي تي لائيبريري) جي ڏيئي کي وڏيڪ ڏيئن جي شڪل ۾ آڙ لاءِ اڇي گڏ ٿيا آهيون، جو سموري سنڌ جا اهي ڏيئا گڏجي، ڪوئي سورج اُپارين! ۽ ان سورج جي ڪرڻن ذريعي ڪو انوکو ڀارڙ ڀارين. سنڌ جا هزارين ڳوٺ جيڪي صدين کان علم جي روشنيءَ لاءِ واجهائي رهيا آهن، تن سيني کي اسان علم جي روشنيءَ سان منور ڪرڻ چاهيون ٿا. اهي ڳوٺ، جيڪي سنڌجا اصل مرڪز آهن، سي صرف جاهل حڪمرانن ۽ لالچي تعليم جي ٺيڪيدارن جي ڪري علم جي روشنيءَ کان محروم آهن. علم اهو ناهي، جيڪو صرف ڊگرين تي لکيو ويندو آهي. اوهان کي حيرت ٿيندي ته آزاد هندستان جو پهريون وزير تعليم ڪنهن به قسم جي ڊگريءَ کان محروم هو پر سندس علمي بلنديءَ کي ستارا به سجدا ڪندا هئا ۽ بمبئيءَ کان آزاد سنڌ جو وزير تعليم مئٽرڪ پاس به نه هو پر سندس علمي عظمت جي قدمن کي همالیہ جون چوٽيون به جهڪي چُمنديون هيون.

تعليم تن ذريعن سان حاصل ٿيندي آهي. پهريون ذريعو ماءِ جي هنج آهي. ٻيو ذريعو سماج جون مجلسون آهن ۽ ٽيون سرڪار جا برپا ڪيل ادارا. اسان وٽ تعليم جا اهي ٽيئي ذريعا ويران ۽ پڙپاڻگ ٿي ڇڪا آهن. جيستائين ماءِ جي هنج جي ذريعي جو تعلق آهي تہ اُها ماءِ ٻارن کي بهتر تربيت ڏيئي سگهي ٿي. جنهن جي دل امنگن ۽ جذبن سان سرشار هجي ۽ جنهن جون اکيون خوبصورت خوابن جي نشي سان مخمور هجن. اهڙي ماءِ جي هنج ٻار لاءِ مُستقبل جي جنت جا دروازا کولي ڇڏيندي آهي. پر هتي ماءِ جي دل تي غلاميءَ جا ڏنب ڏنا ويندا آهن ۽ اکين کي ڪُماڙيءَ جي ڏڪ سان هميشہ لاءِ بي نور بنايو ويندو آهي ۽ اها ڪونج جهڙي ڳچي. جنهن ۾ پاڪر وجهي ٻار اُپ تائين اُڏامڻ لاءِ پَر سوهيندو آهي. سا ٻهر جي ٽاريءَ وانگي وڍي ويندي آهي. ان ڪري تعليم جو اهو ادارو اسان وٽ ختم ٿي چڪو آهي. جيستائين سماجي مجلسن واري تعليمي ذريعي جو تعلق آهي تہ اهي اڃوڪي دور ۾ پنهنجو ڏاهپ ۽ سمجهہ وارو وقار وڃائي. سفلي جذبن جون مظهر بنجي چڪيون آهن. جتي ويهي ماٺهوءَ جا خسيس جذبا تہ پڙڪي سگهن ٿا. پر خيالن جي اها اُڏام پيدا ٿي نٿي سگهي. جيڪا ڪوڪڙي جي پٽ تي ساوڻ جي ڦُهڪيل ڪڪر کي ڏسي اهو سوچي سگهي تہ ڇا خدا ڏرتيءَ کي ايئن چُمي ٿو.

جيستائين سرڪاري تعليمي ادارن جو تعلق آهي تہ انهن جي زبون حاليءَ ۽ غلاظت جو ذڪر ڪري آئون سائين جي. ايم. سيد جي مُرڪ جهڙي دلڪش ۽ پاڪيزه محفل کي غليظ بنائڻ نٿو چاهيان. باقي علم کي عام ڪرڻ جو هڪ ئي رستو بچي ٿو ۽ اهو ئي رستو سائين جي. ايم. سيد جو ڏسيل رستو آهي. اهو آهي ڳوٺن ۾ ٻهڑاڙين ۾ هرهنڌ لائبريريون قائم ڪرڻ.

سائين جي. ايم. سيد کي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ شوق

جيڪڏهن ڪن شين جي ڏسڻ جو هو تہ اُهي لائبريريون هيون. سائين جي. ايم. سيد جي هڪڙي همعصر مون کي ٻڌايو تہ، نوجوانيءَ جي وقت جڏهن ننڍي کنڊ جا نوجوان پنهنجيون راتيون 'نائيٽ ڪلبن' ۾ چانديءَ جهڙن جسمن سان پنهنجون اکيون روشن ڪرڻ ۾ رقاصن جي وارن ۾ پيل ريبن کي نانگ جي وات ۾ پيل موتيءَ سان تشبيهہ ڏيڻ ۾ گذاريندا هئا، ان وقت نوجوان جي. ايم. سيد افلاطون، ابن رُشد، ڪارل مارڪس ۽ ٽوئن بي جي ڪتابن جي آرسين ۾ سنڌ جو شاندار مُستقبل ڏسڻ ۾ گذاريندو هو. ان ڪري مون اها ڪوشش شروع ڪئي آهي، تہ سموري سنڌ ۾ غير رسمي تعليم جي روشني جو ٻارڻ ٻارجي، پر ان جو مطلب اهو بہ ناهي تہ اسين صرف لائبريريون قائم ڪرڻ لاءِ چندن ۾ لڳي ويون ۽ سياست کي چڏي ڏيون. چو تہ سيد وٽان مون جيڪي ڪجهہ پرايو ان ۾ سياست کي اوليت حاصل آهي، چو تہ سياست انسان ذات جي شيرازہ بندي ڪئي آهي، سياست انسانن کي منظم سماجن ۾ تبديل ڪيو آهي. سياست انسان کي اوچ نيچ، وحشت، بربريت ۽ قبائلي جهگڙن مان ڪڍي ڪنهن اعليٰ ۽ عظيم نصب العين لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اها سياست ئي آهي، جنهن هڪڙي طرف غلام بنائڻ لاءِ دروازا کوليا تہ ٻئي طرف غلام بنائيندڙ فاتحن جي ادارن کي عوام جي طاقت سان متيءَ ۾ ملايو. سياست راجائن کي مزدورن جي قطار ۾ بيهاريو ۽ مزدورن کي تخت و تاج جو وارث بنايو.

ٻئي نمبر تي ادب آهي. ادب انسان کي جذباتي دنيا ۾ متحرڪ ڪيو ۽ سياسي تبديلين واسطي قربان ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو. ادب ئي آهي، جنهن سياست جي ڪنور ميدان ۾ حاڪمن طرفان لڳندڙ چمبڪن جي گهائن کي چُمين جي لذت بخشي ۽ ٽين شيءَ آهي سائنس. جنهن انسان لاءِ سموريون آسائشون راحتون موجود

ڪري ڏنيون. انسان فطرت کي فتح ڪرڻ سائنس جي ذريعي سکيو آهي ۽ ايجا بہ ڪيترا انسان جا دشمن فطرت جي آغوش ۾ لڪا وينا آهن. جن کي صرف سائنس جي ذريعي ئي فتح ڪري سگهجي ٿو ۽ جنهن علم جي روشني اسين سنڌ ۾ پکيڙڻ چاهيون ٿا، ان ۾ سرفهرست اهي ٽي شعبا هوندا. سياست اسان کي ماڻهن سان ملڻ سيکاري ٿي. ادب اسان کي ماڻهن سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿو ۽ سائنس اسان کي ملڻ ۽ محبت ڪرڻ جا خوبصورت، شاندار ۽ تڪڙا موقعا موجود ڪري ڏي ٿي.

هونئن اسين علم جي ڪنهن بہ شاخ جا منڪر نہ آهيون. اسين علم چاهيون ٿا. ڇو تہ علم روشني ۽ سونهن آهي. اسين ان روشني ۽ سونهن جا پرستار آهيون. ڇو تہ روشني ۽ سونهن لتاڙڻ لاءِ نہ پر پوڄا لاءِ هوندیون آهن. انهن لفظن سان آئون پنهنجا خيال ختم ڪريان ٿو جيتوڻيڪ موضوع اهڙو آهي. جو ان تي ايجا وڌيڪ لکي ۽ ڳالهائي سگهجي ٿو. محبوب جو ذڪر هجي. محبت جي ڳالهہ هجي ۽ روشني جي تلاش هجي. اها ڪيترو ئي وقت هلي سگهي ٿي.

خوش شبي باشد و مهتاب،
ڪہ بانو حڪايت ڪخم زهر بابي

(خوبصورت روشن رات هجي ۽ تون هجين جيئن توسان هر موضوع تي ڳالهائي سگهان.)

○

[انڙآباد، امرڪوٽ ۾ سائين جي.ايم سيد جي نالي سان قائم ڪيل لائبريريءَ جي افتتاحي تقريب ۾ ڪيل تقرير]

جيئڻ کان جيڏيون مون وڏا وس کيا

[هي تقرير 27 آگسٽ 1972ع تي حيدرآباد جي پسگردائي ۾ ڀٽ دوست محمد ڪيريو ۽ دوستن جي اصرار تي رات جو نائين وڳي ۽ صبح جو بارهين لڳي ۾ن نشستن ۾ ڪئي ويئي. دوستن جي زور ڀرڻ تي اها پيغام سلسلي ذريعي پڙهندڙن تائين پهچائي رهيا آهيون.]

دوستو بزرگو ۽ همسفر ساٿيو! جيئي سنڌ

آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان جو توهان هن شاديءَ جي موقعي تي مون کي وقت ڏنو آهي. ته آءٌ پنهنجي مادر وطن جي سُورن ۽ سختين، ڏکن ۽ ڏاکڻن، جو داستان اوهان کي ٻڌائي اوهان جي جذبہ حريت، جوش، ايماني، غيرت وطني ۽ محبت قوميءَ کي سنڌ جي استقلال لاءِ اپيل ڪريان. اوهان اڄ هڪ روايت قائم ڪئي آهي ته اسان جي شادي ۽ غمي، عيد ۽ برات، مسجد ۽ مندر، درگاهه ۽ خانقاهه سنڌ جي ذڪر ۽ سوچ ويچار کان خالي نه رهي. شاديون اسان جي خوشيءَ جا موقعا هونديون آهن، پر اهو ماٺهو ڪهڙو خوشي ملهائيندو جنهن جو گهر ڏاڙيلن ڦري ڇڏيو هجي، اهو ڪاروان ڪيئن مُسرت جا گيت ڳائي سگهندو جنهن جو سامان وات ۾ ئي لُٽجي ويو هجي، اهو ملاح ڪهڙي ريت سرهو ٿيندو جنهن جي ٻيڙي سمنڊ جي خوفناڪ طوفانن ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏي هجي، اهو ٻار ڪهڙي راندڪي تي هرڪجي سگهي ٿو جنهن جي سِر تان پيءُ جو سايو کڄي ڇُڪو هجي. اسان سنڌين کان پنهنجون زمينون ڦرجي چڪيون آهن، پوري سنڌ جي زرعي زمين جو ٽيون حصو غير سنڌين وٽ آهي، اسان جا گهر اسان جا نه رهيا آهن، اسان جي وطن ۾ اسان جي مرضي نه آهي، اسان

حقيقت ۾ پوريءَ ريت غلام بنجي ويا آهيون. هي وقت اسان کي اُٽڻ جي اپيل ٿو ڪري. هي وقت اسان کي سنڌ کي سِر ڏيڻ لاءِ سڏي ٿو. هي اوهان جي زمين ڏاڍي زرخيز آهي، جنهن جي تاريخ شاندار ۽ الم انگيز آهي. اڄ بعض ماڻهو جي ڏاريان آهن، سنڌ جا دشمن ۽ سنڌين جي تهذيب جا ويري آهن، سي سنڌين جي خلاف سازشن ۽ شرارتن جي ذريعي سنڌين کي ختم ڪرڻ گهُرن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي اسلام جو شيدائي ۽ فدائي ثابت ڪرڻ جي ناپاڪ ۽ مڪروه ڪوششن ۾ مصروف آهن. آءٌ ڪائنئ پڇڻ گهران ٿو ته ڇا، اسلام دهليءَ ۾ شاهه ولي الله ۽ نظام الدين اولياءَ جي ذخيرن ۾ گهٽ هو؟ اسلام خ ا جه اجميري جي درگاهه ۾ ڪونه هو؟ اسلام دارالعلوم ديوبند ۾ ختم ٿي ويو هو؟ اسلام مسلم يونيورسٽيءَ عليگڙهه ۾ نه هو؟ توهان اسلام جي انهن سرچشمن کي هندن جي حوالي ڇو ڪري آيا، اگر اوهان کي اسلام سان محبت هجي ها ته انهن جاين کي هندن جي حوالي هرگز نه ڪريو ها. اوهان اڄ جي. ايم. سيد تي انهيءَ ڪري قاتلانه حملا ڪريو ٿا ته هو اسلام کان ڦري ويو آهي.

پر اي ناشڪر گذارن جا نامراد گروهـ! اوهان حسن احمد مدني، جنهن چوڏهن آل رسول الله صلي الله عليه وسلم جي روضي جي پاڇي ۾ پيٺ تي پٽر ٻڌي حديث جو درس ڏنو جنهن کان ڪڏهن تهجد قضا نه ٿي، تنهن جي ڏاڙهي ۾ شراب ڇو هاريو؟ ابوالڪلام آزاد قرآن جي مفسر جي ڏاڙهي ڇو پٽي؟ جنهن جي تقدس جو فرشتا قسم کڻن. اوهان انهيءَ احمد سعيد دهوليءَ کي پٽر هنيا، توهان ابوالڪلام آزاد جي فاطمه صفت گهرواريءَ جي جنازي جي بيعزتي ڪئي، جڏهن ته اسلام مُردن جي عزت ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

ان جي برخلاف اسان سنڌين جي تاريخ عظيم آهي. اسان جي اسلامي خدمات جو سلسلو طويل آهي. اسان جي آزاديءَ جي

جدوجهد جو داستان شاندار ۽ بُلند آهي، ايترو بُلند جو آسمان جون بلنديون به ان اڳيان شرمسار آهن.

اسان جي ڏرتي اها عظيم ڏرتي آهي، جنهن تي انسان جا قدم سڀ کان پهرين پهتا. مولانا اعزاز علي ديوبندي 'ڪنز' جي حاشئي ۾ لکيو آهي ته "حوا سڀ کان پهرين سنڌ ۾ لٿي." اما زين العابدين جي والده سنڌي هئي. حضرت علي جي هڪ ٻانهي جنهن مان ڪيس محمد نالي پُٽ جائو سا سنڌياڻي هئي. دنيا جو بيمثال قانوندان امام ابو حنيفہ سنڌي هو. نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي سنڌ مان فرحت واريون هوائون محسوس ٿيون ۽ پاڻ هميشہ سنڌ ڏانهن مُنهن ڪري دعائون گهرندا هئا. سنڌ جي اجرڪ استعمال ڪري پاڻ سڳورن خوشي محسوس ڪئي آهي. شاهہ ولي الله جهڙي مفڪر جو استاد سنڌي هو. پوءِ به هي لکنوي تهذيب جا علمبردار ۽ واجد علي شاهہ جا وارث اسان کي غير مهذب ٿا سڏين. اسان جي رڳ رڳ ۾ آزادي ۽ حريت جي تحريڪن ۾ پيشقدمي ڪرڻ جو جذبو پريل آهي، ان جا چندمثال آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو:

1. تحريڪ هجرت جو پهريون مهاجر سنڌي جان محمد جوٽيجو هو.
2. تحريڪ ريشمي رومال ۾ گرفتاريءَ جو پهريون وارنٽ سنڌ جي عظيم فرزند شيخ عبدالرحيم سنڌيءَ جي نالي نڪتو هو.
3. تحريڪ ترڪ موالات، جنهن برطانوي هند ۽ انگريز سامراج کي ڪجهہ وقت لاءِ مفلوج ڪري ڇڏيو هو. تنهن جي سڀ کان پهرين تحريڪ سنڌ جي سپوت تاج محمود امروٽي مهاتما گانڌيءَ جي ذهن نشين ڪرائي هئي.
4. تحريڪ خلافت ۾ پوري هندوستان ۾ مولانا محمد صادق واحد سنڌي عالم هو جنهن انگريزي فوج جي خلاف لسبيلي ۽ مڪران ۾ بغاوت ڪرائي. عراق ڏانهن ويندڙ انگريز فوج

جو لنگھ ڪتائي ڇڏيو نتيجي ۾ انگريزن عراق ۾ شڪست ڪاڏي.

5. مولانا عبيدالله سنڌي پهريون ماڻهو هو جنهن وطن کان ٻاهر رهي آزاد هند حڪومت قائم ڪئي.

6. سنڌ اسيمبلي پهرين اسيمبلي آهي، جنهن پاڪستان جو ريزوليشن پاس ڪيو.

منهنجي ڌرتيءَ جا عظيم فرزندو! اها آهي اوهان جي تاريخ. هاڻي اوهان کي ايترو سوچڻ گهرجي، ته اهي سڀ قربانيون ڇا لاءِ ڏنيون؟ محض انهيءَ لاءِ ته توهان جو وطن آزاد رهي. اوهان جي ڌرتيءَ جا وسيلا اوهان جي هٿن ۾ رهن. اوهان جي ملڪ ۾ اوهان جي مرضي مطابق راج قائم ٿئي ۽ اوهان جي ملڪ ۾ ڪا به ارهي اک نه رهي. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته جيڪي ماڻهو سنڌي قوم کي ڪم همت ۽ سُست چون ٿا، تن شايد سنڌ جي تاريخ جو مطالعو نه ڪيو آهي. آءٌ يقين سان چوان ٿو ته پنهنجي وطن ۾ عزت سان زنده رهڻ لاءِ جيتريون قربانيون هن قوم ڏنيون آهن، شايد ٻئي ڪنهن ڏنيون هجن.

سڀ کان پهرين سنڌ جي زمين کي لتاڙڻ ۽ غلام بنائڻ جي همت ۽ جسارت ايرانين ڪئي. جن جي ناپاڪ ارادن کي منڌ ۾ ملائڻ لاءِ راءِ گهراڻي جو جوڌو جوان ۽ سنڌڙيءَ جو سرويچ ۽ راءِ سهيرس ٻيو ڪيچ وٽ سنڌ سڪندري بنجي بيهي رهيو. هن جو نعرو هو ته جيسين رڳن ۾ رت ۽ لڳن ۾ ستُ آهي، ان وقت تائين ايراني سنڌ تي قبضو نٿا ڪري سگهن. صبح کان ونڊي منجهند تائين وڙهندي نيٺ نڙيءَ ۾ تير لڳڻ سبب ساهه ڏنائين. حقيقت ۾ اهو سنڌ جو پهريون شهيد آهي. آءٌ انهن رت جي قڙن کي سلام ٿو ڪريان، جيڪي هن فداءِ سنڌ جي نڙيءَ مان وهيا.

ان کان پوءِ ڇڇ ۽ ڏاهر جي وقتن ۾ ڪن هندوستاني حاڪمن هلائون ڪيون، پر ڪين مُنهن جي ڪاٽي پيئي. تنهن کان پوءِ عربن پنج

دفعا سنڌ تي سخت حملا ڪيا، پر هر ڀيري سندن سامراجي ارادن کي مٽيءَ ۾ ملايو ويو. نيٺ 92هـ ۾ عرب سنڌ تي هڪ خونخوار ۽ فيصلي ڪُن جنگ ذريعي قابض ٿي ويا. پر ٿوري وقت کان پوءِ سنڌين پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون، جيڪي سومرن ۽ سمن جي رُوپ ۾ اسان جي اڳيان آهن. سمن جي دؤر کان پوءِ سنڌ جي آزاديءَ جي تاريخ ڏاڍي عجيب آهي، جنهن ۾ ارغون، ترخان، غزنوي، مغل، تغلق، پٺاڻ ۽ ايراني شامل آهن. انهيءَ پوري دؤر ۾ سنڌين جي غيرت ۽ ڏارين خلاف نفرت پروان چڙهيل نظر اچي ٿي، ويندي ميرن جي زوال تائين. انگريزن سنڌ کي فتح ڪري بمبئي سان ملائي ڇڏي. اسان جي وڏن سنڌ کي بمبئيءَ کان آزاد ڪرائي ته اسان شايد پنهنجي مرضيءَ سان حڪومت ڪري سگهون ۽ سنڌين کي سندن صدين کان غصب ٿيل حق ملي ويڃن پر اهو عرصو تمام ٿورو هو. تاهم انهيءَ عرصي ۾ سنڌ لاءِ نمايان پروگرام رٿيا ويا، پر ڪجهه پنهنجن جي نالائقي ۽ ڪجهه حاڪمن جي جبر سبب سنڌين کي پوريءَ ريت حق ملي نه سگهيا. مٿان پاڪستان جي تحريڪ هلي، اسان جي وڏن ان ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو، انهيءَ لاءِ ته من پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان جي لاءِ ڪو واهوندو وري، پر پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڪراچيءَ کي ڪٽيو ويو ۽ پوءِ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، ان کي پنجاب ۾ ضم ڪيو ويو. اهو دؤر تاريخ انساني جو بدترين دؤر هو.

لُٽ مار، رشوت خوري ۽ چور بازاري، مذهب جي تقدس جي آڙ ۾ مارا ماري جو دؤر هو. اسان جي نوجوانن وٽ يونٽ کي ختم ڪرايو ته من پنهنجا حق ملن، پر ٻيو ٽيو خير. سڀ کان وڏو آسرو هو ته سنڌي صدر ٿئي ته پوءِ چاندي آهي. سائينءَ کي چوان سنڌي صدر به ٽيو پر اسان کي حق نه مليا سي نه مليا. هاڻي آخري چارو، آخري همت، آخري وارو هڪ آخري ڪوشش اڃا باقي آهي سا ڪريو. اها ڪوشش اوهان کي ويٺنام جا سڙيل ڏانچا، بنگال جا ويران ٽيل ڪيت ٻڌائيندا. هن

وقت اسان کي چيو ٿو وڃي تہ اسان کي سنڌي صدر نہ گهرجي. اهو پاڪستان جو مسلم قوم جي پُرفريب نعري تي وجود ۾ آيو. تنهن جي صدارت تي جيڪڏهن مقامي قومن جو ڪو بہ ماڻهو نٿو ويهي سگهي تہ مقامي قومون اهڙي پاڪستان کي سلام ڪرڻ ۾ حق بجانب هونديون.

دوستو ۽ ساٿيو. اسان کي لٽڻ ۽ ڦُرڻ لاءِ مسلم قوم جو تصور ذهن نشين ڪرايو وڃي ٿو. منهنجي خيال ۾ دنيا جو سڀ کان خَسين ۽ پُرفريب ڏوڪو اهو آهي تہ قوم جو بنياد مذهب کي بنايو وڃي. اسان ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ اسان سنڌي مستقل قوم آهيون. اسان کي اهي حق ملڻ گهرجن، جيڪي اقوام متحد، جي چارٽ ۾ قومن لاءِ منظور ڪيا ويا آهن. قوم جو بنياد مذهب هرگز نہ آهي. خود قرآن شريف ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم مذهب کي قوم جو بنياد قرار نہ ڏنو آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم مڪي جي ڪافرن لاءِ بہ پنهنجي قوم هجڻ جو اعلان ڪيو هو. حالانڪ ڪافرن جو مذهب جدا هو ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو مذهب جدا. جيڪڏهن قوم جو بنياد مذهب هجي ها تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم ڪافرن کي پنهنجي قوم نہ چون ها.

سنڌ جا هاريو ۽ پورهيتو. اوهان سنڌ جي سرزمين کي سرسبز ۽ شاداب بنائڻ لاءِ محنت ڪريو ٿا. ليڪن اوهان کي ڪڪ نٿي ملي. اوهان جي ملڪ مان هر سال تي ارب رپيا ٽيڪس وصول ٿئي ٿو ليڪن اوهان لاءِ ڪو بہ پڪو رستو نہ آهي. سنڌ ۾ بجلي پيدا ٿئي ٿي، ليڪن سنڌ جو عوام اڄ بہ بجلي کان محروم آهي. سنڌ جي پئسن سان اسپتالون قائم ٿين ٿيون، ليڪن انهن ۾ نوڪري کان وٺي علاج تائين صرف ڏارين لاءِ آهي. سنڌ ۾ پڪن ۽ عاليشان شهرن جو وسيع سلسلو آهي پر انهن جي رهائش جاين، دڪانن ۽ تفريحي جاين تي غير سنڌي قابض آهن. دوستو ياد رکو شهرن جي خوبصورتي، جاين جي

چمڪ. وڏيرن جي وڏيرپ، دڪانن جي پيڪيداري، چوڏرين جي چوڏرائپ، ڪارخانن جي پيداوار، ملبن جون بلند عمارتون ۽ انهن ۾ تيار ٿيندڙ ساز و سامان، درسگاهون ۽ انهن جو علم، آفيسون ۽ انهن جون نوڪريون، ملڪ ۾ دولت ۽ حشمت اوهان جي ڪري آهي. اوهان هڪ هڪ اوڙ لاءِ مڙ پگهر وهائي اهي شيون موجود ڪيون آهن، پر توهان جي لاءِ اهي اجنبي آهن. اوهان انهن کي حسرت سان ڏسي سگهو ٿا پر هٿ لڳائي نٿا سگهو. اهو صرف انهيءَ ڪري جو اوهان جو ملڪ غلام آ ي. اوهان جي مسڪيني، اوهان جي غربت، اوهان جي بيڪسي ۽ ناتواني جو علاج سنڌ جي خودمتياري کان سواءِ ناممڪن آهي. اچو تہ گڏجي سنڌ جي آزاديءَ جي سج کي ويجها ٿيون ۽ هن ظلم جي انڌاري رات کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون. خدا جي مدد ۽ حمايت هميشہ ڪوشش ۽ جدوجهد ڪندڙن سان شامل هوندي آهي.

○

[پيغام پبليڪيشن ڪتابي سلسلي جو ٽيون ڪتاب]

تاريخ جي شاهدي

آئون هيومن رائيٽس ڪميشن وارن جو ٽورائتو آهيان، جو اوهان پنجاب جي دل لاهور ۾ پنهنجا خيال پيش ڪرڻ جو موڙ ڏنو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اها دل ڏڙڪي ٻه ٽي يا ڪنهن جلاد وانگر بيحس آهي. اسان هتي ان ارادي سان آيا آهيون ته سنڌ جي سياسي، انتظامي ۽ سماجي وحدت کي هر صورت ۾ برقرار رکڻو آهي. سياسي وحدتون، ڪڏهن ڪڏهن ٽٽي ويندیون آهن، انتظامي وحدتون به ٽٽي ويندیون آهن، انهن کي وري جوڙي سگهجي ٿو پر سماجي وحدت، جيڪڏهن ٽٽي وڃي ته ان کي جوڙڻ ۾ سخت تڪليف ٿيندي آهي. اسان "ان وحدت کي قائم رکي هتي آيا آهيون ته اوهان جي وساطت سان ڪراچي مسئلي جي حل بابت ڳالهايون ٿا."

منهنجي خيال ۾ ڪراچي جو مسئلو پوري سنڌ جي مسئلي کان جدا ڪو مسئلو ناهي. مثال طور: ڪراچي ۾ جيڪا بيروزگاري آهي، اها پوري سنڌ ۾ بيروزگاري آهي، ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ جو مسئلو آهي، سڄي سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ جو مسئلو آهي. ڪراچيءَ ۾ امن امان جو مسئلو آهي، سڄي سنڌ جو مسئلو آهي، ڪراچيءَ ۾ ايجنسيون زيادتيون ڪن ٿيون ۽ پوري سنڌ ۾ ڪن ٿيون. انهن کان ڪو بچڻ وارو ڪونهي. آئون، اوهان جي سامهون وٺنو آهيان، مون کي اهي ايجنسين وارا پڪڙي وٺي ويا ۽ پنجن مهينن تائين هنن ماڻهن منهنجي اکين کي تارن جي روشني ڏسڻ کان محروم رکيو ۽ ٽُڏن سان اٽارينڈا وهارينڈا هئا ته، اهو سڄي سنڌ جو مسئلو آهي، پر اوهان صرف ڪراچيءَ جي مسئلي تي غور ڪري رهيا آهيون. ان ڪري جو شايد پاڪستان جا سياستدان، جاڳندا صرف بندوق جي آواز تي

آهن. ڪنهن پڪيءَ جو گيت. هنن کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي ناهي. ڪراچيءَ ۾ 'بندوقون' وڌيڪ هلي رهيون آهن. جنهن سبب ڪاروبار متاثر ٿي رهيو آهي ۽ گجرانوالا کان جيڪا ٽرڪ پهريان 3 هزار رپين ۾ ڪراچيءَ لاءِ ملندي هئي. اڄ 7 هزار رپين ملي رهي آهي. ان ڪري اسين اڄ هتي گڏ ڪيا ويا آهيون ته. ڪراچيءَ جو مسئلو سنڌ سان جُڙيل آهي.

اسان هڪ ڳالهه ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته پوري سنڌ جو هي جيڪو مسئلو پيدا ٿيو آهي. جنهن هيءَ شدت اختيار ڪئي آهي ۽ ماڻهن جي هٿن ۾ بندوق اچي وئي آهي. ڊاڪٽر مبشر حسن صاحب فرمايو ته. سنڌ اسيمبليءَ جي به ياڳي ٽي اڪثريت ڏار صوبي واري مطالبي کي رد ڪندي. آئون چوان ٿو ته ڊاڪٽر صاحب. هڪ وقت اهڙو به آيو هيو جو سنڌ اسيمبليءَ جي سئو سيڪڙو ميمبرن ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو پر سنڌ جي عوام نه مڃيو هڪ طرف توهان قانون سازن. پوري سنڌ کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڑي. ڪنهن آقا طاقت (پنجاب) جي پيرن ۾ اُڇلائي ڇڏيو. ٻئي طرف چند (مٽي ڦريل) هيا. جن دعويٰ ڪئي ته قانون سازن جو فيصلو صحيح ناهي ۽ تسليم نه ڪنداسين ۽ دنيا ڏنو ته قانون ساز غلط ٿيا. هارائي ويا ۽ ڏرتيءَ جي محبت جي جيت ٿي. ون يونٽ ٽوڙيو ويو ته هيءَ ڳالهه ناهي ته ڪجهه ماڻهو ڪجهه ماڻهن کي خريد ڪن يا ڪو اقتدار ۾ اچي. سنڌ جي ورهاست جي فارمولا تسليم ڪري ۽ ان کي سنڌ جي عوام مٿان ٽاپيو وڃي. اسان 5 هزار سالن کان ڏاهر جي خون جي پهرئين قطري کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي وحدت کي برقرا رکيو آهي ۽ ان لاءِ اسان قربانيون ڏنيون آهن. پر ان سان گڏوگڏ مون اهو چيو هو ته. اسان سنڌ جي سماجي وحدت لاءِ لڙنداسين. سماجي وحدت مان منهنجي مراد. سنڌ ۾ وسندڙ "مختلف السان" گروهن جي درميان سماجي رشتن کي برقرار

رکڻ آهي. اسان اها ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين ته اهو سنڌ جي سماج کي ٽڪرا ڪري. رڳو سنڌي ۽ مهاجر سڏائيندڙ چوڻ ڪراچي ۾ بلوچ به آباد آهن. پٺاڻ به وسن ٿا. پنجابي به آهن. ڪچي ۽ ماروا۽ آهن. اُهي سڀ سماجي وحدت جا حصا آهن. اسين انهن کي ڪنهن به صورت ۾ ٽوڙڻ يا الڳ ڪرڻ نه ٿا چاهيون. مهاجرن يا اردو ڳالهائيندڙن سان جيڪڏهن ڪي زيادتيون آهن. ته اُهي سنڌ جي قومي وجود سان زيادتيون آهن. اسان کي هڪڙئي سان رهڻو آهي. اسان هڪڙئي سان اهو نه ڪيو آهي. جيڪو ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪارن ۽ اڇن هڪڙئي سان ڪيو. اسان کي ان قسم جو موقعو نه ڏنو ويو آهي. جهڙو نيلسن منڊيلا کي ڏنو ويو ته تون ۽ تنهي سان ويهي ڳالهائي. مسئلو حل ڪر ۽ ڪو فارمولا ڏئي. اسان کي ته هڪڙئي جي خلاف استعمال ڪيو ويو ۽ جڏهن اوهان ڳالهه ڪيو ٿا ته پوءِ هي ڳالهه به ٻُڌو ته هي 'گن پاور' جو تصور پنجاب ڏنو هيو. بنگال وٽ 'مين پاور' هيو ۽ پنجاب وٽ 'گن پاور' هيو. اوهان ڏسو ته 'مين پاور' کي 'گن پاور' وسيلي ڏکي ڏار ڪيو ويو. هينئر وري 'گن پاور' سان ڳالهيون پيون ٿين.

حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته پيپلز پارٽي ۽ ايم. ڪيو. ايم هڪڙئي جا يرغمالي جنگي قيدين وانگر. جنرل آصف نواز جي موجودگيءَ ۾ ڏنا ۽ ورتا ۽ هي بندوق جي طاقت کي تسليم ڪندڙ ٿولا آهن. اسين انهن شين جي سخت خلاف آهيون. اسين سمجهون ٿا ته سنڌ جي مسئلي جو اهو ئي حل آهي. ته پنجاب جنهن ون يونٽ ٺهرايو. جنهن ڪراچيءَ کي الڳ ڪرايو ڪنهن مهاجر اهو مطالبو نه ڪيو هو ته ون يونٽ ناهيو. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ هنن کي ايئن ئي روڪيو ويو. جيئن ڪين 93 ۾ قومي اسيمبليءَ جي چونڊن کان روڪيو ويو. اسان چئون ٿا ته هي مسئلا اسان جا آهن. ۽ پنجاب جيڪا پنهنجي مداخلت ڪري ٿو 'گن پاور' جي آڌار تي. ان

کان باز رهي. ڪراچيءَ ۾ ٽيل امن ڪانفرنس ۾ مون چيو هو ۽ بار بار چيو آهي ته، اچو ته اسين نئين سر سفر شروع ڪريون، ان شرط سان ته اسان سنڌ جي سياسي، انتظامي ۽ سماجي وحدت کي برقرار رکڻ لاءِ هڪڙئي جي برابر جيترين قربانيون ڏيندا سين، باقي مسئلن تي پاڻ ۾ ويهي ڳالهه ٻولهه ڪري، انهن کي حل ڪري سگهجي ٿو.

○

[روزاني جاڳو ڪراچي، 31 جولائي 1995ع]

فيصلن ۾ عمل جي اهميت

ڪنهن به قسم جي پارٽيءَ يا تنظيم ناهڻ لاءِ ڪنهن مقصد ۾ ان جي حصول لاءِ ڪوشش لازمي هوندي آهي. جيئن ڪنهن ماڻيءَ تي چڙهڻ تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ جو هجڻ ضروري هوندو آهي ۽ ڏاڪڻ لاءِ مختلف ڏاڪن جو هئڻ لازمي هوندو آهي، جن تي پير رکي ماڻهو خودبخود منزل تي پهچي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي هن سماج ۾ وسيع مفادن جي حصول ۾ ان جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهندڙن جي وچ ۾ جيڪا جنگ هلي رهي آهي، ان جنگ کٽڻ ۾ منزل تي پڄڻ واري جاکوڙ ۾ ڪا ڏاڪڻ چاهي ٿي ۾ ان ڏاڪڻ جو هر ڏاڪو ڪنهن فيصلي ۾ ان تي عمل ڪرڻ جو عمل هوندو آهي.

پارٽيون يا تنظيمون، ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ دشمن سان جنگ ۾ مصروف رهنديون آهن. پوءِ اها جنگ هٿيار جي هجي، نظرين جي هجي، ڏاهپ ۾ ڏانوَ جي هجي يا قومي ٻڌيءَ ۾ قومي ايڪي جي صورت ۾ هجي، چو ته اهي ٻئي قوتون هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ سان ئي رهي سگهن ٿيون ۾ ان ختم ڪرڻ جي عمل لاءِ ڪيترن مرحلن تي ترت ۾ تڪڙا فيصلا ڪرڻا پوندا آهن، جن ۾ ٿوري غفلت ۾ اڻ ڄاڻائي پارٽي ۾ تنظيم لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيندي آهي. ان ڪري پارٽي يا تنظيم جي واڳ سنياليندڙن وٽ فيصلي جي بي انتها قوت هئڻ ڪري ته جيئن ان جي رهنمائيءَ ۾ مصيبت وقت نجات حاصل ڪري سگهجي. صحيح ۾ وقتائتا فيصلا ڪرڻ لاءِ پارٽيءَ يا تنظيم جي مٿ٠ بو ٻيءَ کي نظر ۾ رکبو آهي ۽ اهي فيصلا نظرياتي چنڊ چاڻ کان پوءِ ظاهر ڪيا ويندا آهن، جن رستي اصل مقصد جو حصول آسان بنجي پوندو آهي. انهن فيصلن سان تنظيم جي سماج ۾ ساک قائم

ٿيندي آهي، جو ته سماج جي هر فرد جون نظرون ان واحد نجات ڏيندڙ پارٽيءَ يا تنظيم ۾ ڪتل هوندیون آهن ۽ اهي ڏسڻ گهرندا آهن ته پارٽي بحرانن وقت عوامي اُمنگن مطابق ڪهڙا ٿي فيصلا ڪري. جيڪڏهن فيصلا سندن مفادن ۽ اُمنگن وٽان ٿيندا ته ماڻهن ۾ پارٽيءَ لاءِ پنهنجائپ ۽ وفاداريءَ جا لازا تقويت حاصل ڪري ونندا. ان ڪانسواءِ تنظيم ۾ پارٽيءَ جا ڪارڪن، جڏهن پارٽيءَ جي مهلائتن ۽ پروقار فيصلن جو سماج ۾ اهڙو مان ٿيندي ڏسندا ته سندن قوت ارادريءَ ۾ سگهه پيدا ٿيندا ۽ عمل جا نوان نوان گس منجهن اتساهه پيدا ڪندا ۽ اهڙيءَ طرح ڪارڪنن جي انقلابي اُمنگن جي آبياري ٿيندي. ان ريت پارٽي اهڙن فيصلن ۽ عملن جي نتيجي ۾ پنهنجو وجود، تشخص، اهميت ۽ ڪردار مجائي، وسيع عوامي سگهه پاڻ سان گڏ ڪري سگهندي آهي.

فيصلي جي قوت پيدا ٿيڻ لاءِ:

(1) ڪارڪنن کي ذات جي خول مان نڪرڻو پوندو. ڪارڪن ذاتي طرح ڪجهه به هجي پر سندس سوچ هر وقت گهڻن جي مفاد، مزاج ۽ ضرورتن کي آڏو رکي سرجڻ کپي. اهڙي سوچ ئي اهڙا فيصلا ڪرائي سگهندي، جيڪي گهڻائيءَ لاءِ قابل قبول هوندا ۽ ان مان گهڻن جو پلو ٿيندو. اهڙي سوچ ئي انقلابي ڪارڪن کي صحيح انقلابي گس تي هلائيندي آهي ۽ ان جي بدولت صحيح وقتائتا ۽ بهتر فيصلا جنم وٺي سگهندا آهن.

(2) صحيح فيصلي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته فيصلو ڪندڙ کي پنهنجو ذهني رايو ٻين تي مڙهڻ نه کپي. پر اڳ ۾ سيني جا خيال ٻڌڻ ۽ گهڻن سان خيالن جو اظهار ڪرڻ کپي ته جيئن حقيقتن تائين آساني‌ءَ سان رسي سگهجي ۽ حقيقتن جي بنياد تي صحيح فيصلا ڪري سگهجن.

(3) ڪنهن بہ بحراني ڪيفيت، مسئلي ۾ مصيبت پيدا ٿيڻ وقت ترت ان جي ٻين هنڌن تي انقلابي سياست ڪندڙن جي حالتن سان پيٽ ڪرڻ گهرجي. هڪ جهڙائيءَ جي صورت ۾ انهن جي ڏنل حل کي آڏو رکي، پنهنجي مخصوص حالتن پٽاندر فيصلا ڪرڻ گهرجن ۾ اهڙا فيصلا گهٽي ياگهي وقتائتا، نظرياتي طرح سگهارا ۽ مانائتا هوندا آهن.

(4) صحيح ۽ وقتائن فيصلن ڪرڻ لاءِ نظرياتي ڄاڻ ۽ حالتن آهر انهن کي لاڳو ڪرڻ جي صلاحيت هئڻ گهرجي.

(5) انقلابي پارٽين، تنظيمن ۽ تحريڪن جي عمل دوران ٿوري اڀرائي يا غلط فيصلا، پارٽين ۽ تنظيمن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻبا آهن پر ان جو مطلب اهو نہ سمجهڻ کپي تہ نقصانن جي انديشن جي مدنظر ڪو فيصلو ئي نہ ڪرڻ کپي. پر جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل چارئي گڻ ڪارڪنن يا قيادت ۾ موجود آهي، تہ پوءِ جوکم (Risk) کڻڻو ئي پوندو. جو تہ ان کان سواءِ فائدو حاصل ٿي نہ ٿو سگهي.

(6) فيصلو ڪندڙ قوت کي پنهنجي پارٽيءَ يا تنظيم جي سگهہ بابت ڪنهن بہ خوش فهميءَ ۾ مبتلا نہ هجڻ کپي؛ پر منجهس ايتري خود اعتمادي هجڻ کپي جو حالتن جو تجزيو ڪري، ڪنهن مخصوص صورتحال ۾ جيڪو وقتائتو ۽ صحيح فيصلو سمجهي، ان کي خود اعتماديءَ سان نافذ ڪري، ڪارڪنن آڏو عمل لاءِ پيش ڪري.

(7) هن سماج جيئن تہ هر حساس ماڻهوءَ کي گهڻ طرفن فڪرات ۾ اهڙو تہ گهيري رکيو آهي، اهو جو پنهنجي آسپاس تہ چڏيو پر پنهنجو پاڻ کان بہ غافل ٿي، چرين وانگر گهمي رهيو آهي. نہ هن جي چِت جاءِ آهي، نہ دماغ ٺڪاڻي آهي، سوچون بہ مفلوج اٽس ۽ عملي طرح توائي ٽيو پيو گهمي. اهڙيءَ صورت ۾ جيڪڏهن ڪو فرد فيصلي ساز اداري جو رُڪن آهي تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ فيصلي ڪرڻ وقت ان کي سموريءَ فڪرات سودائن ۽ ڳڻتين مان نجات حاصل ڪري، حاضر

دماغيءَ سان چت جاءِ ڪري فيصلو ڪرڻ ڪپي، جيئن اهڙي ڪا صورت نہ ٻڌجي جو بعد ۾ پڇتائڻو پوي. ڇو تہ پوءِ اها غلطي رڳو ان جي فيصلي واري عمل ۾ نہ هوندي پر ان تي عمل ڪندڙ هر ڪارڪن جي عمل معرفت سڄيءَ پارٽيءَ يا تنظيم تي لاڳو هوندي.

(8) خود اعتماديءَ ۾ رسڪ (Risk) جي اهميت جي باوجود عارضي کان عارضي ۽ معمولي کان معمولي فيصلي ڪرڻ لاءِ فيصلي ڪندڙ کي دور انديشيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي.

(9) ايڏيءَ وڏيءَ اهميت واري ڪم يا فيصلي ڪرڻ وقت فيصلي ڪندڙ يا عمل ڪندڙ مٿان ٻئي تنظيمي ڪم جو وزن نہ هجي تہ جيئن اهو ڪم کي بخوبي نپائي سگهي.

(10) ڪيترا ماڻهو مزاجن ۽ فطرت موجب احساس ڪمتريءَ جو شڪار هئڻ ڪري، پنهنجي ڪيل فيصلي تي پاڻ ئي واضح ۽ مطمئن نہ هوندا آهن ۽ ٿورن افواهي يا غير نظرياتي هوائي دليلن ٻڌڻ سان پنهنجي فيصلي تان هٽ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويندا يا پنهنجي ڪيل فيصلي جي پاڻ وضاحت نہ ڪري سگهندا آهن، جنهن ڪري سندن ڪيل فيصلو پنهنجي اهميت وڃائي ويهندو آهي. ان رجحان کان ڪارڪنن کي بچڻ گهرجي.

فيصلن جا قسم

(1) **تنظيم يا پارٽيءَ جي عمل جو رخ طئي ڪرڻ جا فيصلا:** مخصوص وقت اندر عوام جي مزاج جي پرک ڪري، عام رواجي عوامي مسئلن جي نوعيت پرکي، پنهنجي منزل جي حصول کي نظر ۾ رکي، پارٽيءَ يا تنظيم جي عمل کي رخ ڏيڻ لاءِ ڪي فيصلا ڪرڻا پوندا آهن، جيڪي عارضي هوندي بہ اهم هوندا آهن. جيئن پاڪستان قومي اتحاد (PNA) جو ٻُڌي حڪومت خلاف عمل ۾ اچڻ، ايم آر ڊي (MRD) جي فوجي حڪومت خلاف عمل ۾ اچڻ. مهاجر- پناڻ جهيڙي يا هن وقت سنڌي

معاجر جهيڙي جو سنڌ ۾ رونما ٿيڻ، اهڙين حالتن ۾ جيتوڻيڪ عارضي مسئلن بابت عارضي فيصلا ڪرڻا هوندا آهن، پر انهن جا اثر دائمي رهي سگهن ٿا. ان ڪري اهڙا فيصلا دور انديشيءَ ۽ خبرداريءَ سان ڪرڻ گهرجن.

(2) **اتحاد لاءِ ڳالهه ٻولهه ۾ فيصلا:** انقلابي سائنس موجب موجوده سماجن جي قدامت ايتري ته ٿي ويئي آهي، جو انهن کي پاڻان پٽي، جديد دؤر جي تقاضائن موجب انهن جا بنياد رکڻ کپن. پوءِ ئي اهي گهربل ذميواريون پوريون ڪري سگهندا. ان ڏکهي عمل (Process) لاءِ ڪيترن موقعن تي چند نقطن تي ئي سهي پر ناهه ڪرڻا پون ته ڪرڻ گهرجن. اهي ناهه دائمي هلي سگهن ٿا، ڏهي به سگهن ٿا ۽ وري وري انهن لاءِ ڪوششون ٿي به سگهن ٿيون پر اهڙي وقت ۾ مکيه فيصلي ڪن اداري يا قيادت کي محتاط رهڻو پوندو ته ناهه سان سندن ڪارڪنن ۾ ڪنهن به قسم جي احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ نه ڪجي. پارٽيءَ ۾ قوت نه پوي، عمل ۾ مايوسي پيدا نه ٿئي ۽ مکيه مقصد (Cause) کي ڪا به ضرب نه رسي. ان طريقي بهرحال ناهن يا اتحادن لاءِ پيش رفت جاري رکڻي پوندي.

(3) **پارٽيءَ جي اصلاح ۽ ردوبدل لاءِ فيصلا:** پارٽيءَ يا تنظيم ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن آڏو اها ڳالهه نه هئڻ کپي ته کين مٿين ادارن ۾ ڪنهو وڃي ته ڪم اهميت سان ڪن ۽ جيڪڏهن کين هيٺين ادارن ۾ ڪم جي ذميواري ملي ته ان کي سزا سمجهن يا ذاتي انا جو مسئلو بنائي ڪم ۾ سُست رفتاري ڏيکارين. پر پوءِ به ان قسم جي ردوبدل ڪرڻ وقت اهو خيال ضرور رکيو وڃي ته فيصلي ڪندڙ جي ذاتي راءِ يا طبيعتي رجحان ان ۾ وزندار نه هجي پر حقيقت پسنديءَ جي بنياد تي ماضيءَ جي عملي تجربي جي بنياد تي نظرياتي نقطي نگاهه کان فيصلو ٿيل هجي ۽ ان لاءِ تنظيم يا پارٽيءَ اندر فضا هموار ڪيل

هجي، جيئن اهو فيصلو آرام سان قابل قبول بڌجي وڃي. ان کان سواءِ ان فيصلي مان پارٽيءَ يا تنظيم جي واڌاري ۽ ترقيءَ جا آثار اُپرن گهرجن ۽ اهڙي قسم جي فيصلي کي ڪنهن به قسم جي ڊپ يا حضور شرميءَ جي ڪري ڪنهن به طرح تعطل پوڻ نه گهرجي.

(4) پارٽيءَ اندر تنظيمي ۽ نظرياتي جاڻ وڌائڻ لاءِ فيصلا: پارٽي جنهن سماج ۾ ڪم ڪندڙ هجي، ان جي ارتقائي سفر ۾ سامهون ٿيندڙ عملن جي بلڪل باريڪ بينيءَ سان پرک ۽ ڪوج ڪيل هجي. تنظيمي ضابطن ۽ قاعدن جي پوري جاڻ هجي، ۽ خود تنقيدي اصول موجب اهو ڏسندو وڃي ته پارٽيءَ جا ڪارڪن تنظيمي عمل توڙي ذاتي زندگيءَ ۾ انهن تي ڪيتري قدر عمل پيرا ٿيا آهن. جي نه ٿيا آهن ته انهن کي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ ڪيئن تيار ڪجي.

ان کانسواءِ ڪارڪن ذهني طرح سماجي سائنس جي اصولن کان واقف هجڻ گهرجن. اهي جديد ترقي پسند سماجي جاڻ، قومي جاڻ ۽ بين الاقوامي جاڻ جا ماهر هجڻ کپن، جيئن انهن مسئلن تي "فيلڊ ورڪ" دوران کين کو منجهائي يا برغلائي نه سگهي. ان ڪري انهن بنهي مسئلن جي حل لاءِ تنظيمي وسيلن، ڪارڪنن جي سهپ ۽ تياريءَ آهر فيصلا ڪرڻا پوندا، جن جي لاڳو ڪرڻ سان ڪارڪنن جي مثالي حيثيت واضح ٿي سگهندي ان ڪري ان قسم جي فيصلن ڪرڻ ۽ ڪورسن مقرر ڪرڻ لاءِ ترت ۽ پرمغز فيصلي ڪرڻ جي قوت جي ضرورت آهي. فيصلن جي نوعيت مختلف ٿيندي آهي، جهڙوڪ:

(1) ڪٽيٽر شپ وارا فيصلا: ڪڏهن ڪڏهن ڪي تنظيمي اڳواڻ غلطيءَ وچان اڪيلا ئي فيصلا ڪري زوريءَ مڙهيندا آهن ۽ اڪيلي ذهن جي پيداوار گهٽي قدر غلطين واري هوندي آهي، جو ته فيصلن ۾ ڪارڪنن يا اڪثريت جي راءِ شامل نه هجڻ ڪري، ڪارڪن فيصلن کي پنهنجا فيصلا ڪري نه سمجهندا آهن ۽ ان حالت ۾

ڪارڪن بيچينيءَ واري ڪيفيت ۾ ڏهني گهٽ محسوس ڪندا آهن.

(2) **جمهوري فيصلا:** جمهوري فيصلا اڪثر ڪري صحيح ۽ اعتماد جوڳا هوندا آهن. جيئن ته جمهوريت جو روح ۽ جوهر آهي ئي صنعتي، سڌريل ۽ پڙهيل ڳڙهيل سماج، ان ڪري هتي جي غلام سماجن ۾ مغربي جمهوريت بي راهه رويءَ جي نڏر ٿيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اڪثريت ايتري باشعور نه آهي، جيڪا عقلي بنياد تي پرکي فيصلا ڪري. اسان وٽ گهٽو ڪجهه هوندي به اڄا عام فيصلا، جنون ۽ شخصيت پرستيءَ جي ڇاپ مان جان ڇڏائي نه سگهيا آهن. ان قسم جي فيصلن ٿيڻ سان طريقي ڪار سڀي هٿ جي خوش فهمي ته ڪري سگهجي ٿي، پر مثبت پيش رفت ۾ رڪاوٽون پئجي وڃن ٿيون.

(3) **جمهوري مرڪزيت:** انقلابي پارٽين، تنظيمن ۽ تحريڪن ۾ اڪثر ڪري فيصلن جو "جمهوري مرڪزيت" وارو اصول قبول ڪيو ويندو آهي، جنهن موجب صحيح جمهوريت قائم ٿيڻ سان گڏ صحيح ۽ وقتائتا فيصلا ٿي سگهندا آهن ۽ تنظيمي ميمبر جمهوري طريقي سان مرڪزي قيادت چونڊي موڪليندا آهن. ابتدا ۾ جمهوري حق ميمبرن وٽ رهندا آهن، پر چونڊجي اچڻ ڪانپوءِ اهي چونڊيل نمائندا، فيصلي ڪن حيثيت اختيار ڪري مرڪزي فيصلا صادر ڪندا آهن. اهو جمهوريت ۽ مرڪزيت جو اهڙو پيوند آهي، جنهن سان نه رڳو تنظيمي ڪم تيز ٿيندو آهي پر جمهوري ذهنيت به وڌندي ويجهندي آهي.

(4) **دائمي فيصلن لاءِ فضا جي هموار:** هتي موجوده پاڪستاني حالتن ۾ مظلوم قومن جو قومي ۽ اقتصادي طرح جيڪو خراب حال ٿيو آهي، ان کان هرڪو آگاهه آهي. ان جي حل لاءِ مختلف ترقي پسند ڌرين وٽ مختلف رايا ۽ رٿون آهن. ڪي پاڪساني وفاق ۾ رهي، عوام جي خوشحاليءَ ماڻڻ جي ڳالهه ڪن ٿا. ڪي ان جو حل

ڪنفيڊريشن ۾ ڏسن ٿا. ڪي پاڪستان ۾ سوشلزم اچڻ سان سيني مسئلن جو حل بيان ڪن ٿا ۽ ڪن وٽ سندڙ (۽ بين قومن) جي نجات صرف "قومي آزادي" ۾ آهي. انهن حلن لاءِ سيني ڏرين وٽ پنهنجا پنهنجا دليل آهن. جيڪي سندڙ جي عوام اڳيان ڪنهن نه ڪنهن نموني پهچائي رهيا آهن. جيئن ته آخري ۽ واحد فيصلي ڪن قوت هتي جو عوام آهي. ان ڪري جيڪا ڏر پنهنجي موقف جي صحيح پرچار ڪري ماڻهن وٽ پهچندي. اها ئي عوامي تائيد ۽ مقبوليت حاصل ڪندي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن اڳواڻ فضا هموار ٿيل هوندي ته جڏهن هر ڪا ڏر عوامي جلسن رستي پنهنجو پنهنجو موقف پيش ڪندي ته عوامي ميڙ اها ئي ڏر حاصل ڪري سگهندي. جيڪا اڳواڻ ماڻهن وٽ ڇاڻل سڃاتل ۽ آزمايل هوندي. ان لحاظ کان "قومي آزاديءَ" واريءَ جدوجهد لاءِ اڄ ۾ ئي اهڙي فضا هموار ٿيل هجي. جو جيڪڏهن کو پي نام نهاد ليبر ڪيترن به خوبصورت لفظن ۾ پنهنجو پروگرام پيش ڪري ته. ان کي اوتري موٽ (Response) نه ملڻ کپي. جيڪا آزاديءَ جي پڳالهه ڪندڙن کي ملي. ان کان پوءِ ان جي پيش رفت لاءِ ڪهڙو به فيصلو ٿيندو ته يقيني طرح عمل ۾ اچي ويندو.

فيصلي جي قوت جي ڪوٽ جي صورت ۾:

(1) پارٽي مهلائتن عملن کان وانجهي ٿي. عوام ۾ ساک وڃائي ويهندي آهي ۽ ڪارڪن بي عمل بنجي. آهستي آهستي انقلابي سگهه وڃائي. پارٽيءَ جي خاتمي جو ڪارڻ بنجندا آهن.

(2) ان حالت ۾ ترقي پسند قوتن خلاف پروپيگينڊا جو طوفان کڙو ٿي ويندو آهي.

(3) عوام غلاميءَ کي قبول ڪرڻ واري غير انساني صورتحال ۾ جڪڙجي ويندو آهي.

(4) اها صورتحال "جيئن آهي تيئن رهي" (Statuesque) واري حالت پيدا ڪري، رجعت پسندن جا هٿ مضبوط ڪندي آهي.
(5) ڪارڪنن ۾ فراريت، مايوسي ۽ نراجيت پکڙيل آهي.
(6) وقت سان قدم ملائي هلڻ ڪان قاصر ٿي، تاريخ جي پيرن هيٺان چيپيانجڻو پوندو آهي.

عمل (Action) جي اهميت: تحريڪ يعني عمل (Action) زندهه هجڻ جي نشاني آهي. هر جيءَ ڪي زنده رهڻ لاءِ تحريڪ يا عمل ۾ رهڻو پوندو آهي. پر سوال اٿي ٿو ته زندگي ڪهڙي؟ جارح، وحشياڻي، جانورن واري زندگي يا انسانيت جي عظيم بلندين تي پهچڻ واري زندگي؟ ذلت واري زندگي ڪسين ۽ پلجندڙ ڪيڙن واري زندگي يا چانبوڪيءَ ۾ چنبڙ ڏانهن پرواز ڪندڙ چڪور واري زندگي؟ ڏونڱي ۾ سڙندڙ ڪينئن واري زندگي يا گلن تي پرندڙ پٹونرن واري زندگي؟ ڪهڙي زندگي؟ اها زندگي، جيڪا مالهيءَ جي هٿن ۾ هوندي آهي، يا اها جيڪا شڪاريءَ جي ڏپ ۾ هوندي آهي؟ جيڪا زندگي، انسان ذات جي بهتر آئيندي لاءِ عمل ڪندي گذري، اها ئي اصل، صحي ۽ سچي زندگي آهي. ان ڪري عمل جي به چنڊ چاڙ ڪرڻي پوندي ته ڪهڙو عمل ۽ ڪهڙيءَ زندگيءَ لاءِ؟ ۽ جڏهن اسان اهو سمجهي ورتو ته غلام قوم جي فردن جي آزاديءَ حاصل ڪرڻ وارو عمل ئي صحيح آهي ته پوءِ ان عمل ڪرڻ وارن جي زندگي ئي صحيح زندگي ليکبي. ان ڪري اهڙي عظيم عمل لاءِ محرڪ ۽ سونهون فقط ئي فقط "صحيح ۽ بهترين فيصلو" ٿي سگهي ٿو جنهن مان ئي گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. صحيح عمل لاءِ صحيح فيصلو لازمي آهي. بنا ڪنهن سوچيل سمجهيل فيصلي جي عمل ڪبو ته اهو توائي هوندو ۽ انارڪيءَ جو ڪارڻ بڻبو. عمل ۽ فيصلو ائين لازم ۽ ملزوم آهي، جيئن انساني وجود لاءِ جسم ۽ ساهه پر انهي بنهي بظاهر جدا پر اصل ۾ گڏ

ڪمن لاءِ ۽ الڳ ادارا هجن ۽ انهن ۾نهي جو پاڻ ۾ بهتر ڳانڍاپو هجي. ان ڳانڍاپي ذريعي ئي تنظيم مڪمل ٿيندي آهي ۽ قيادت فرائض انجام ڏئي سگهندي آهي.

اصول مقصدن لاءِ هوندا آهن، نه مقصدن اصولن لاءِ:

زندگيءَ ۾ انسان ڪي اصول ناهيندو آهي ۽ انهن کي پنهنجيءَ زندگيءَ جو سرمايو سمجهي، انهن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پوءِ ڪٽي انهن اصولن تي هلندي، ڪيس زندگيءَ مان ڪو به لاڀ پلئه نه پوي پر اهو انسان پنهنجي انانيت کي تسڪين ڏيڻ لاءِ پنهنجي اُنهن ٻيجان اصولن سان چهٽيو پيو هوندو آهي. ساڳيءَ ريت قومون، تنظيمون ۽ تحريڪون به ڪي اصول مرتب ڪنديون آهن. زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ جدوجهد جي واٽ ۾ اهي اصول انهن کي ڀلي وک وک تي شڪستن جي اوڙاهن ۾ اڇلائيندا رهن، پر پوءِ به اهي انهن اصولن سان چنبڙيل ۽ چهٽيل رهڻ کي پنهنجي سوڀ ۽ وڏي جيت سمجهڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا هونديون آهن، پر پنهنجي اصولن ۾ ڪا به تبديلي يا ترميم ڪرڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار نه هونديون آهن. اُنهن جو رات ڏينهن نعرو هوندو آهي ته اسان اصولن تي ڪا به سوديبازي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. حقيقت ۾ اها سندن ڀُل هوندي آهي. جيڪڏهن پراڻا اصول بيڪار ٿي چڪا آهن ۽ اهي ڪا به سوڀ ڏياري نه سگهيا آهن، ته انهن کي ڇڏي، نوان اصول مرتب ڪري، انهن تي هلڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت اصولن تان قُرڻ کي غداري سڏيو ويندو آهي، اهڙي طريقي سان مُدي خارج نظرين يا اصولن سان چهٽيو رهڻ وڏي نا اهلي ۽ نالائقي آهي. پر هتي هڪڙي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اصولن جي تجديد يا نواڻ جو مطلب آهي پنهنجي مقصد کي بهتر طريقي سان حاصل ڪرڻ جا نوان، تازا ۽ فتح مند طريقا اختيار ڪرڻ ۽ موقعي پرستيءَ جو مطلب آهي بي ايماني، غداري ۽ دلالپ.

مثال طور: عدم تشدد هڪ اصول يا نظريو آهي، پر هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جو اهو هٿيار پنهنجو اثر وڃائي ويهي ٿو تہ اُن جي جاءِ تي فوري طرح ان جو متبادل اصول اختيار ڪرڻ گهرجي. يا مثال طور "هٿياربند سياست" هڪ اصول آهي پر جيڪڏهن ان سان بيپناهہ قومي ۽ ملڪي نقصان ٿئي ٿو تہ ان اصول جي بجاءِ ٻيو ڪو بہ اصول اختيار ڪرڻ گهرجي. اڄ جي دؤر ۾ ڪنهن تنظيم، تحريڪ ۽ پارٽيءَ کي ڪنهن هڪ واٽ ۽ دڳ تي ٻڌي ڇڏڻ، ۽ پ ڪان وڌي سياسي پُل آهي. ان ڪري تنظيم، تحريڪ يا پارٽيءَ لاءِ سڀ رستا کليل هڻڻ گهرجن ۽ ان ۾ ايتري صلاحيت پيدا ڪرڻ گهرجي، جو اُها پنهنجون راهون تبديل ڪري سگهي ۽ بنهہ آسانيءَ سان جدوجهد جون شڪليون ۽ صورتون مٽائي نہ صرف پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي پر انتهائي چستيءَ ۽ ڦرتائيءَ سان پنهنجو مقصد ۽ منزل ماڻي سگهي. اڄ جي سياستدان جي ناڪاميءَ جو وڏو سبب بہ اهو آهي تہ اُهو پارٽيءَ ۾ اها صلاحيت پيدا ٿيڻ نہ ڏيندو آهي يا پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ويندو آهي يا خود منجهس اها صلاحيت نہ هوندي آهي.

"اصول مقصدن لاءِ هوندا آهن، نہ مقصد اُصولن لاءِ. توهان جا مقرر ڪيل اصول جيڪڏهن مقصد ماڻڻ ۾ ناڪام ويا آهن تہ انهن کي ڇڏي ڏيو ڇو تہ هميشہ عظيم ۽ اعليٰ شيءِ جي پيٽ ۾ گهٽ شيءِ ڇڏڻي پوندي آهي." (ابو الڪلام آزاد)

"اسان جي ملڪن ۾ جيترو فصل اصولن جو تيار ٿيندو آهي، اوترو جيڪڏهن ڪڪ جو فصل تيار ٿئي تہ اسان کي مغرب وٽ اناج لاءِ جهولي جهلڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ رهي. ڪاش! اسان جا سياستدان ۽ دانشور اصولن جي پوک تي مغز ماري ۽ ڪرڻ بجاءِ ڪو ٻنيءَ ٽڪرو ڪيڙين." (امرتا پريتم)

○

[پڙاڏو جولائي 1989ع، شمارو-6]

مضمون

تنظيم جون ڪمزوريون ۽ خاميون

ڪنهن به پارٽيءَ جي مضبوطي ۽ ثابت قدمي لاءِ هيءَ ڳالهه انتهائي ضروري آهي، ته ان جي ورڪرن، ڪارڪنن، ميمبرن ۽ همدردن کي صحيح سياسي تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي. سياسي تعليم کانسواءِ پارٽيءَ جا ڪارڪن ۽ ورڪر هنگامي جوش، احساس محرومي، انتقام ۽ رد عمل جي چڪر ۾ اچي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي وقتي طوفان نهايت دليري ۽ پيش قدميءَ جو مظاهرو ڪندا آهن پر جيئن ئي جوش ۽ طوفان هلڪو ۽ ٺڏو ٿي پيو تيئن ئي انهن جون همتون پست ۽ جوش ۽ ولولو ٺڏو ٿي ويندو آهي. نتيجي ۾ هو انتهائي ڪريل ذهنيت، گلاخوري، عهدن جي ويڑهه ۽ هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. ڳالهه وڃي هتي بيهندي ته انهن مان ڪي وڪامي ويندا. ڪي ماٺ ڪري ويهي رهندا ۽ ڪي اقتدار ملڻ کان پوءِ عياشي ۽ عهدن جي لالچ تي ڳنڍيا ايندا آهن. اهڙا ورڪر آزاديءَ کان پوءِ عوامي خدمت وطني آزاديءَ جي حفاظت ۽ قومي خوشحاليءَ تي سوچڻ بجاءِ انفرادي نفعي ۽ فائدي لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪندا آهن. پارٽي ليڈر جو گهيرو ڪري ڪائنس پرمٽون، نوڪريون ۽ ٻيا معاوضا طلب ڪندا آهن. اهي شيون نه ملڻ جي صورت ۾ هو جيئن ردعمل جي چڪر ۾ ڦاسي آيا هئا. تيئن ردعمل جو شڪار ٿي پارٽي ۽ حڪومت جي ڪمزوريءَ جو باعث بنيا آهن.

سياسي پارٽين جا دفتر، آفيسون ۽ ميٽنگون عام طرح شهرن ۾ ٿيندڙيون آهن، ان ڪري پهراڙيءَ جي عوام سان انهن پارٽين جو لاڳاپو رڳو وقتي جلسن جي ڪري رهندو آهي ۽ عوام ليڈرن جي تقريرن ۾ هي نتيجو ڪيڏو آهي ته بس آزادي جي پري لٽي ۽ ڪير ماڪيءَ جون

نديون شروع ٿي ويندیون. عوام کي ليڊرن جي قربانين ۽ جيل کائڻ جي ڪري هڪڙي قسم جي عقيدت مندي واري بيماري وکوڙي ويندي آهي. اها عقيدت ٿوس بنيادن ۽ مضبوط اصولن تي ٻيڻل نہ هوندي آهي. نہ ئي ماڻهن کي، آزاديءَ کان پوءِ ملڪي تعمير ۽ ترقيءَ جي منصوبہ بندي جي مشڪلاتن ۽ ٻين انيڪ رڪاوٽن کان واقف ڪرايو ويندو آهي. انهن کي اهو بہ ذهن نشين نہ ڪرايو ويندو آهي تہ ليڊر جادوگر نہ ٿا ٿين، جو هر ڪا شئي هڪڙي گهڙيءَ ۾ موجود ڪري ڏين، پر هر ڪا شئي عوام جي جدوجهد ۽ سهڪار سان ئي ٿي سگهي ٿي. جهڙي ريت عوام جي حمايت، مدد ۽ قربانيءَ کان سواءِ آزادي ناممڪن هئي، اهڙي ريت عوام جي ساٿ ۽ محنت کان سواءِ خوشحاليءَ جو دريا بہ وهي نٿو سگهي. غربت ۽ بُک جا نيسارا بہ خشڪ نہ ٿا ٿي سگهن. ماڻهو انهن سپني ڳالهين کان بي خبر جنگ ۽ جدوجهد جي ٽڪاوٽ کان چور نستا ۽ بي تعلق ٿي ويهي رهندا آهن.

هوڏانهن ليڊر شهرن ۽ دارالحڪومتن ۾ بيشمار مسئلن جي ڄار ۾ جڪڙيا ويٺا هوندا آهن. وچ ۾ رجعت پرست، ملڪ دشمن ۽ انتهاپسند، پنهنجي خفيہ سرگرمين، پمفليٽن ۽ سس پس جي سياست ذريعي عوام کي حڪمران پارٽيءَ خلاف پڙڪائڻ شروع ڪندا آهن، اهڙيءَ طرح بي چينيءَ جي هڪ وسيع لهر ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان بي ڪنڊ تائين پکڙجي ويندي آهي. بي چيني، مايوسي ۽ بددلي جو مادو ڪجهہ وقت اندر ئي اندر پچندو رهندو آهي ۽ پوءِ اوچتو بي پناهہ مظاهرن، جلسن، جلوسن ۽ هنگامن جي صورت ۾ ڦاٽي پوندو آهي. اهڙي حالت ۾ چور بازار، ذخيره اندوز، اسمگلر ۽ ڏڪار يا پنهنجي ڪارروائين ذريعي هٿرادو ڏڪار پيدا ڪندا آهن.

انهن حالتن مان چوٽڪاري لاءِ عوام اهي ئي طريقا اختيار ڪندو آهي، جيڪي غير قومي ۽ غير ملڪي اقتدار ۽ قبضي کي ختم

ڪرڻ لاءِ ڪيس سيڪاريا ويا هوندا آهن. انهن طريقن ۾ پيچ ڌاهڻ، آتش زني ۽ قتل و غارت سڀ شامل هوندا آهن. ملڪ ۾ قوم جا اهي ليڈر ۽ ورڪر جيڪي شهرن ۾، صحافين، سفيرن ۽ جي حضورين جي گهيري ۾ هوندا آهن. سي اوچتو اچڙي صورتحال کي ڏسي ان کان بچاءَ لاءِ ٻه طريقا اختيار ڪندا آهن.

(1) پنهنجي آتش بيان تقريرن جي جادو جاڳائڻ جي وسيلي عوام جي نفرت ۽ غصي کي ٽڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

(2) عوام جي اُيار کي انتظاميہ جي طاقت جي وسيلي ڪچلڻ ۽ چٽڻ.

اهي ٻئي طريقا عوامي نفرت ۽ ٻي چينيءَ جي طوفان کي روڪڻ بجاءِ تيز ڪندا آهن. عوام آزاديءَ جي جنگ دوران لفظن جي جادوگري کان تنگ ٿي بندوق کڻڻ تي هريل هوندو آهي. تنهنڪري هن مرحلي ۾ ليڈرن جي لفاظيءَ کيس ذرو ٻه مطمئن ڪري نه سگهندي آهي، ۽ هو انهيءَ لفاظيءَ کي نسورو ڪوڙ ۽ ڪليل دوکيبازي سمجهندو آهي.

عوام کي ڪچلڻ ۽ دٻائڻ وارو طريقو جيئن ته اڳ ۾ غير ملڪي حڪمران استعمال ڪري چڏيندا آهن، جنهن مان عوام اڪري پار پيل هوندو آهي، تنهن ڪري کيس پنهنجي قومي حڪمران مان ٻه غير ملڪي حاڪميت جو پرتو ۽ پاڇولو نظر ايندو آهي، تنهن ڪري هو وڌيڪ ڪنهن ٻه صورت ۾ انهيءَ حڪمران کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيندو ۽ هر حالت ۾ ان حڪمران کان ڇوٽڪاري لاءِ ٻين سهارن جي تلاش شروع ڪندو.

انهيءَ ڳالهہ مان خبر پئي ته ملڪ ۾ انتشار ۽ بغاوت جو وڏو سبب سياسي تعليم جي ڪمي تي هوندو آهي. انهي ڪري شروع ۾ ئي پارٽيءَ کي عوام جي سياسي شعور کي بلند ڪرڻ، منجهس ملڪي ۽ قومي مسئلن جي اهميت کي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

سياسي تعليم جي سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته سياسي پارٽين کي هن ڳالهه تي سنجيدگي ۽ بردباريءَ خبرداريءَ هوشياريءَ سان ڏيان ڏيڻ گهرجي ته پارٽين جا مرڪز شهرن جي بجاءِ ڀهراڙين ۾ هڻڻ گهرجن. جتي باقاعدي تعليم ۽ تربيت جا اسڪول هجن. ليڊر شپ اهڙي هڻڻ کپي، جيڪا ڀهراڙيءَ جي عوام جي ذهني، نفسياتي ۽ سماجي سوچن، لاڙن ۽ قدرن کان پوري ريت واقف هجي. عوام کي سمجهايو وڃي ته غير ملڪي حاڪمن جي خلاف جيڪي نعرا، تقريرون ۽ نڪته چينيون ٿيون آهن، سي گهٽو ڪري منفي قسم جون آهن، جن جو گهٽي حد تائين مقصد غير ملڪي حڪمرانن کي ڏکي ملڪ مان ٻاهر ڪيڻ هو.

اهي ساڳيا طريقا ۽ نمونا قومي حڪومت ۽ نئين آزاد ٿيل رياست اندر استعمال قومي مصيبت کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهن.

آزاديءَ جي جنگ هلندي دشمن کان ڦريل ۽ آزاد ڪرايل علائقن ۾ باقاعدگي تنظيم ۽ تربيت سان ماڻهن کي آباد ڪري، خريد و فروخت، ڏيتي ليتي، ڏنڊي داڙي ۽ هنر سان لڳايو وڃي. هنري گهر کوليا وڃن. ٻارن، عورتن ۽ پوڙهن کي پڙهائڻ لاءِ نئين قسم جا اسڪول ۽ مرڪز هلايا وڃن. هنن کي هڪ نئين دنيا تخليق ڪرڻ، نئون جهان تيار ڪرڻ ۽ جنت تعمير ڪرڻ جي تبليغ ڪئي وڃي. پنهنجي ضرورت هڪ ٻئي جي مدد سان پوري ڪرڻ جي سکيا ڏني وڃي. پوڪ جا جديد ذريعا ۽ مربوط زندگي گهارڻ جا سائنسي ڍنڍ رائج ڪيا وڃن. عوام سان اهڙي هلت ۽ رويو اختيار ڪجي جو هو محسوس ڪري ته واقعي غير ملڪي غلاميءَ مان سندس جان ڇٽي آهي. هو آزاد زندگي گهارڻ جو اهل آهي. سندس قومي پارٽي پنهنجي مقصد ۽ واعدن ۾ واقعي سچي آهي.

ماڻهن کي اهو عمل سان ثابت ڪري ڏيکارجي ته ليڊر عوام

کان سواءِ کا حیثیت نہ ٿو رکي ۽ عوام قیادت کان سواءِ تشدد پسندن جو ڇڙواڳ گروھ ۽ انبوھ آھي، جیکو ڏوڙھ ۽ وڙھڻ تہ ڇاٽي ٿو پر کیس خبر کانھي، تہ ڇالاءِ وڙھڻ گھرجي ۽ کیڏانھن پیش قدمي ڪجي. ھن موقعي تي جیکڏھن آئون انڊي ۽ منڊي واري آکاٽي جو حوالو عوام ۽ لیڈرن جي باري ۾ ڏیان تہ منھنجي خیال ۾ بلکل ٺیک ٿیندو.

عوام ھڪ انڊي طاقت آھي ۽ لیڈر عوام کان سواءِ منڊو آھي.

لیڈر عوام جي ڳُلھي تي چڙھي کیس صحیح دڳ ڏیکاري ٿو. عوام، قائد کان سواءِ بیڪار ۽ عوامي طاقت کانسواءِ بي معني. اھا ڳالھہ لیڈرن ۽ پارٽي ورکرن جي ذھن ۾ پکي طرح ویھل ھڻڻ گھرجي.

ورکرن مان ذاتي رنجشون، ذاتي پسند، ناپسند، عھدن لاءِ ویڑھہ جھڙیون ڳالھیون ختم ڪرایون وڃن، ان لاءِ بھتر طریقو اھو آھي تہ پارٽيءَ ۾ مڪمل جمھوریت قائم ھجي ۽ پارٽيءَ جا عھدا پرستش ۽ پوڄا جي بجاءِ ذمیوارین ۽ عوامي خدمت ۽ جواب دھي جا نمونا ھڻڻ گھرجن.

ھٿیاربند ویڑھہ کانسواءِ حڪومتن کي مفلوج بنائڻ لاءِ ڪیترائي بیا طریقا عوام کي عملي طرح سیکاریا وڃن. مثال طور: ھڙتالون، عدم تعاون، بائیڪاٽ وغیرہ منھنجي خیال ۾ اھي طریقا آمریت کي ناڪام بنائڻ لاءِ مؤثر ھٿیار آھن. اھي طریقا انھيءَ صورت ۾ وڌیڪ فائدیمند آھن، جڏھن عوام ۾ صحیح سیاسي شعور ھجي ۽ مضبوط تنظیم جو ڄار پوري ملت ۾ پکڙیل ھجي.

سیاسي تنظیمن لاءِ ھڪ ٻہ ڳالھیون تمام ضروري آھن.

(1) ڪنھن بہ تنظیم جو دارومدار ھڪ شخص یا چند شخصن تي نہ رکڻ گھرجي، بلڪ پورو زور ڏیان ۽ توجھہ تنظیم، ان جي ڪارڪردگي، پروگرام، منشور ۽ ڏانچي تي ڏیڻ گھرجي. جو تہ شخصن

تي دارومدار رکڻ جي حالت ۾ فوجي فاشسٽ گهٽو ڪري پهرئين حملي ۾ انهيءَ شخص يا شخصن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. نتيجي طور عوام پاڻ کي فوجي آمرن جي رحم و ڪرم تي اڇلائي ڇڏيندو آهي ۽ فوجي آمريت مضبوط ٿي ويندي آهي. جيئن بنگلاديش ۾ مجيب الرحمان جي شهادت کانپوءِ تاج الدين احمد، قمر زمان ۽ ٻين ليڈرن جي شهادت وقت ٿيو. ان جي ابتڑ پوري تنظيم کي ختم ڪرڻ- جنهن جو هر ورڪر پنهنجي جاءِ تي وڏو مورچو هوندو آهي، ڪنهن به آمريت جي وس جي ڳالهه ڪانهي. جيئن گانڌي جي موت سان ڪانگريس ختم نه ٿي.

(2) دشمن جي خلاف جنگ آزادي هلندي به فوجي ۽ گوريلا جٿن جي سربراهي ۽ اڳواڻي، سياسي پارٽيءَ جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي. هنن جي هر قدم، هر نقل ۽ عمل تي پارٽيءَ جي نگراني هجڻ تمام ضروري آهي.

(3) پارٽيءَ جي نگرانيءَ هيٺ ورڪرن ۽ گوريلن کي هڪ ئي وقت ۾ متضاد ڳالهين تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي. هڪ آهنسا (عدم تشدد) ۽ ٻيو هنسا (تشدد). پارٽيءَ جو ڪو به ڪارڪن ٻئي ڪارڪن جي خلاف سختيءَ وارو رويو اختيار نه ڪري. جيڪڏهن ڪو به ورڪر اهڙو جُرم ڪري ته کيس سخت سزا ملڻ گهرجي. اهڙي ماڻهو کي ڇڏي ڏيڻ هڪڙن ورڪرن ۾ مايوسي ۽ بددلي پيدا ڪندو ۽ ٻين ۾ معتبري، چڑواڳي ۽ ڏاڍ مڑسي پيدا ڪندو.

تشدد صرف دشمن جي سپاهين، انهن جي جاسوسن، ويڑهو رضاڪار جٿن، غداري ڪندڙن خلاف ڪرڻ گهرجي. پنهنجي قوم ۽ عوام کي دشمن جي صفن ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو گهٽ ڏيڻ گهرجي. انهن کي پاڻ سان شامل ڪرڻ گهرجي ۽ دشمن سان ملڻ کان روڪجي يا غير جانبدار بنائجي.

[ڪارونجهر جو چوٿون ڪتاب، ڊسمبر 1977ع]

مضمون

سنڌ جي موجوده صورتحال ۽ اسان جون جوابداريون

حقيقت ۾ سنڌ جي صورتحال تي تفصيلي ۽ غور سان بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي. گذريل سال، سنڌ اندر ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪي حادثا ۽ واقعا ٿيا آهن، جن سنڌي قوم کي بحران، ڊپ ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

جيئي سنڌ تحريڪ، هميشہ پنهنجي مؤقف جو واضح اعلان ڪندي آئي آهي تہ سنڌ، پنجابي قوم جي غلاميءَ هيٺ ڪالوني بڻيل آهي. گذريل دؤر ۾ ٽيو ائين آهي تہ پناهگير فيڪٽر (Factor) دهشت گرديءَ جي اهڙي ڪيفيت پيدا ڪئي آهي، جو اسان جو اصل توجهہ، اسان کي غلام بڻائيندڙ پنجاب سامراج کان هٽي، سنڌ جي ٻن شهرن ڪراچي ۽ حيدرآباد تائين محدود ڪيو ويو آهي، جتي پنجاب جو دلال پناهگير دهشتگرديءَ جي بازار گرم ڪيو ويٺو آهي. نتيجي طور اسان جا شهر ائين پيا ڏسڻ ۾ اچن تہ اسان کان کسجي ويا آهن. ان کان سواءِ فسادن جي ڪري شهرن جو واپار تباهہ ٿي ويو آهي. اسان جي مارڪيٽ، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان تبديل ٿي، لاهور ۽ فيصل آباد بنجي رهي آهي. اسان جو پئسو پنجاب وڃي رهيو آهي، جيڪو اسان کي "بينڪ" (Coloney) بنائي ويٺو آهي.

پيو: اسان کي سنڌ ۾ رهندي غير يقيني صورتحال سان منهن ڏيڻو پيو آهي. 1988ع جي چونڊن ۾ پيپلزپارٽيءَ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي صورت ۾ پ پ پ جو فرض هو تہ سنڌي قوم جو وقار ۽ عزت بلند رکي ها ۽ شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جو تحفظ ڪري ها. پر پ پ پ باوجود حڪمران جماعت هجڻ جي، سنڌين جي وقار ۽ عزت جي بحاليءَ ۽ کين تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل

ناڪام رهي آهي. هونئن به پيپلز پارٽيءَ تاريخي طرح سنڌ دوست نه رهي آهي ۽ ان جي ليڈرن جو عمل ۽ ڪردار به سنڌ دوست نه رهيو آهي. اڄ پيپلزپارٽي، ايم ڪيو ايم جي 14 اسيمبلي ميمبرن وٽ يرغمال آهي. نتيجي طور جيڪو ماڻهو آزاد ٿئي ٿو سو پناهگيرن جو ۽ جيڪو مطالبو مڃجي ٿو سو ايم. ڪيو. ايم جو سنڌي ماڻهو پليسمينٽ بيورو ۽ پيپلز ورڪس پروگرام جي آسري ۾ آهن، جتان اڃا تائين ڪجهه به ڪو نه ملیو آهي. مٽان وري پ پ پ تي آءِ جي آءِ (I.J.I) جو ڊپاءُ آهي. آءِ جي آءِ وارا پنجابي، پنهنجي پنجاب لاءِ جيڪي حق گهرن ٿا، سي حق ئي پيپلز پارٽيءَ وارا اسان سنڌين کي ڏين تہ به ڪا ڳالهه ڪهي. پر ائين ڪرڻ کان به پيپلز پارٽي قاصر آهي. ان صورت ۾ اسان کي پ پ پ توڙي آءِ جي آءِ جو ساٿ ڏيڻ نہ گهرجي. آءِ جي آءِ وارا سنڌ دشمن ۽ آمريڪي سامراج جا دلال آهن ۽ پيپلزپارٽي پنهنجي هيئت، ڪيفيت ۽ حڪمت عمليءَ (Strategy) موجب سدائين سنڌ دشمن رهي آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجي پاليسي پنجاب دشمن بنائڻ گهرجي، جيڪا پنهنجي جوهر ۾ لازمن آمريڪا دشمن آهي.

○

[پڙاڏو سيپٽمبر 1989ع، شمارو-8]

ٽٽي ۾ ڏاڙيل

سنڌ تي ڏارين قومن ۾ فاتحن جا حملا ۾ هلائون ته هر دؤر ۾ ٽيندا رهيا آهن ۾ نه وري ڪنهن فاتح جو حملو ۾ غارت سنڌ وارن لاءِ نئين ڳالهه ئي آهي، پر جنهن واقعي ۾ حملي جو آئون ذڪر ڪري رهيو آهيان، سو پنهنجي قسم جو منفرد ۾ عجيب واقعو آهي ۾ اهڙو واقعو شايد ئي سنڌ جي تاريخ ۾ پيش آيو هجي.

سنڌ جي تاريخ ۾ اسان ڏٺو آهي ته جڏهن به ڪنهن باهرين طاقت سنڌ تي حملو ڪيو آهي، تڏهن سنڌ جي ماڻهن ان جو مقابلو پئي ڪيو آهي ۾ جيڪڏهن اٽ سنڌي ماڻهو قتل ٿيا آهن ته چار حملي آور به ضرور مُئا آهن. ليڪن هن واقعي ۾ حملي آور فوج جي ڪنهن سپاهي کي رهڙ به ڪانه آئي ۾ سڄو نقصان سنڌي ماڻهن جو ٿيو. اهو واقعو آهي ٽٽي تي پورچوگيزن جو حملو ۾ تباهي. جيڪو مرزا عيسيٰ ترخان جي ڏينهن ۾ پيش آيو.

سنڌ جي تاريخ پڙهندڙ ڪنهن به ماڻهو کان هي ڳالهه ڳجهي ڪانه هوندي، ته ارغون بادشاهه شاهه حسن بنا اولاد جي مري ويو ۾ سنڌ جي حڪومت سندس ٻن سپهه سالارن، هر هڪ مرزا عيسيٰ ترخان ۾ سلطان محمود ۾ ورهائجي وئي. اپر سنڌ تي سلطان محمود ۾ لاڙ واري حصي تي مرزا عيسيٰ حڪومت ڪرڻ لڳو.

ڪجهه وقت کان پوءِ ٻنهي سپهه سالارن ۾ اٽڪٻٽ شروع ٿي. سلطان محمود فوجي طاقت ۾ سرس هو ان ڪري مرزا عيسيٰ پنهنجي مدد لاءِ پورچوگيز کي خط لکيو ۾ نتيجي طور پورچوگيزي جهاز سنڌ مان اچي نڪتا.

پورچوگيز يورپ جي اها واحد قوم آهي، جيڪا آفريڪا ۾

هندستان ۾ سيني کان اڳ ۾ پهتي ۽ هندستان مان هندستان جي آزاديءَ کان پوءِ ويئي آهي. جڏهن جواهر لال نهرو جي حڪومت گووا تي قبضو ڪري پورچوگيزن کي ڏڪي ڪڍيو. آفريڪا مان انگولا جي آزاد ٿيڻ سان پورچوگيزن جا ٽپڙ هميشه لاءِ ويڙهجي ويا.

هن ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ ناهي ته ننڍي کنڊ جي واپاري جي واپاري شين جي گهرج قرون وسطيٰ ۾ يورپ جي مارڪيٽ چڱي خاصي هئي. اهي شيون خشڪيءَ جي رستي يورپ پهچنديون هيون. ليڪن ترڪن جي عروج کان پوءِ خشڪيءَ جو رستو ڏري گهٽ بنهه بند ٿي ويو ان ڪري هندستان سان يورپ کي تجارت وسيلي ڳنڍ لاءِ هڪ نئين رستي جي ضرورت محسوس ٿي ۽ اهو رستو صرف سامونڊي ٿي سگهيو ٿي.

يورپي قومن مان سيني کان پهرين پورچوگيزن ننڍي کنڊ جو رستو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. پرتگالي شهزادي هنري (1220ع ـ 1393ع) جو نالو سرفهرست آهي. جنهن کي ماڻهو ملاح شهزادي جي نالي سان سڏيندا هئا. هن ملاحن کي سائنسي بنيادن تي سکيا ڏيڻ لاءِ اسڪول کوليا ۽ اهڙي ماڻهن جي سرپرستي ڪئي. جن سامونڊي سفر جو ڏندو اختيار ڪيو هو. پورچوگيزن جي انهن ڪوششن جو اهو نتيجو نڪتو جو اهي آفريڪا جي ساحل کان پوري ريت واقف ٿي ويا ۽ 1481ع ۾ درياءَ ڪاگو تائين وڃي پهتا. 1497ع ۾ واسڪوڊي گاما بادشاهه ايمونيل جي سرپرستيءَ هيٺ سامونڊي سفر تي روانو ٿيو. واسڪوڊي گاما موزمبيق مان هڪ عرب ملاح جي مدد سان اپريل 1498ع ۾ ننڍي کنڊ ۾ پهتو. هڪ مهيني جي مسافري کان پوءِ هو ڪالي ڪٽ پهتو. ڪالي ڪٽ جي حڪمران انورت هن جو وڏو آدر ياءُ ڪيو ۽ ڪجهه خاص رعايتون ڏنيو.

ننڍي کنڊ ۾ واسڪوڊي گاما جي اچڻ کي عربن سڀي نظر سان

نہ ڏنو ان ڪري واپار ۾ عربن ۽ پورچوگيزن جي رقابت شروع ٿي وئي ان ڪري واسڪوڊي گاما 1500ع ۾ موتي وري هندستان آيو ۽ ڪنانور ۾ فيڪٽري جو بنياد وڌائين 1503ع ۾ هو وري واپس هليو ويو.

عربن جي مخالفت جي باوجود پورچوگيز ڪالي ڪٽ ڪوچين ۽ ڪنانور ۾ پنهنجا واپاري مرڪز قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. انهيءَ ڪاميابيءَ کان پوءِ هنن، عربن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. عربن جي طرفداريءَ ۾ بادشاهه زمورن، پورچوگيزن تي ڪوچين ۾ حملو ڪيو پر ڪيس پورچوگيزن کي هتان ذلت آميز شڪست کائڻي پئي. انهيءَ واڌاري کان پوءِ پورچوگيزن جي جنگي برتري تسليم ڪئي وئي. هنن اڳتي هلي ڊي آملیڈا جي وقت ۾ پنهنجي بحري طاقت کي مضبوط ڪيو سگهيءَ تي اڏا قائم ڪرڻ کان گوشائتا رهيا. تاهم گهٽو وقت هو پنهنجي (آبي پاليسي) تي مضبوط نہ رهيا ۽ هنن خشڪيءَ تي پنهنجون ڪالونيون قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ هنن 1510ع ۾ گووا تي قبضو ڪيو. پوءِ ملاڪا کي هڙپ ڪيائون. اڳتي وڌندي 1515ع ۾ هنن خليج فارس جي هڪ ٻيٽ ارمز کي فتح ڪيو. گووا کي پنهنجين ڪالونين جو مرڪز بنايائون. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ کان پوءِ هنن مقامي طرح راجائن جي رقابت ۽ دشمنيءَ مان فائدو وٺي پنهنجي حڪومت وڌائڻ جا جتن شروع ڪيا ۽ مسواڙ تي جهاز ۽ فوجون موڪلڻ جو ڏنڈو پڻ جاري رکيائون. ان ڏنڈي سان گڏ هو پنهنجي فتوحات جي سلسلي کي به وسيع کان وسيع تر ڪندا پئي ويا. 1534ع ۾ ومن ڊيپ کي فتح ڪيائون. 1545ع گجرات جي حڪمران پورچوگيزن تي حملو ڪيو ليڪن شڪست کائي ويو.

ساموندي لڙاين جي سلسلي ۾ پورچوگيز اميرالبحر بيڊ رودیریٹورونن مرزا عيسيٰ جي دعوت تي 1555ع ۾ ست سؤ سپاهين ۽ اٺاويهن جهازن سان اچي لنگر انداز ٿيو. انهيءَ جي اچڻ کان پوءِ

جيڪي وهيو واپريو سو سنڌ جي تاريخ ۾ هن ريت آهي.

پورچوگيزن عيوضو گهريو جواب مليو ته جڏهن توهان ڪوئي ڪمر نه ڪيو آهي، تڏهن عيوضو ري چا جو. اهو جواب ٻڌي پورچوگيز ڪاوڙجي ويا ۽ هنن موقعو تاڙي نٽي تي حملو ڪري ڏنو. نتيجي طور اٺ هزار ماڻهو ماريا ويا ۽ ايترو مال ڦري کڻي ويا جيترو خود انهن جي چوڻ موجب کين ايشيا ۾ ڪٿي به ڪونه مليو هوندو. غلام رسول مهر هيڪ جي حوالي سان لکي ٿو:

(1) پورچوگيز گورنر بسين ۾ هو جڏهن مرزا عيسيٰ طرفان مدد جي درخواست پهتي ته هن پيڊروبيريٽو رولن کي ست سؤ اناويهه جهاز ڏيئي موڪليو.

(2) هي ٻيڙو جڏهن نٽي پهتو تڏهن مرزا عيسيٰ نٽي ۾ موجود نه هو پر ولي عهد مرزا باقي موجود هو. جنهن پورچوگيز سالار سان ملاقات ڪئي ۽ مرزا عيسيٰ کي پورچوگيزن جي اچڻ جو اطلاع ڏنو.

(3) ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پورچوگيز سالار ٻڌو ته مرزا عيسيٰ دشمنن سان نٿي ويو آهي ۽ هاڻي مدد جي ضرورت نه رهي اٿس. ان ڪري ولي عهد کي چيائين ته جيڪا رقم مون کي ڏيڻي ڪئي وئي هئي، سا ڏني وڃي. ولي عهد جو جواب اطمنان جوڳو نه هو ان ڪري پورچوگيز امير البحر شهر ۾ داخل ٿي ويو. ڪاوڙ ۾ اچي هن اٺ هزار ماڻهو قتل ڪيا. ويهه لک پائونڊن کان وڌيڪ سامان ساڙي ڇڏيائين ۽ مال غنيمت مان جهاز ڀري کنيائين. جيڪو مال ايشيا جي بهترين مال غنيمت مان هو. انهيءَ پوري ڪارروائي ۾ هن جي هڪ به ماڻهو کي نقصان نه پهتو. لاهري بندر جي قلعي وارن ماڻهن ٿوري گهڻي مزاحمت ڪئي، جنهن تي اهو قلعو رهواسين سوڌو مليامينٽ ڪيو ويو.

هڪ فرانسسي تاريخدان جو چوڻ آهي ته:

پهرين امير البحر کي حملي ڪرڻ ۾ اڻ تڻ هئي، پوءِ هن سڀ

کان پهرين هڪ مسجد تي قبضو ڪيو ان کان پوءِ شهر تي قبضو ڪيائين ۽ ماڻهن کي ناقابل تصور بيدرديءَ سان قتل ڪيائين، ايستائين جو بي زبان جانورن کي به نه ڇڏيائين. ٿتي کان واپسي وقت پورچوگيز دريا جي ٻنهي ڪنارن جي آبادين تي حملا ڪندا هر ڳوٺ کي تباهه ڪندا ويا.

علي شير ٿتوي لکي ٿو: فرنگين جمعي جي ڏينهن جامع فرخ ۽ ٻين جاين تي گهٽ ماڻهن کي قتل ڪيو. گنج شهيدان کان سواءِ بازار امير بيگ جامع فرخ جي آس پاس ۽ ٻين جاين تي جن شهيدن جون قبرون آهن، اهي سڀ فرنگين جا ڪُٽل آهن. پورچوگيزن جا اهي ڪلور ئي هئا، جن کي ڏسي لطيف چيو هو:

معلم ماڳ نه اڳئين، فرنگي منجهه ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا.

انگريزن جي اچڻ کان اڳ ۾ پورچوگيزن جو ڪافي اثر رهيو ۽ پرتگالي زبان جا ڪيترا لفظ آهن، جيڪي مقامي ٻولين ۾ رائج ٿي ويا. مثال 'بالتي'، 'ڪمرو' ۽ ٻيا لفظ

هڪڙي ڳالهه هئي ته آفريڪا ۾ جيڪا هنن نسلي پاليسي اختيار ڪئي، سا هن نندي کنڊ ۾ نه ڪيائون. ان جي ابتڙ هتي هنن مقامي ماڻهن سان شاديون ڪرڻ ۽ شاديون ڪرائڻ تي زور ڏنو.

○

[ڪارونجهر پبليڪيشن جو ٽيون ڪتاب، نومبر 1977ع]

مضمون/ ترجمو

ماکي- قدرت جو بيش بها عطيو

قديم زماني کان ماکيءَ جو استعمال ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ٿيندو پيو رهي. ڳاڙهاڻ ۽ پيلاڻ جهڙي رنگ جي هيءَ خوشبودار شيءِ انسان لاءِ قدرت جو سڀ کان وڏو ۽ بيش بها عطيو آهي. قديم زماني ۾ ان کي "ديوتائن جي خوراڪ" چيو ويندو هو. گلن جي رس مان حاصل ڪيل هي هڪ اهڙو امرت آهي، جيڪو ڪنڊ کان ٻيٽو منو ٿيندو آهي. اسين جيڪا ڪنڊ استعمال ڪريون ٿا، ان جو فقط هڪ ذائقو هوندو آهي، پر ماکيءَ جا ڪيترائي ذائقا ٿيندا آهن.

ماکيءَ جي جنس ۽ خوشبوءِ جو دارومدار انهيءَ ٻوٽي تي هوندو آهي، جنهن مان اها حاصل ڪئي ويندي آهي. ماکي کاڏي پيتي جي سيني شين ۾ وڌيڪ خالص ٿئي ٿي ۽ گهٽو ڪري ان تي جيوڻن جو اثر بہ نٿو ٿئي. ان کي جنهن بہ شئي ۾ ملايو وڃي ٿو ان جي سموري رطوبت ماکيءَ ۾ جذب ٿيو وڃي، ڇو تہ ان ۾ پوتاشيم جو معقول مقدار موجود هوندو آهي. ماکيءَ ۾ اها خاصيت بہ هوندي آهي، جو جيڪي بہ ڪيڑا ماکوڙا ان تي ويهندا آهن، انهن کي فنا ڪري ڇڏيندي آهي.

ڪن سائنسي تجربن سان اهو انڪشاف ٿيو آهي تہ خالص ماکيءَ سان مُدي جي بخار جا جيوڙا 48 ڪلاڪن اندر ۽ پيچش جا جيوڙا فقط 10 ڪلاڪن اندر مري ويندا آهن.

ماکي، عام ڪنڊ وانگر انساني معدي ۾ وڃي سولائيءَ سان خمير نٿي ٻڌجي، بلڪ ان ۾ پنهنجي حالت ۾ قائم رهڻ جي زبردست ۽ غير معمولي خاصيت هوندي آهي. هڪ واقعو مشهور آهي تہ 1932ع ۾ جڏهن مصر ۾ هڪ مقبرو کوٽيو ويو تہ، ان مان بہ ماکيءَ سان پريل هڪ برتن نڪتو جيڪو ماهرين جي راءِ مطابق اٽڪل 3300 سال پراڻو ٿي

چڪو هو. وقت گذرڻ سان ماکيءَ جو رنگ ته ڪارو ٻڌجي ويو هو. پر ان جي ذائقي ۾ ڪو به فرق ڏسڻ ۾ نه آيو.

ماکي هڪ اهڙو حيرت انگيز رس آهي، جيڪو هزارين ماکيءَ جون مکيون، لکين گلن ۽ ٻوٽن مان ڪڍن ٿيون. انهن ۾ ڪيترا دوائي ٻوٽا به شامل هوندا آهن، جن جون خاصيتون به ماکيءَ ۾ شامل ٿي ويندیون آهن. ماکيءَ جو هر هڪ ڦڙو مختلف معدنيات جهڙوڪ: ٽاموڪ، لوهه، ميگنيز، پوٽاشيم، سوڊيم، فاسفورس، سلفر، ايلومينيم، ڪلورين، ڪيلشيم، ميگنيشيم ۽ صحت لاءِ ضروري وٽامنن ۽ پروٽينن سان ڀرپور هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ذيابطيس جا مرض به، جن کي معمولي کنڊ سخت نقصان پهچائيندي آهي، خالص ماکيءَ کي برداشت ڪري ويندا آهن.

ماکيءَ ۾ جيڪي معدني جزا موجود آهن، اهي بين غذائي شين ۾ گهٽو ڪري نه هوندا آهن. تنهنڪري اسين جيڪڏهن پنهنجي روزمره جي خوراڪ ۾ ماکيءَ جو ٿورو مقدار شامل ڪري چڏيون ته اها جيڪر اسان جي جسم لاءِ نهايت قوت بخش ثابت ٿئي. جيئن ته ماکي گلن مان انهيءَ وقت گڏ ڪئي ويندي آهي، جڏهن سج جا پهريان ڪرڻا انهن تي پوندا آهن، تنهنڪري ان ۾ هڪ اهڙي قدرت پيدا ٿيندي آهي، جنهن ۾ جسم کي توانائي بخشڻ، ٻڪ پيدا ڪرڻ، خوراڪ کي صحت بخش ۽ حرارت بخش بنائڻ جي غير معمولي طاقت موجود آهي.

يونان جو مشهور حڪيم "بقراط"، جنهن کي "باباءِ طب" سڏيو ويندو آهي. 107 سالن تائين جيئرو رهيو. چاکاڻ ته هو هميشه پنهنجي خوراڪ ۾ ماکي واپرائيندو هو ۽ ان سان ئي ڪيترين بيمارين جو علاج پڻ ڪندو هو. ماکي نزلي، زڪام کي دُور ڪري ٿي ۽ ٻارن جي هڏين ۽ ڏندن کي وڌڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. قديم روسي ادب ۾

ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙو ذڪر ملي ٿو ته لڙاين ۾ زخمي ٿيندڙ سپاهين کي ماکيءَ جي مدد سان چگو پلو ڪيو ويندو هو. هن وقت به زخمن يا باهه سان سڙيل عضون جو ماکيءَ سان علاج ڪيو ويندو آهي.

ماهرن جو چوڻ آهي ته ماکي سلهه ۾ دق جي مريضن لاءِ به مفيد آهي. اها انساني رت جي خلين کي قابو ۾ رکي ٿي ۽ انهيءَ تيزابيت کي دور ڪري ٿي، جيڪا معدي جو ناسور پيدا ڪندي آهي. يوناني ۽ آيورويدڪ طبيب قديم زماني کان ئي ماکيءَ کي دوا ۽ غذا جي طور تي استعمال ڪندا آهن.

ماکيءَ کي ٻين به ڪيترن ئي طريقن سان ڪم آڻي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ماکي ۽ کير کي ملائي استعمال ڪجي ته اهو مرڪب دلپسند هجڻ سان گڏ قوت بخش ۽ زود هضم به ٿئي ٿو.

ماکيءَ جي هڪ چمچي ۾ 45 ڪيلريون ٿيندڙ آهن ۽ ان ۾ 7965 سيڪڙو نشاستو ٿئي ٿو. ان جي پيٽ ۾ عام ڪنڊ ۾ 9965 سيڪڙو نشاستو هوندو آهي، پر معدني جزا ۽ وٽامن ڪونه هوندا آهن. عام ڪنڊ جسم ۾ ٽولهه پيدا ڪري ٿي، جو ته ان جي هڪ چمچي جيتري مقدار ۾ 60 ڪيلريون ٿين ٿيون. ماکي هارن توڙي پوڙهن کي سولائيءَ سان هضم ٿي سگهي ٿي، چاڪاڻ جو ان کي ماکيءَ جون مکيون اڳواٽ ئي هضم ڪريو ڇڏين، جنهن جي نتيجي ۾ معدي کي ماکي هضم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ محنت نٿي ڪرڻي پوي.

جيئن ته ماکيءَ ۾ هڪ قسم جو ڪيميائي تيزاب موجود هوندو آهي، تنهنڪري اها جيوڙا پيدا ٿيڻ، سڙڻ يا خراب ٿيڻ کان اڻ مقرره عرصي تائين محفوظ رهي ٿي. ماکي چاهي ڪنهن به گرم يا خشڪ هنڌ تي رکي وڃي، خراب نه ٿيندي.

پهلوان يا اهڙا ماڻهو جن کي غير معمولي جسماني مشقت سان ڪم ڪرڻو پوي ٿو جيڪڏهن ماکي استعمال ڪندا رهن ته کين


پهنجي وجايل طاقت ٻيهر حاصل ڪرڻ ۾ تازه دم ٿيڻ ۾ مدد ملي سگهندي. ان سان گردن کي به آرام ملي ٿو ۽ هيءَ هڪ اهڙي سڪون بخش غذا آهي، جنهن سان معدي کي آسودگي ۽ تسڪين حاصل ٿئي

ماکيءَ جي استعمال سان سخت کنگهه کي به آرام پهچي ٿو ۽ ان سان اعصاب جو درد ۽ بيچيني دور ٿئي ٿي. جن ماڻهن کي ننڊ نه ايندي هجي، اهي جيڪڏهن روزانه شام جو کاڌي سان گڏ هڪ چمچو ماکي واپرائين تہ کين فائدو پهچندو.

هڪ آمريڪي ڊاڪٽر جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن جسم اندر معدني جُزا گهٽ هجن تہ انهن کي پورو ڪرڻ جو هڪ آسان نسخو هي آهي تہ صوف جي سُرکي جي ٻن چمچن ۾ ايتري ئي ماکي وجهي استعمال ڪئي وڃي تہ ان سان سنڊن جي سُور کان وٺي دم تائين ۽ چمڙيءَ جي سيني بيمارين کان چوٽڪارو ملي سگهندو.

○

[سائنس، آگسٽ 1971ع]



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.